ثي نه محبت مات

عبدالواحد آريسر

روشني

kaptan abro

ٿي نہ محبت مات

[عدالتي بيان]

عبدالواحد آريسر

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2016ع

Roshni Book No. 751

ڪتاب جو نالو: تي محبت نہ مات (عدالتي بيان)

ليکڪ: عبدالواحد آريسر

چاپو پهريون: پنيور اشاعت گهر، 1976ع

چاپو ٻيو: © روشني 2016ع

ڪمپوزنگ: راز محمد لغاري

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

قيمت: -/150 رپيا

THI NA MOHABAT MAAT

by: **Abdul Wahid Areeser**

Composed by: Raz Muhammad Laghari
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
Second Edition © Roshni 2016

استاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتي حيدرآباد+ پتائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد + فيضان بوڪ ڊپو حيدرآباد + ورسٽي بڪ شاپ، جامشورو
شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه + حيدر ڪتب خانو، پٽ شاهه ڪائياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ مدني بڪ ڊپو لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه + مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر، ڪيرو + العزيز ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ + ٽر ڪتاب گهر، مٺي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو+ سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊپو دادو
عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ+ مرچو لال بوڪ ڊپو بدين + رحيم بوڪ ڊپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بشراج روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور + مولوي عبدالحئي شڪارپور+ سميد بوڪ مارٽ، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
مڪتبه عزيزيه، کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مرو+ قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو+ سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

نُور الدين سرڪيءَ جي نالي،
جيڪو هن ڪيس ۾ منهنجو وڪيل هو.

آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مڙيا،
پــر مــون ڪي اهـڙا مُـڙس وڙيا،

جـي پـنـهـنـجـو پـاڻ مـلـهـائـي ويا،
ءِ لـوئـيءَ لـڄ بـچـائـي ويا!

(ايـاز)

مظلوم قوم جو فرزند

□ هي ٹرپارکر ضلعي جو ويڙل آهي. رواجي گمنام زندگيءَ مان هن اهڙي شهرت حاصل ڪئي آهي، جو اُن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هيءُ تقرير ۽ تحرير ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

مٿس مضمونن ۽ تقريرن کان سرڪار ناراض آهي، جو اُن کان گن لڪائي لِڪندو گهمي، ٻئي طرف شاگرد آهن، جي سندس پويان حيران ۽ سرگردان آهن تہ هي سندن مجلسن کي رونق افروز ڪري.

بدقسمتي اها آهي تہ هي مظلوم قوم سنڌيءَ جو فرد ٿي پيو آهي، جي مهاجرن ۽ پنجابين مان هجي ها، تہ نہ حڪومت کي سندس سحربيانيءَ جي ڪري ڪيس ڦاسائڻ جي همت ٿئي ها، ۽ نہ هو سرڪار کان لِڪي گذارڻ تي مجبور ٿئي ها!

جي. ايم. سيد

[ڪتاب: 'اڄ پڙ چڪير چاڪ']

بي مثال صلاحيتن جو مالڪ

□ هڪ دفعي محترم سائين جي. ايم. سيد چيو هو تہ:
"قدرت آريسر کي مولانا آزاد وانگر تحرير ۽ تقرير ٻنهي تي عبور عطا ڪيو آهي."

جي. ايم. سيد جهڙي پايي جي غير معمولي شخصيت طرفان اِهي لفظ نہ رڳو آريسر جي صلاحيتن جو واضح ثبوت مهيا ڪن ٿا، پر آريسر جي محنت ۽ جدوجهد کي ملندڙ سڀ کان وڏو خراج ۽ اعزاز آهن، جو تہ مشابهت واري شخصيت [مولانا آزاد] اُها آهي، جنهن آريسر جي روايتي ۽ بيجان زندگيءَ ۾ بغاوت جي پهرين چٽنگ ڏکائي؛ جڏهن تہ تشبيهہ ڏيندڙ شخص اُهو آهي، جنهن پنهنجي فڪري طوفانَ سان اُن چٽنگ کي پنيٽ بڻائي ڇڏيو.

منهنجو آريسر سان ساٿ، 1973ع ۾ هڪ قومي سوچ رکندڙ 'شاگرد' جي حيثيت سان شروع ٿيو ۽ اڄ [1985ع] تائين هڪ مضبوط قومي ۽ ذاتي بنڌڻ جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. انهن ٻارهن سالن جي عرصي دوران آريسر کي تمام ويجهو رهندي، مون جيڪا سڀ کان وڌيڪ خوبي [تحرير ۽ تقرير جي ميدانن کان سواءِ] منجهس ڏٺي آهي، سا آهي پنهنجي مخاطب کي متاثر ڪرڻ جي سندس غير معمولي صلاحيت. جيڪا سندس ماکيءَ جهڙي مٺي شخصيت، نرم ۽ نماڻي مزاج ۽ نهايت آسان ۽ مدلل ٻوليءَ جو نتيجو آهي.

منهنجي اکين اڳيان هر قسم جي ماڻهن آريسر سان ڪچهري ڪئي آهي، اُنهن ۾ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، ڳوٺاڻا ۽ شهري، مرد ۽ عورتون، بار ۽ ٻُڌا، هاري ۽ مزدور، شاگرد ۽ سرڪاري ملازم، مذهبي علماءَ ۽ مارڪسوادي دانشور، تاريخ جا ڄاڻو ۽ جديد دور جا جديد اديبَ، سياسي ڪارڪن ۽ برڪ سياسي ڏاها، همدرد ۽ ڪٽر سياسي مخالف، سڀ شامل آهن، پر اُنهن منجهان مون کي هڪڙو بہ اِهڙو ڪو نہ سُجهي، جنهن ساڻس هڪڙيءَ ملاقات کان پوءِ ٻيهر ملڻ جو اُتساهہ نہ ڏيکاريو هجي.

ـ خالق

رڙ جو راهي

حالتن جو اثر انسان جي شعور جو تعين ڪندو آهي ۽ شخصيت جي تعمير ۾. اِن ڳالهه کي مدنظر رکندي، مان هن ٽري ماڻهوءَ جي شعور جي وسعت، اعليٰ تدبر ۽ اڻ ٽڪ جاکوڙ جهڙين وصفن لاءِ کيس پيش آيل تڪليفن ۽ درپيش حالتن بابت سوچيندو، معلومات گڏ ڪندو ۽ کوجنا ڪندو رهان ٿو جن شعور جي وسعت، سوچ جي گهرائيءَ ۽ شخصيت جي تعمير ۾ سندس مدد ڪئي، جنهن هن جهڙي غريب جي پُٺ کي، سندن جي روايتن جي ابتڙ سنڌي قوم جي اڳواڻي ڪرڻ جو موقعو ڏنو .... نه مان ڪڏهن به انهن حالتن جو عيني شاهد ٿي ٿو سگهان، جن جو هن جي گرد گهيرو رهيو جن سان اُلجهندي، اٽڪندي، ٽڪرائجندي سندس شخصيت جي تعمير ٿي. ها! مون کي جيڪڏهن ڪجهه اشارا مليا تہ اُهي آهن: سنڌ جي ميداني علاقن جو ڇيهه، واريءَ جي پٽِن جي شروعات، ٽري گاهه ٻوٽن جي ساوڪ ۽ هڳاءُ، ميرانجهڙي متيءَ تي ٽڙيل پکڙيل پکا ۽ پنهوار. مينهن جو اوسيئڙو رڻ ۾ رات، جهڙ جي سمنڊ جي ڪاهه، واريءَ ۾ جذب ٿيندڙ بي نشان مينهن جي وسڪار، گجگوڙ ڪنوٽين جا ڪيل، وڃُ جيئن چمڪات ڪندڙ پٽائيءَ جي رسالي جي لفظن ۾ عالمِ انسانيءَ جي گهٽائيءَ جي هٿراڏو پيدا ڪيل بيوسي ۽ مجبوري، جنهن هيٺ قبضي ڪيل سنڌي قوم جي غلاميءَ کان آزاديءَ جي دل ڌاريندڙ رڙ آهي. جنهن ۾ آريسر جي آواز جو پڙاڏو به شامل آهي:

ڪر ڪٽا لاهي، سُک نہ ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

(شاهه)

ـ منل ملاح

ڏيئي لات اُهائي

سنڌ جو به ٻين ملڪن وانگر هڪ جسم آهي، ظاهري بوتو آهي ۽ مادي وجود آهي. اُن مادي وجود، ظاهري بوتي ۽ جسم ۾ سنڌ جا اُهي سرسبز ڪيت آهن، جن ۾ زندگي ڀيروي ڀائيندي آهي. سنڌو نديءَ جون مست ڇوليون آهن، جن جي لهر لهر ۾ سانَ (ڏِڳي) جي رانيارَ ۽ مست اُٽ جون گوڙيون آهن. پهاڙن جو چوٽيون آهن، جيڪي اُپريل اُرهن جو تقدس ڪنيو بيٺيون آهن. ٻاگهيءَ جي وارن جهڙا گهاٽا ٻيلا آهن ۽ صوفيءَ جي دل وانگر صاف، نرم ۽ ويڪرا وارياسا ميدان آهن. گهريون نيريون ۽ سايون ڏينڊون آهن، جن تي موسيقيءَ جي لهرن وانگر ٻيڙيون ترنديون رهن ٿيون. اهو سنڌ جو ظاهري بوتو آهي، جنهن ۾ هزارن سالن کان وٺي هڪ قوم رهندي اچي ٿي. انهيءَ ظاهري بوتي جي اندر سنڌ جو هڪ ضمير، ذهن ۽ روح به آهي. اُهو روح آهي، اسر ويل، چڙن جِي چُونگارَ پکين جا من جي گهرائيءَ ۾ لهي ويندڙ گيتَ، نار جو رهٽو چيٽ جون چانڊوڪيون ۽ چانڊوڪين جا ناچ، هاري ۽ پورهيت جي اُها شاندار ۽ لازوال محنت، جنهن سنڌ جي سدا ملوڪ ثقافت کي خلقيو تاتيو ۽ جوين تي پهچايو. بهادرانہ روايتون ۽ انهن روايتن جي اڪر اڪر ۾ سنڌ جي سُورويرن [بهادرن] جي ويرتا ۽ لال لهوءَ جا نيسارا، اُهي عشقيہ ڪهاڻيون ۽ ڪويتائون، جن جي سِٽَ سٽ ۾ پيار ۽ پنهنجائپ جا ياڪر، اُجايل چپڙن جي تاس، آسروند اکڙين ۾ اُڪنڊ جا الماس ۽ مجاز جي منڊ، زندگيءَ سان محبت ۽ خوبصورتيءَ جا ڪومل ۽ ٻار جي مُرڪ جهڙا معصوم خوابَ، ملهاري منڊ جا ڪهنبا ڪپڙا، چوڙيءَ جو چِٽُ، ٻانهن جي لوڏ، شهپر جو وَٽُ، قلڙيءَ جي لِکَ، گج ۽ گربيءَ جي سونهن ۽ سوييا: ڏرتيءَ

جاون سان ازل ۾ ابد جو ناتو ۾ اُن ناتي کي نيائڻ لاءِ سِر ڏيڻ ۾ سِر وڃڻ جي ريت، پر سوپ ماڻڻ لاءِ، نہ رڳو شهادت لاءِ، محبت ۾ نفرت جا ڏينگ ۾ ماڻ، مُنهڙن جي مُرڪ، همرچا ۾ چلا، گيت ۾ سنگيت، سُر ۾ تار، لوليون، لاڏا، ميندي‌ءَ رتا هٿ ۾ ڪجلِ ينا نيٽ، ٽاهوءَ جي ٽاڏ ۾ وڙهڻ ويل 'مر ويسون مر ويسون سنڌ نہ ڏيسون' جا هُوڪرا ۾ ڪوڪرا! اهو سنڌ جو ازلي ۾ ابدي روح آهي، ضمير آهي ۾ ذهن آهي: آزاد رهڻ، آزاد گهارڻ ۾ آزادي‌ءَ سان سوچڻ.

تاريخ جي تمام ڏِگهي سفر ۾ غير قومي ۾ غير ملڪي حاڪمن، قومن ۾ تولن، ڪيئي پيرا سنڌ جو ظاهري بوتو جسم ۾ مادي وجود، نہ رڳو لوهي زنجيرن ۾ جڪڑيو آهي، پر اُن کي ڇيا ڇيا بہ ڪيو آهي، پيرن سان لتاڙيو آهي ۾ زندگي‌ءَ جي رونقن ۾ رنگينين کان محروم ڪرڻ ۾ ڪامياب بہ ويا آهن۔ سنڌ جو ظاهري بوتو تاريخ جي ڪيترن ئي دورن ۾ غلامي‌ءَ ۾ محڪومي‌ءَ جي اوندهہ ۾ وڪوڙيل ۾ گهيريل بہ رهيو پر انهي‌ءَ پوري عرصي ۾ سنڌ جي ضميرَ جي لاٽ ٻرندي رهي، اُن جو ذهن، سفيد ڪبوتر وانگر پولارن ۾ پرواز ڪندو رهيو ۾ اُن جو روح دريا خان بڻجي، شهباز وانگر عقابن سان اٽڪندو رهيو آهي. تاريخ جي انهي‌ءَ ڊگهي سفر ۾ جيتوڻيڪ مادي هٿيارن ۾ حربن سان گڏ ذهني ۾ روحاني چالاڪين جي ذريعي سنڌ جي روح ۾ ضميرَ کي بہ مارڻ ۾ سمهارڻ جون انيڪ ڪوششون ٿيون ۾ وقتي ڪامياب بہ ويون، پر پوءِ بہ سنڌ جي روح ۾ ضميرَ ۾ زندگي‌ءَ جي باک جا اڇا اجرا ڪرڻا ڦُٽي پئي نڪتا آهن. اُهو دائمي موت، مرڻ کان صفا نابري واري لطيف وانگر سڃي‌ءَ سنڌ ۾ واسو ڪندو رهيو ۾ نيٺ روحَ جي انهي‌ءَ آزادي‌ءَ ۾ ضميرَ جي روشني‌ءَ، سنڌ جي ظاهري بوتي کي بہ غلامي‌ءَ جي زنجيرن مان آزاد پئي ڪرايو آهي.

جيستائين مون سنڌ کي ڏٺو آهي تہ اها هر دور ۾ زندهہ رهي آهي. هن معنيٰ ۾ تہ اُن جو روح زندهہ رهيو آهي، اُن جي ضمير جي ڏيئي جي لاٽ ٻرندي رهي آهي. اِها روح جي زندگي، ضميرَ جي روشني ۾ ذهن جي آزادي‌ءَ واري جنگ اڄ سوڌو جاري آهي ۾

ضمير ڏٽين جي اُن ست ۾ آڻ بہ، هن دور ۾ هڪ ننڍڙي ساٿيءَ جي حيثيت ۾ ياڳي پائيوار رهيو آهيان.

ڪنهن قوم جو ضمير ۽ ذهن اُن وقت مري سگهي ٿو جڏهن اُها قوم غلاميءَ جي زنجيرن کي 'سُهاڳ' جا زيور سمجهڻ لڳي، آجپي جي نعري کي پنهنجي موت ۽ نياڳ جي نشاني محسوس ڪري، مار کي پيار سمجهي پاڻ کي اُن جو حقدار ليکي، پنهنجي پيدائشي وسيلن ۽ محنت کي حاڪم جو حق سمجهي، خوشيءَ سان اُنهن تان هٽ ڪٽي وڃي. آقائن، حاڪمن ۽ جابرن جي دشمنن کي پنهنجو دشمن ڪري ڪُٽي ته پوءِ سمجهڻ گهرجي ته اُن قوم جو روح مري ويو آهي ۽ ضمير جي ڏيئي جي لاٽ اُجهامي ويئي آهي. هن علائقي ۾ [ذوالفقار علي] پُٽي جي روپ ۾ جڏهن ٽِڪا خان جو راج عروج تي پهچڻ لڳو ته اُن وقت سنڌي قوم جي روشن ڏسي، سنڌ جي سڃاڻ ڏهنن محسوس ڪيو ته سنڌ جو روح مرجهائجي رهيو آهي، ضمير جي ڏيئي جي لاٽ جَهَڪي ٽيڙ لڳي آهي ۽ سنڌ جو ڏهن زنگجي رهيو آهي- ۽ پوءِ سنڌ جي روح جي حياتي، ضمير جي روشني ۽ ذهن جي تازگي برقرار رکڻ لاءِ هڪ يُڌ شروع ٿي. سنڌ جا سڃاڻ ذهن پنهنجو طاقتور هٿيار قلم ۽ لفظ ڪٽي ميدان ۾ لٿا. هوڏانهن انڌار پوئرن جا در کلڻ ۽ بند ٽيڙ لڳا. لوهہ جون نالیون باهہ اوڳاڇڻ لڳيون، پر سنڌ جي روح جي مُهانڊي تي نِکار ايندو ويو.

اُنهيءَ عرصي ۾ هڪ هٿرادو عدالت جُڙي راس ٿي ۽ اسان مهيني ۾ ٻہ ٻيرا انڌار پوئرن مان نِڪري، هٽڪڙين جي موسيقيءَ ۾، اُنهيءَ ڪوس گهر ۾ وينل ڪامٽيءَ جي اکين جي اُجهامندڙ مٽيا ڏسي ايندا هئاسون.

اُنهيءَ ڪوس گهر لاءِ انڌار پوئري ۾ مون هي بيانُ لکيو هو پر نہ ڪڍهن ڪيس هليو ۽ نہ وري هي بيانُ عدالت جي رڪارڊ تي آيو. وڪيل جي هدايتن ۽ حالتن جي اجگر جي ڪري، هن بيان ۾ ڪافي ڳالهيون توهان کي نرم نظر ايندیون، پر اُها ڪورٽ جي نالي ۾ ڪوس گهرَ جي ڪري مجبوري هئي. انهن ڳالهين مان ڪي اهڙيون بہ آهن، جيڪي اڄ پيپلزپارٽيءَ جو هڪ ڏڙو بہ ڪري رهيو

آهي، پر آءٌ اڄ تائين جي تجربي جي آڌار تي هاڻي محسوس ٿو ڪريان تہ اُهي رٽون هن علائقي جي قومن جي مسئلن جو حل ناهن، پر پوءِ بہ آءٌ انهن کي هن بيان ۾ اِئين رهڻ ٿو ڏيڻ چاهيان تہ جيئن مُنهنجي سوچ جي ارتقا جي خبر پوي.

هن بيان لکڻ وقت، مون سائين جي. ايم. سيد، فيڈل ڪاسترو، مولانا آزاد ۽ ڪن ٻين ليڈرن جي بيانن ۽ ليکن مان مدد ورتي آهي. ڪٿي مرڪزي خيال اُنهن جو ۽ لفظ پنهنجا استعمال ڪيا اٿم. يا وري ڪي جملا اُنهن جي ڪتابن جا ڏيئي ويو آهيان. پر اهو سڀ ڪجهہ يادگيرين جي بنياد تي ڪيو اٿم. [جيل ۾] ڪتاب موجود نہ هئا. پوءِ بہ آءٌ انهن عظيم انسانن جو ٿورائتو آهيان.

هتي هڪ ڳالهہ چوڻ مناسب ٿو سمجهان تہ اُنهيءَ بيان ۾ مون لکيو آهي تہ: "جن سنڌي ماڻهن، سنڌي ماڻهن سان غداري ڪئي آهي تہ انهن غدارن جو اولاد يا اُهي غدار پاڻ سڀ کان پهرين پنهنجن آقائن جي ترارَ ۽ باهہ جو شڪار ٿيا آهن. اُنهيءَ سلسلي ۾ مون چنيسر جو مثال ڏنو آهي، تہ خلجين جي ترارَ جو شڪار سڀ کان پهرين چنيسر جو پٽ ننگر بنيو. قاضي قاضن، ارغونن جو ساٿ ڏنو تہ سڀ کان پهرين ارغونن جي باهہ جو نشان قاضي قاضن جو اولاد ۽ گهرُ بنيو. اڄ جي دور ۾ چا ٿيو سا سڀ ڪنهن پڙهندڙ کي خبر آهي. لاکاٽ ۽ ٽوڙي [قاتڪ] جي جوڌن، پوءِ جام شهادت پيتو، پر پهريون شڪار.....!؟

باقي سنڌ جي روح جي لاٽ باقي رکڻ لاءِ يُڌ جاري آهي. شال، سدائين سنڌ! تنهنجي روح جي حياتيءَ جو گل سدا ٽڙندو رهي.

ڪڏهن سنڌِ جي سينڌ ميري نہ ٽيئي،
ڪڏهن موڙ تنهن جا نہ مُرجهائجن. (ايار)

حيدرآباد، سنڌ
15.12.1985

ـ عبدالواحد آريسر

عدالتي بيان

”ايشيا ۾ مذهب هميشہ سياست جي اثر هيٺ رهيو آهي. ڪيترن حق پرستن جي سياسي قتل تي مذهب جي سفيد چادر وجهي، اَصلي سببن کي لڪايو ويو آهي، ۽ سچائيءَ جي علمبردارِ انسانن جي قتل ۾ بادشاهہ جي تلوار سان گڏ، مفتي، قاضي ۽ عالم جو قلم پوريءَ ريت شريڪ رهيو آهي.“

□ اِنساني مُعاشرو قبائلي دور مان گذري، جنهن وقت جاگيرداري دؤر ۾ داخل ٿيو آهي؛ ۽ جنهن ڪري جنهن جاگيردارن جي مال، ملڪيت، عزت ۽ دولت جي حفاظت لاءِ منظم حڪومتن جو نظام وجود ۾ آيو آهي، اُن ڪري جنهن کان ئي مِلڪيت جي تحفظ لاءِ جن ادارن کي تخليق ڪيو ويو تن ۾ پوليس، فوج ۽ عدالت به آهن.

عدالت جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري جاگيرداري معاشري ۽ اُن جي محافظ حڪومت جي تاريخ پراڻي آهي. جاگيرداري دؤر جي عدالت جي بيجا، ناجائز غلط ۽ جانبداريءَ تي مبني فيصلن جي هاڃيڪار تباهي ۽ بَربادييءَ جو داستان اِيڏوئي نفرت انگيز آهي، جيترو خونخوار سَفاڪ ۽ درنده صِفت بادشاهن جي ڪارروائيءَ جو قصو.

اُن دؤر جي عدالت اِنساني تاريخ ۾ گهٽو ڪري هميشه بادشاهن، حاڪمن ۽ اميرن جي سُرينت ٿي رهي آهي. تاريخ جي هر دؤر ۾ عدالت سان اِنسانن جا تصور هميشه معصوميت سان پَرپور پئي رهيا آهن، ليڪن مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جڏهن به ڪنهن مظلوم ماڻهوءَ، عدالت جي خوبصورت جسم کي هٿ لائي ڏٺو آهي ته اها معصوم ڳڻيا جي بدران عوام لاءِ هڪ طوائف ثابت ٿي آهي.

عدالت جي انهيءَ روپ ڏسڻ جي باوجود تاريخ جي ڏگهي سفر ۾ هر محب وطن انقلابيءَ يا مظلوم ماڻهوءَ کي اُن جي ڪٺهڙي ۾ پنهنجي مرضيءَ سان يا زوريءَ، ملزم جي روپ ۾ بيهڻو پيو آهي. گويا، حق ۽ باطل جي تاريخي جنگ ۾، ظلم ۽ انصاف جي ڏگهي ويڑهه ۾، آزادي ۽ غلاميءَ جي اٽڪل ڏَڪر ۾، رجعت پسنديءَ ۽ انقلاب جي فيصلہ ڪن ٽڪراءَ ۾، عدالت هڪ گذر گاهه هڪ لنگهه، هڪ لَڪُ ۽ هڪ گهيڙُ پئي رهي آهي، جتان گذرڻ هر حق پرست لاءِ لازمي ٿيو پوي.

مون جنهن وقت، پنهنجي مظلوم عوام ۽ ڏٺڙيل قوم جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جو آغاز ڪيو هو اُن وقت ۾ منهنجي ذهن ۾، عدالت جي اِها سرگذشت، پوري تاريخي پسمنَظرَ سان موجود هئي. پوءِ ۾ هڪ ڳالهه جي تمنا منهنجيءَ دل ۾ شدت سان موجود پئي رهي تہ جنهن وقت آءٌ زنجيرن ۾ جڪڙجي، عدالت ۾ آندو وڃان، اُن وقت منهنجي باري ۾ فيصلو ڪرڻ وارو کو ڏاريو هجي؛ ۽ جڏهن مان عدالت جي خوبصورت دوشيزه کي طوائف جي روپ ۾ ڏسان تہ اُن جي لڄ لُٽيندڙ منهنجي سادي ۽ سپاجهيءَ قوم جا فرد نہ هجن، ڇو تہ مون کي پنهنجيءَ قوم جي هر فرد سان پيار آهي، هَر ماڻهوءَ لاءِ منهنجي مَنِ ۾ ماکيءَ جون لارون آهن، هر ڏوٽيءَ لاءِ منهنجي ڏيلَ جي ڏيهه ۾ چاهت جا چاٽا آهن، ۽ آءٌ انگريز شاعر شيڪسپيئر جي هن مقولي جو پيروڪار رهيو آهيان تہ:

"آيِ اِنگلستان! آءٌ تنهنجي غدارن سان ۽ محبت ڪريان ٿو."

خود سنڌي عوام جي لافاني رهبر ۽ رهنما جي پيغام ۾ ۽ مون کي اِهو ئي پيغام مليل آهي:

'جيهاکي تيها، مارو مون مجيا!'

ليڪن مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ منهنجي اِها خواهش ۽ تمنا ۽ پوري نہ ٿي سگهي. يعني منهنجي متعلق،

منهنجي ڪاز (مقصد) جي متعلق. منهنجي نصب العين متعلق. ۽ سنڌي عوام جي تاريخي جدوجهد جي باري ۾ فتوا ڏيڻ. فيصلي ڪرڻ. ۽ سنڌي عوام جي خواهشن ۽ تمنائن کي صحيح يا غلط قرار ڏيڻ يا بيڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ جيڪي قابل احترام اِنسانَ. منهنجي سامهون آيا آهن. سي اُنهيءَ سادي سودي. ابوجهه ۽ پنهنجي ديس ۾ ڏاري بنايل. سنڌي قوم جا فرد رهيا آهن. ها. تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن قوم جي وجود کي ميسارڻ. مِٽائڻ ۽ صفحئ هستيءَ تان نابود ڪرڻ لاءِ اُنهيءَ قوم جي فَردن کان فيصلا ڏياريا ويندا آهن.

تاريخ جي ڏگهي سفر ۾ عدالت جيڪي فيصلا ڏنا آهن. تن کي وقتي طرح تہ ساراهيو ويو ۽ اُنهن جي اِنصاف پسندانہ معقوليت جي واکاڻ جا ڀُڪَ پريا وبا هئا. اهڙن فيصلن جي خلاف آواز بلند ڪندڙن کي توهين عدالت جا ڏوهي قرار ڏئي ماريو ويو ۽ سزائون ڏنيون ويون. پر انساني شعور جي بالغ نظري ۽ تاريخ جي بيرحم وَهڪري ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اِهڙا فيصلا خود انسانيت جي توهين. ديانتداريءَ جي بي عزتي ۽ اِنصاف جي ڪومل ڳَل تي ٻرپور چمات مثل هئا ـ ۽ اهڙا فيصلا ڪندڙ جَج. منصف. عالم ۽ پادري. اڄ ويهين صديءَ ۾ لعنت جي ڪاسيءَ تي هميشہ لاءِ ٽنگيا پيا آهن. ۽ عدالت جي وجودَ تي ڪوڙهہ جو داغ ثابت ٿي چڪا آهن.

تاريخ ۾ مون کي شهنشاهي دور جي اندر اهڙا ڪافي جج. مُنصف. مفتي ۽ عالمُ سُجهن. جن جا قلم. بادشاهن جي بي لغام خواهشن جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنجڻ بدران اُنهن جي خواهشن جو پورائو ڪندا رهيا آهن: ويندي ايتريقدر جو پاڪستان جي مشهور اولياءَ بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ جو جانشينُ. تغلقن جي دور ۾ ملتان جو قاضي القضات (چيف جسٽس) هو تنهن بہ فيروزشاهہ تغلق جي خوانخوار ۽ سفاڪ حڪمرانيءَ تي جواز

جي مهر هٽي ڇڏي هئي. مون وٽ هتي جيل ۾ گهربل مواد ناهي، پر اڳ جي مطالعي جي آڌار تي آءٌ چئي سگهان ٿو تہ دهليءَ جي حڪمرانن هٿان سندّ کي تباهہ ڪرائڻ وقت، تغلق دربار ۾ هڪ ٻيو بزرگ 'محمد عثمان مروندي' بہ موجود هو جنهن کي 'لعل شهباز' ۽ 'سندّ ڌٽي' ڪوٺيو وڃي ٿو اُن مثال ڏيڻ مان، مقصد صوفياءِ ڪرام جي توهين ۽ سندن مرتبي کان اِنڪار ڪونهي. اِنسانيت جي ڏِگهي سفر ۾ رڳو صوفين سڳورن جو ئي حلقو آهي، جن جي عظمت جي محرابن ۾ منهنجي پيشاني سجدا ڪرڻ لاءِ هر وقت آتي ۽ آماده رهندي آهي. وقت جي جابر ۽ خودغرض حڪمرانن جي خواهش ۽ خوشي پوري ڪرڻ لاءِ جڏهن اهڙيءَ عظيم الشان جماعت جا فرد بہ تيار ٿي پون تہ پوءِ ٻئي ڪنهن جي ڪهڙي مجال آهي!

برصغير جي مشهور مفڪر مولانا ابوالڪلام 'آزاد' لکيو آهي:

> "ايشيا ۾ مذهب هميشہ سياست جي اثر هيٺ رهيو آهي. ڪيترن حق پرستن جي سياسي قتل تي مذهب جي سفيد چادر وجهي، اَصلي سببن کي لڪايو ويو آهي، ۽ سچائيءَ جي علمبردار اِنسانن جي قتل ۾ بادشاهہ جي تلوار سان گڏ، مفتي، قاضي ۽ عالم جو قلم پوريءَ ريت شريڪ رهيو آهي."

مولانا آزاد جي انهيءَ راءِ تي صرف ايترو اضافو ڪندس تہ مفتيءَ جو قلم نہ رڳو ايشيا ۾ بادشاهہ جي تلوار جي تابع رهيو آهي، پر يورپ ۾ بہ صداقت جي علمبردار اِنسانن جي رَتَ ۾ پڙ ٻڏل رهيو آهي.

جج جي قلم جي ڪارستانيءَ کان نہ پيغمبر بچيا آهن ۽ نہ وري سياستدان ۽ سائنسدان. ججَ جي قلم ئي مسيحؑ کي

ڪاسيءَ تي لٽڪايو حضرت يوسفؑ کي يارهن سال جيل جي حوالي ڪرايو سقراط کي زهر جو پيالو پياريو ۽ ابراهيمؑ کي آڳاهہ ۾ اُڇلايو.

اَڄ مسيح جي صليب، يوسف جو قيد خانو ابراهيم جو آڳاهہ، ۽ سقراط جو پيالو انساني جدوجهد جون علامتون بنجي، عالمي اَدب ۾ بنيادي جاءِ والاري چڪا آهن.

حڪمران ٽولن، جڏهن بہ دليل جي ميدان ۾ شڪست کاڌي آهي، تڏهن جلادِ جي تلوار ۽ جج جي قلم کي ميدان ۾ آندو اٿن. اِهي هٿيار اُن وقت بہ استعمال ٿيندا رهيا ٿي، جڏهن انساني شعور بارڻن وانگر بانبڙاٽيون پائي رهيو هو. ۽ اَڄ بہ استعمال ٿيندا رهن ٿا، جڏهن اِنساني عقل ۽ شعورَ مريخ ديوتا کي بہ فتح ڪري ورتو آهي.

276ع ۾ ايران جي بدترين ظالمانہ ۽ غاصبانہ شهنشاهي نظام مان غريب عوام کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ هڪ عظيم الشان مفڪر، عوام دوست تحريڪ جي شروعات ڪئي هئي، ۽ هڪ اهڙو فڪر ۽ فلسفو دنيا جي اڳيان رکيو هئائين، جنهن مان نوي سيڪڙو عوام خوشحاليءَ سان همڪنار ٿي سگهيو ٿي. وقت جي حاڪم ٽولي، مذهبي مهندارن کان ڦتوا ونڻي، اُن اِنسان جي جيئري کل لهرائي ڇڏي. اِهو انسان تاريخ ۾ 'حڪيم مانيءَ' جي نالي سان مشهور آهي، ۽ اُن جي فلاسافيءَ تي باقاعدي تحقيقاتي اِدارا ڪم ڪري رهيا آهن. 'ماني'، اڄ علم ۽ فڪر جي دنيا ۾ پنهنجي حياتيءَ کان وڌيڪ زنده آهي، ۽ اِنساني قافلي لاءِ روشنيءَ جو مينار بنجي ويو آهي. ۽ اُن جي خلاف ڦتوا ڏيندڙ ڦتوا نويسيءَ سميت تاريخ جي اِهڙي اُونداهيءَ غار ۾ گم ٿي چڪا آهن، جتي جي خبر ڪنهن کي بہ ڪانهي.

سن 41ع ۾ اسپين جي اَديب سينيڪا لکيو: "پيدائشي ذريعن جي حاڪمن جي هٿ ۾ منتقليءَ، ڪائنات جي فطري حسن کي داغدار ڪري ڇڏيو آهي."

پيداواري ذريعن جي نجي هٿن ۾ مُنتقلي ڏار ڳالهه آهي، حاڪمن جي هٿ ۾ هجڻ نرالي ڳالهه آهي. رياست جي قبضي ۾ هجڻ جدا ڳالهه آهي، ۽ قومي ملڪيت ۾ وڌي باقاعدي رڃابنديءَ ذريعي عوام جي مفاد وڃان استعمال ڪرڻ بنهه نرالي ڳالهه آهي. پوئين ڳالهه هن دور جي سخت ضرورت آهي. بادشاهي ۽ جاگيرداري دؤر ۾ پيداوار جو هر ذريعو حڪومتِ وقت جي ملڪيت هوندو هو. سينيڪا انهيءَ متعلق لکيو آهي:

"ماڻهن پنهنجي بچاءَ لاءِ حاڪم پيدا ڪيا، ليڪن حاڪمن، اِنسانن کي زندگيءَ جي ذريعن کان محروم ڪرڻ شروع ڪري، بيشمار بُرائين، بدڪردارين، ننڊ وڌاين ۽ ظلمن جي زنجير ۾ اِنسانذات کي جڪڑي ڇڏيو آهي."

اِيتري لکڻ جي جرم ۾ وقت جي پادرين، رومي شهنشاهه نيروءَ جي حڪم تي سينيڪا لاءِ آپگهات جي سزا تجويز ڪئي. جنهن سزا کي هن باضمير اِنسان خوشيءَ سان قبولي، آپگهات ڪري، پنهنجي ضمير ۽ فڪر کي موت کان بچائي ورتو. جيڪڏهن هو بادشاهه جي آڏ ميڇي ها تہ پڪ سان سندس جسم تہ بچي پوي ها، پر سينيڪا جي بوتي ۾ 'اِبن الوقت پادري' هجي ها ۽ تاريخ جو مست هاڻي ڪيس بيابان ۾ چيياتي اُڇلائي ڇڏي ها، ۽ اَڄ دنيا جون لائبريريون، سينيڪا جي ڪتابن کان خالي هجن ها!

چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ يورپ اندر هڪ شخص 'جان پال' ڏٺڙيل، لاچار، بيوس ۽ مظلوم عوام جي عزت، خوشحالي ۽ زندگيءَ جي مسرتن مان لطف اندوز ٿيڻ جو پروگرام ڪڍي، ميدانِ ڪارزار ۾ نڪتو. هن جي هر گفتي، هر جملي ۽ هرسٽ، غاصب، ڦورو ۽ پرمار حاڪمن ۽ آنهن جي چمچن جي عشرت ڪدن ۾ باهه لڳائي ڇڏي. هن جي پروگرام ۾ غريب ماڻهن، پنهنجي قسمت بيدار ٿيندي ڏٺي. نتيجي طور حاڪمن، وقت جي عدالت

کان هن جي جيئري جلائڻ جي سزا منظور ڪرائي ۽ ڪيس جيئرو جلايو ويو.

موجوده چيڪو سلوا ڪيا، جنهن تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سُرخ ڦريرو ڦڙڪي رهيو آهي، جنهن چيڪو سلوا ڪيا جي هر گهر ۾ گهٽيءَ کي نازي، درندن ساڻي ناس ڪري ڇڏيو هو ۽ جنهن چيڪو سلوا ڪيا. 20 صديءَ ۾ جيولس فيوچڪ کي جنم ڏنو جيڪو نازين جي ڦاسيءَ جي تختي تي ٻه 'مادر وطن زندهہ باد' جا نعرا هڻي پنهنجي سرزمين جي آزاديءَ لاءِ قربان ٿي ويو. اُنهيءَ چيڪو سلوا ڪيا ۾ حاڪمن، شهزادن، جاگيردارن، سردارن ۽ مفت خورن جي ظلم ۽ جبر جي خلاف احتجاج، للڪار ۽ نفرت جو طوفان بنجي، هڪ شخص 'جان همس' نروار ٿيو هو جنهن کي رومي عيسائين جيئرو ساڙائي ڇڏيو. اِهو واقعو سن 1415ع ۾ ٿيو هو ۽ اَڄ ڇهن صدين گذرڻ کان پوءِ چيڪ عوام، اُن رهنما کي 'غريبن جي محبت جو شهيد' قرار ڏنو آهي.

جرمني، جنهن کي اڄ جو هٽلر جي ڪري ڄاڻي سڃاڻي ٿو. ها اِنهي ساڳئي 'نٽشي' ۽ 'هيگل' جي جرمني، 'فيدرڪ' ۽ 'سمارڪ' جي جرمني، 'ڪارل مارڪس' ۽ 'اِينگلز' جي جرمنيءَ ۾ به عدالت جي ڪارستانين جا بيشمار داستان موجود آهن. اِتي هڪ پادريءَ موئنزر نوابن، نوابزادن رئيسن ۽ سَرن جي خلاف هارين جي مسلح بغاوت جي اڳواڻي ڪئي هئي. هارين جي شڪست کان پوءِ موئنزر کي گرفتار ڪري عدالت ۾ آندو ويو. عدالت سڳوريءَ سندس عضوا وڍڻ کان پوءِ پينهين سُرمو بنائڻ جي فتوا ڏني. اهڙي طريقي سان ينهنجي وقت جي هن لافاني اِنسان جا عضوا ويا ويا، ۽ پوءِ ڪيس پينهين سرمو بنايو ويو.

فرانسيسي ڪليسا 'جُون آف آرڪ' کي جيئري ساڙائي ڇڏي ٿي. ليڪن اڄ ٿي هلي، ڪليسا کي 'جون آف آرڪ' جي عظمت جي اڳيان جُهڪڻو پيو.

اِهو سمورو داستان، مون قديم ۾ دقيانوسي مغرب جي باري ۾ بيان ڪيو آهي، ليڪن 'جديد مغرب'، جنهن کي علم، تهذيب، فن ۾ روشنيءَ جو مينار ڪوٺيو ٿو وڃي، ۾ اسان جو پورو عدالتي نظام اُتان جو ئي نقل آهي، اُتي بہ غريب لاءِ انصاف ايترو ئي مهانگو آهي، جيترو اَڇوت لاءِ برهمڻ جي ڇوڪريءَ سان شاديا

آمريڪا ۾ شيدين جي رهنما **مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر** کي پورو هڪ سال بس ۾ ڪارن لاءِ ويهڻ جي جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هڙتال ڪرڻي پئي. آمريڪي حاڪمن، ويٽنام ۾ چاليهہ لک اِنسان قتل ڪرايا، ليڪن آمريڪي ججَ خاموش رهيا. فرانس، الجزائر ۾ پندرهن لک اِنسان مارايا، پر فرانسيسي عدالتون ۾ جج ڏسندا رهيا. انگريزن، ڪينيا ۾ هزارين ماڻهو موت جي وادي۽ ۾ هميشہ هميشہ لاءِ سُمهاري ڇڏيا، پر برطانوي ججن جي ڳنڍ ۾ ڪيڙ رهي. ها، اُنهيءَ برطانيہ ۾ جليا نوالا باغ جي اندر سوين اِنسان قتل ڪندڙ 'جنرل ڊائر' کي هڪ وڏيءَ پارٽيءَ ۾ سوني تلوار جو اعزاز ڏنو ويو ۽ اُتي جا جج، پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿي، سندن سرزمين جي بگهڙ صفت خوني درندي جي عزت افزائيءَ تي تاڙيون وڄائيندا رهيا.

دنيا جا اُهي ملڪ، جتي سون ورني ڏرتيءَ تي يورپي ملڪن جي فاتحن، سپاهين ۽ فوجين، 'فرزندانِ زمين' کي ڪُٽو ڪيترن نؤورنين کي رنڊ بنايو ڪيترن ابهم ہارڻن جي مٽي تان پيءُ جي ڄانوَ ڦري ورتي، ڪيترن پيئرن کان سندن ڳچيرو پٽ جدا ڪيا ۽ ڪيترين مائرن کان سندن اکين جي روشني ڦري ورتي، ماڻهن جي جسمن تان ڪپڙا، وات مان مانيءَ جو گرهہ ۽ زمين مان پيدا ٿيندڙ اَناج لُٽيو ويو ۽ زمين جي اِنچ اِنچ کي بارود جي دونهين سان بدبودار بنايو ويو. اِتي جي هر انڊيءَ ماءُ، هر بيحال بيوهہ، هر جهور پوڙهي پيءُ، ۽ هر يتيم ہار جي آهن ۽ دانهُن جي ڪنهن داد رسي ڪئي؟ ڪنهن اُنهن جا ڳوڙها اُگهيا ۽ ڪنهن اُنهن کي آڏت ڏنو؟

فضائن ۾ پتڪندڙ اُهي آهون ۽ دانهون، ڇا اُنهن ججن کي معاف ڪري ڇڏيندیون يا پنهنجي آتشين گهيري ۾ نہ وٺنديون، جيڪي انصاف جي مقدس مسند تي ويهي فرزندانِ زمين کي سزائون ڏيندا رهيا آهن، ۽ جن جي فيصلن، اِنساني اُمنگن جي قلواڑيءَ تي بلڊوزر گهمايا آهن؟ يورپ ۽ آمريڪا جا جج، ڪنهن مغربي عورت کي مڙس کان جدائيءَ جو سرٽيفڪيٽ اِنهيءَ بنياد تي ڏيئي، دنيا ۾ پنهنجي اِنصاف پسنديءَ جي ڏاڪ ٽا ڄمائين ٿہ: 'ان عورت کي سندس مڙس بنا اجازت ڇُمي ڏني هئي.' ليڪن جنرل ميڪارٿر لاءِ ڪا بہ سزا تجويز نہ ٿا ڪن، جنهن جي زير ڪمان، آمريڪي فوجي زنناالجبر جي ذريعي پنجاهہ هزار جپاني ڪنوارين کي پيٽ سان ٿا بنائين! مغرب جا جج ڪنهن ماڻهوءَ کي حبسِ بيجا ۾ رکندڙ پوليس آفيسر کي فوري طور ڊسمس ڪرڻ، پنهنجي روايتي انصاف پسنديءَ جو مظاهرو سمجهن ٿا، ليڪن اُنهن ملڪن جي فاتحن، سؤ سالن تائين برصغير جي عوام کي، پنج سؤ سال آفريڪا جي عوام کي ۽ ڏيڍ سؤ سال هند چينيءَ جي قومن کي حبسِ بيجا ۾ رکيو، پر اُنهن حاڪمن جي ڪردار جي باري ۾ جج صاحبن جي واتَ ۾ مڱ پئجي ويا هئا، جيڪي ايڏا تائين نہ نڪتا آهن.

اِنصاف ۽ عدل جي باري ۾ مغرب جي عدالت جو تاريخي جائزو پيش ڪرڻ کان پوءِ هاڻي آءٌ مشرق جي عدالت جي باري ۾ ڪجهہ گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو:

* مشرق، جنهن کي 'پيغمبرن جو گهوارو' چئي سگهجي ٿو، مشرق، سورج ديوتا جي سرزمين، مشرق، تهذيب ۽ تمدن، اَمن ۽ انسانيت، گيت ۽ سنگيت، فن ۽ فلسفي جي سر زمين رهي آهي، جتي آدم کان وٺي حضرت محمد صلعم تائين پيغمبرن ۽ ڪرشن کان وٺي مهاوير (جين) تائين رِشين جي ذريعي، عدل ۽ انصاف، سچ ۽ سونهن جي تبليغ ٿيندي رهي آهي. دنيا جي اهڙي

خطي ۾ بہ عدالتون، عام طرح ٽن مذهبن جي قانون ۽ روايت جي ماتحت رهيون آهن: اسلام هندو ڌرم ۽ ٻڌرم.

هندو ڌرم جي عدالتن جو پورو نظام ۽ سرشتو ويدن ۽ منو شاستر جي تعليم جي ڪري پنڊتن ۽ مذهبي پروهتن جي هٿ ۾ هوندو هو جن ۾ صرف اُتم جاتيءَ جي فردن جي عزت ۽ مرتبي جي حفاظت ڪئي ويندي هئي. ننڍي جاتيءَ ۽ نيچ طبقي جي انسان جي نہ عزت هئي، نہ حفاظت. ڪِريل طبقن جي انسانن جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ خاطر جنهن بہ انسان جدوجهد ۽ جاکوڙ جي شروعات ڪئي ٽي تہ اُن کي ٽهڪندڙ تيل جي ڪڑاهين ۾ وجهي ساڙيو ويندو هو. راجا کي خدا جو اوتار سمجهي، سندس ذات کي هر نقطہ چينيءَ کان مٿانهون، مقدس ۽ پوتر سمجهيو ويندو هو. هندو ڌرم جي پنڊتن، برهمڻن ۽ پروهتن جي انهيءَ غلط، رياڪاريءَ سان ڀرپور ۽ انسانيت جي توهين تي مبني روش جي ردعمل ۾ ٻڌ ڌرم جو آغاز ٿيو. اُن ڌرم ۾ جاتين ۽ فرقن جي اوچ نيچ جي خلاف مؤثر تعليم هئي. مهاتما ٻڌ، خود هڪ شهزادو هو. جنهن بادشاهن جي درٻارن، حرم سرائن ۽ ديوان خانن جي اندر جنم ونڊندڙ هزارها الف ليليٰ داستانن جو ويجهڙائيءَ سان مطالعو ڪيو هو. هن راڻين جي اَبروءَ جي اشاري سان ٻانهين ۽ غلامن جا سر قلم ٿيندي ڏٺا هئا. هن پنهنجي پتاجيءَ جي فوجن ۽ سپاهين جي يلغارن سان اِنساني زندگيءَ جو خاتمو ڪيتن جي ويراني، ڳوٺن جي تباهي ۽ شهرن جي اُجڙجڻ جو معائنو ڪيو هو. شهنشاهہ جي حڪم تي ڪهڙيءَ ريت جوتشين جون پوٿيون، پنڊتن جا شاستر، وزيرن جون تدبيرون ۽ درٻارين جي دانائي گڏ ٿي، ڪنهن ملڪ، صوبي، شهر ۽ رياست جي تباهيءَ لاءِ جواز جي سند ثابت ڪنديون هيون، سا ڳالهہ بہ نوجوان شهزادي جي اکين اڳيان روز مرهہ پنهنجي پوري فريب ڪاريءَ سان گذرندي رهندي هئي.

مهاتما ٻڌ کي عام طرح تارڪ دنيا ۽ سنياسي سڏيو ويو آهي، جنهن جي فڪر، فلسفي ۽ نظريي ۾ دنيا، دولت، گهر ٻار، شادي ۽ شاهيءَ جو ڪو به تصور ڪو نہ آهي. اِنهي ڪري دنيا وارن هن کي هڪ منفي پروگرام رکندڙ 'لاتعلق صوفي' پئي سمجهيو آهي. هن ڳالهہ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي تہ ٻڌ جي فلسفي ۾ دنياداري ۽ حڪومت جو تصور آنوکي نوعيت جو آهي، جيڪو وقت جي هالو چالو رسمن ۽ رواجن جي بنهہ ئي اُبتڙ آهي ۽ مهاتما ٻڌ جي پوري عظمت اِنهي نرالائپ ۾ ئي پوشيده آهي.

سندس هڪ پوئلڳ مهاراجا اشوڪ، پوري برصغير تي اڌ صدي حڪومت ڪئي. پر اُنهيءَ اڌ صديءَ ۾ هن جنگ صرف هڪ وڙهي، جنهن کان پوءِ جنگ کان توبهہ ڪري ڇڏيائين.

هن داناءِ راز ۽ حڪيم انسانَ سمجهي ورتو هو تہ ڪائنات ۾ بگاڙ ڇو آهي؟ دنيا جو حسن دونهاڻيل ڇو آهي؟ اِنساني زندگي ڏکن جي ڇڪيا ڇو آهي؟ ماڻهوءَ جو من مونجهاري جي آڳ ۾ ڇو جلندو رهي ٿو؟ اِنسان جي چهري تان اِطمينان ۽ مسرت جون ريکائون ڇو ماتمي صدائون بنجي ويون آهن؟ هن ڄاتو ٿي تہ انهيءَ پوري درد جي ڪٿا جو واحد ۽ اڪيلو سبب، مايا جو موهہ ۽ زندگيءَ جون بي لغام خواهشون آهن، جن کي ذاتي ملڪيت جي حصول جو شوق ئي وڌائيندو آيو آهي. اِنهيءَ شوقِ ملڪيت جي تحفظ لاءِ پٽيلن، مُکين، اربابن، رئيسن، راجائن، پرڌان منترين ۽ سيناپتين کي جنم ڏئي، اِنسان کي کترين، وئشن ۽ شودرن ۾ تقسيم ڪري، پنڊتن، پروهتن، پانيٽن، ٻاون ۽ برهمڻن جي بالادستيءَ ۽ تقدس جي ظالمانہ نظام جي هڪ مضبوط زنجير سان اِنساني معاشري جي جسم کي سوگهو ڪري ڇڏيو آهي.

گوتم ٻڌ انهيءَ پوري سرشتي ۽ سسٹم کي ڌاهڻ لاءِ 'تياڳ' وارو اصول پيش ڪيو. مسيح جي پيدائش کان ايائي سؤ سال اڳ جي هندوستاني سماج لاءِ اِنساني مساوات تي مبني اِهو نظريو

ترقي پسندانہ هو جنهن، وقت جي حاڪمن ۾ مذهبي مهندارن جي رنڊڻي ۾ رولو وجهي ڇڏيو ۽ هنن محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن ٻڌ ازم هتي زور ورتو تہ غريبن، مسڪينن ۽ ڏٽڙيل اِنسانن جي رت سان تعمير ٿيل قصر شاهي زمين بوس ٿي ويندا. ۽ مذهبي مهندارن جي هڪ هتيءَ جو ڪوٽ ڀُهرڻ ۾ پُرڻ لڳندو. تن ٻڌازم جي سلي ڪي وڏي وڻ ٿيڻ کان اڳي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجون سموريون قوتون ۽ طاقتون اِستعمال ڪيون. اُنهن قوتن ۽ طاقتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻوڌين، مهاتما ٻڌ جي اُصولن کان روگرداني ڪندي، حڪومت هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون ۽ ڪاوشون تيز ڪري ڇڏيون. نتيجي ۾ هڪ ٻوڌي شهنشاهہ اَشوڪ، پوري برصغير جو حڪمران بنجي ويو. اُنهيءَ ٻوڌي حڪمران جو دؤر رعيت لاءِ هندوستان جي اِتهاس ۾ سونهري دؤر ڪري ليکيو وڃي ٿو. اُن کان پوءِ سنڌ ۾ ٻوڌين جي حڪومت قائم ٿي، جنهن جي آخري حاڪم راءِ سهاسيءَ جي موت تي برهمڻ گهراڻي جي پهرئين حڪمران، چچ جي ڏينهن ۾ برهمڻن، ٻوڌين جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. برصغير مان جيئن ئي ٻوڌي حڪمران ختم ٿيا، تيئن ئي پنڌتن جي فتوي بازين ۽ فيصلن جي بنياد تي حاڪم ڏرين، ٻُوڌين جو قتلام شروع ڪري ڏنو. نتيجي ۾ ٻوڌي يڪشو ڀڄي وڃي پر وارن ملڪن ۾ لِڪا. هيءَ حيرت انگيز ڳالهہ آهي۔ تہ جنهن ملڪ ۾ ٻُڌَ پنهنجي پيغام جي شروعات ڪئي، اُن ۾ اڄ ٻوڌي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا مس وڃي بچيا آهن. اُن جو واحد سبب هندو ڌرم جي پنڌتن ۽ برهمڻن جي تنگ نظري ۽ انصاف ڪشي ئي آهي. اِهو سڀ ڪم هنن عدل، انصاف، قانون ۽ اِيشور جي مرضيءَ جي نالي ۾ ڪيو هندوستاني تاريخ ۾ ٻڌ ازم جي قانون جي نالي ۾ مذهبي اڳواڻن هٿان تباهي شرمناڪ حادثو آهي.

ٻوڌين جي آخري رياست تبت [ٿُبيٽ] سن 1951ع ۾ چيني ڪميونزم جي ديو جو گِرهَ بنجي وئي. اهڙيءَ ريت پوري ٻوڌي فلسفي ۽ فڪر کي پنڌتن جي حڪم سان راجائن ۽ راڻن ختم ڪرڻ جون شرمناڪ ڪوششون ڪيون. ليڪن مهاتما گوتم ٻڌ، اڄ انساني تاريخ جو لازوال هيرو آهي. هن جي منهن تي اُها ئي سدا حيات طمانيت آهي. هن جي آتما، اڄ بہ هر انسانيت دوست انسانَ جي دل ۾ گردش ڪري ٿي. هو اڄ بہ امن ۽ انسانيت جي حلقن ۾ پنهنجو بسيرو ڪريو ويٺو آهي، ۽ اُن جا مخالف، دشمن ۽ ويري، وقت جي ڇِڪيا تي چڙهي، هميشہ لاءِ وقت جي ويرانن ۾ جل ڦوٽي وانگر گم ٿي ويا آهن.

هندو ڌرم جي پنڌتن جا فيصلا، انساني، عقل جي جسم تي ڪوڙهہ جي داغ وانگر هوندا هئا. هنن جي فتوا موجب مور مارڻ تہ گناهہ هو. ليڪن خوبصورت دوشيزائن کي ڪاليءَ جي چرنن ۾ ڪُهي، اُنهن جي رت کي ڪالي ديويءَ جي بُت تي ڇٽڪارڻ، برڪت ۽ ثواب جو ڪم هو. ڳئونءَ جي ڇيٽي جي عبادت ڪرائيندا هئا، ليڪن هڪ اِنسان جي ڪنن ۾ اُن ڪري شيهو پرائي ڇڏيندا هئا، جو اُن بدبخت انسانَ، ويدَ جو ڪو اشلوڪ ٻُڌي ورتو هوا!

ڪجهہ سال اڳ هندوستاني صوبي اُتر پرديش جي اسيمبليءَ ۾ اُنهن پنڌتن جي فيصلن ۽ فلسفي تي مبني ڪتاب 'رامائڻ' جا پنا ڦاڙي پيرن هيٺان لتاڙيا ويا تہ اُهي هن صديءَ ۾ انسانيت لاءِ شرم ناڪ آهن. جنهن ڪتاب کي اڄ جو هندوستاني سياستدان پنهنجي ملڪ ۾ تهذيب لاءِ شرمناڪ سمجهي ٿو اُن ڪتاب جا خالق ڪنهن وقت هن ديش جا بااثر منصف هئا، ۽ انهن جي فيصلي کان انڪار ڪندڙ يا اُنهن جي فيصلن تي ٽوڪبازي ڪندڙ کي توهين عدالت جو مرتڪب قرار ڏئي، هاٿيءَ جي پيرن هيٺان اُڇلائي چڇريو ويندو هو.

اسلام، انساني آزاديءَ ۽ مساوات جو اُهو آفاقي نغمو هو جيڪو انقلابِ فرانس کان سوين سال اڳ 'بحرِ احمر' [کاڙهي سمنڊ] جي ڪناري تي هڪ ويران سر زمين جي پهاڙ جي غار ۾ تخليق ٿيو- ۽ اُن جي مڏر ڏُن مختصر عرصي ۾ 'صحراءِ عرب' کان 'ديوار چين' تائين ڪائنات جي دل ۾ سحر انگيز اِرتعاش پيدا ڪري ڇڏيو ۽ جنهن جي پيغمبر صلعم اعلان ڪيو تہ: "اسلام جي عدالت ۾ جيڪڏهن فاطمہ بنت محمد بہ مجرم بنجي آئي تہ اُن جو هٿ وڍيو ويندو."- ۽ جنهن نظام جي هڪ بي ريا محافظ انصاف جي تقاضا کي مدنظر رکي، پنهنجي نوجوان پُٽ کي دُرا هڻائي مارائي ڇڏيو هو. اُنهيءَ نظام جي پيروڪارن، جڏهن قبائلي سادي زندگيءَ مان نڪري جاگيرداري دور ۾ قدم رکيو تڏهن اسلام جو عدالتي نظام بہ پوريءَ ريت حاڪمن ۽ خليفن جي ڪيسي جي گهڙي ۽ هٿ جي ڇَڙي بنجي ويو- ۽ مفتيءَ جو قلم، بادشاهہ خليفي ۽ اَمير المؤمنين جي اشاري تي ائين هلڻ لڳو جيئن ملڪ زبيدهہ جي تاڙيءَ جي آواز تي کدڙا غلام ڊوڙڻ لڳندا هئا.

اسلامي عدالتي نظام ۾ شخصي ۽ شاهي مداخلت جو سڀ کان پهريون نشان ۽ شڪار آلِ رسول ٿيو. يزيد جي ڊڪٽيٽرشپ، معاشري ۾ بَراين ۽ بدڪردارين جو ڄار پکيڙي، اخلاقي بي راهہ روي ۽ افراتفري پيدا ڪري ڇڏي هئي. ۽ مسلمان معاشري کي 'رومن امپائر' جي نقش قدم تي هلائڻ جي رڃابنديءَ ۾ مصروف ٿي ويو. اهڙي جبر ۽ جفا جي سيلاب کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ لاءِ امام حسينؑ حق ۽ صداقت جو آواز بلند ڪيو. حسينؑ جي ذاتي ۽ نَسبي عظمت ايتري تہ بلنديءَ تي پهتل هئي، جو يزيد لاءِ سنئون سڌو حُسينؑ تي قدم کڻڻ مسئلو بنجي ويو. اُن ڪري، هن اسلامي عدالتن جي ججن ڏانهن رجوع ڪيو. وقت جي حاڪم جي اشاري جي دير هئي، مفتين جي قلمن جو گهوڙو ڊوڙڻ لڳو. هڪ بن

نہ. پر پورن ستر قاضين فتويٰ ڏني تہ: "حسينؑ کي قتل ڪرڻ نہ صرف جائز آهي، پر ثواب جو ڪم آهي!" انهن عالمن هڪ حديث بہ ٺاهي ورتي، جنهن جا لفظ اوهان جي ڄاڻ لاءِ آءٌ نقل ڪري رهيو آهيان:

اِذَا بويِعَ لِخليفَتَين فاقتُلوا آخرهُما

[يعني جنهن وقت خلافت جا بہ دعويدار پيدا ٿي پون، تہ پوءِ اُن کي قتل ڪريو جنهن دير سان دعوا ڪئي هجي.]

عالمن جي انهيءَ فتويٰ جي بنياد تي حسين عليہ السلام سان جيڪو ڪجهہ وهيو واپريو سو انساني تاريخ جو انتهائي دکدائڪ واقعو آهي- ۽ اڄ ڏينهن تائين انسانيت اُن جي ماتم کان فارغ نہ ٿي آهي. حسينؑ جي قتل ڪرڻ لاءِ فتويٰ ڏيندڙ قاضي سڳورا پاڻ کي ايتريقدر متقي ۽ پرهيزگار سمجهندا هئا، جو هنن هڪ دفعي امام ابو حنيفہ کان پڇيو تہ "بي گناهہ ماڪوڙيءَ کي مارڻ ڪيڏو گناهہ آهي؟" امام ابو حنيفہ جواب ڏنو تہ: "توهان جي بيشرميءَ ۽ ديده دليريءَ تي مون کي شرم ٿو اچي. اوهان جنهن وقت حسين کي قتل ڪرايو اُن وقت اوهان کي ڪو بہ گناهہ جو احساس نہ ٿيو ۽ اڄ هڪ ماڪوڙيءَ مارڻ جي گناهہ جو بار اوهان کي پريشان ڪري رهيو آهي...!"

اسلام جي قانون ۾ زنا جي سزا ڪنواريءَ لاءِ هڪ سؤ دُرا ۽ پرٽيل لاءِ سنگساري آهي. اِهو اسلام جو هڪ ناقابلِ تبديل قانون آهي، جنهن کي قرآن ۾ وضاحت ۽ صراحت سان بيان ڪيو ويو آهي. اُن قانون جي هوندي حسين ع جي شهادت کان ڪجهہ عرصو پوءِ مديني جي باغين کي سزا ڏيڻ لاءِ يزيد جون شامي فوجون مديني شريف ۾ داخل ٿيون. تن بي انداز خونريزي ۽ ڦرلٽ کان سواءِ فوجي درندن هَوس کان مغلوب ٿي، پيغمبر اسلام جي آخري آرامگاهہ واري شهر ۾ وحشين وانگر زنا ڪئي، جنهن جي

نتيجي ۾ هڪ هزار عورتون زنا باالجبر (ريپ) سان حامل بنجي ويون. اُن واقعي تي واحد اسلامي حڪومت جا قاضي ۽ مفتي نہ صرف خاموش رهيا، پر اُنهن مان ڪيترا انهيءَ عيشِ عام ۾ شامل رهيا آهن. اُهو واقعو سيني اسلامي تاريخن ۾ موجود آهي، ڪنهن خاص ڪتاب جي حوالي ڏيڻ جي ضرورت نٿو سمجهان.

بني اُميہ جي ئي دؤر ۾ هڪ جليل القدر اصحابي رسول عبدالله بن زبير، مشهور ظالم ۽ سفاڪ گورنر حجاج بن يوسف جي ظلمن کان تنگ ٿي، ڪعبة الله ۾ پناهہ ورتي. ڪعبي لاءِ قرآن ۾ چيل آهي تہ "مَنْ دَخَلَه كَانَ آمِنا" يعني: "جيڪو ڪعبت الله ۾ داخل ٿيو پوءِ اهو ڪيڏو ئي مجرم چونہ هجي تنهن کي امن ڏيو!"

اسلامي حڪومت جي ججن فتويٰ ڏني تہ: "وقت جي حاڪم کي ملڪي سياست ۽ تدبير عمليءَ ماتحت هر قدم کڻڻ جي اجازت مليل آهي." نتيجي طور حجاج، ڪعبت الله تي منجنيقن سان گولاباري ڪرائي، جنهن ۾ ڪعبت الله جي هڪ ديوار ڪري پيئي. عبدالله بن زبير کي قتل ڪري، ٽي ڏينهن پورا سندس لاش کي چؤواڻي تي لٽڪايو ويو ۽ اُهي ساڳيون ئي منجنيقون، اڳتي هلي، ديول بندر [سنڌ] جي مندرن کي ڌاهڻ ۾ ڪتب آنديون ويون.

هڪ ظالم ۽ خود غرض حڪمران کي پنهنجي حڪومت ۽ اقتدار جي سلسلي ۾ نہ ڪعبي جي پرواهہ هوندي آهي، ۽ نہ وري مندر جي. بلڪل اهڙيءَ ريت پيسي ۽ عهدي جي غلام منصف، جج، قاضي، مفتي ۽ پنڊت لاءِ ڏوهي ۽ بي ڏوهي ڪابہ حيثيت نہ ٿا رکن. هن وٽ حاڪم جي رضا لاءِ قاتل کي باعزت بري ڪرڻ ۽ آهنسا جي پرستار کي موت جي سزا ڏيڻ پنهنجي دانشمنديءَ جو معراج آهي. اِهو ساڳيو حال حجاج يوسف جي وقت جي مڙني قانوندانن جو هو. انساني، اخلاقي ۽ اسلامي نقطئہ نظر موجب قتل جو مستحق حجاج بن يوسف هو نہ عبدالله بن زبير!

حجاج بن يوسف هڪ لک اناويهہ هزار انسان پنهنجي هٿ سان قتل ڪرايا هئا. تنهن ڪري قصاص ۾ هڪ لک اناويهہ هزار ٻيرا ڪيس ڦاسي ڏيڻ کپندي هئي. ليڪن 'قانون هميشہ حاڪم جي هٿ جو راندیڪو هوندو آهي. جيڪو ڪيس ڪو بہ نقصان نٿو پهچائي سگهي.'

قانون جي انهيءَ ڪردار تي هڪ گمنام مفڪر چيو آهي:

"قانون ڪوريئڙي جو ڇار آهي. جنهن ۾ مڇر ڦاسي پوي ٿو ليڪن ڏڳو اُن کي ٽوڙي هليو وڃي ٿو. يعني، قانون ڪمزور جي بيوسيءَ تي ئي حرڪت ۾ اچي سگهي ٿو!"

هڪ ٻئي دانشور جو چوڻ آهي تہ:

"قلم بادشاهہ جي هٿ ۾ موت جو مرثيو. جج جي هٿ ۾ مظلوم جي مٿي لاءِ پٿر جو گولو ۽ شاعر جي هٿ ۾ زندگيءَ جو گيت هوندو آهي."

قانون [مظلوم جي مٿي لاءِ پٿر جو گولو] جيڪو ابتدائي دؤر کان وٺي اڄ تائين انساني ميڇالن سان ليٿڙجي، پنهنجي صورت ئي بدلائي چڪو آهي. اسلامي قانون موجب بن سڳين پيئرن سان هڪ ئي وقت نہ نڪاح جائز آهي ۽ نہ وري ڪين فڪ (FUCK) ڪرڻ. جيڪڏهن ڪو حيوان صفت انسان اهڙي فعل جو ارتڪاب ڪري ٿو تہ اُهو زاني آهي. ۽ سندس سزا سنگساري آهي. ليڪن بني اُميہ جي دؤر ۾ جڏهن اروڙ جي گپ تي شام ويلي برندڙ ڏيئا، آخري پڙڪو کائي وسامي ويا، عربي گهوڙن سرزمين سنڌ جي سيني سرسبز ڪيتن کي هَلر وانگر ڳاهي وڃي ملتان وٽ دنگ ڪيو ۽ سنڌوءَ جي سرسبز ڪنارن تي انساني خون سهاڳڻ جي سينڌ ۾ پيل سينڌور وانگر جرڪي رهيو هو. اُن وقت سنڌ جي حاڪم جون، بہ راجڪماريون، چوڪنيون بڌجي،

عرب حڪمران 'وليد بن عبدالملڪ' جي دربار ۾ پيش ڪيون ويون. رَسين ڪلڙ سان راجڪماريون اُٽي ويٺيون تہ جڙ وِڄ وراکو ڏنو هو. وليد، تاب نہ سهي ٻنهي کي پنهنجي حَرم ۾ داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ ٽَڪ لاهڻ کان پوءِ هڪڙيءَ کي پهرين رات ۽ ٻيءَ کي ٻيءَ رات استعمال ڪندو! پوري دربار مان ڪنهن قاضي، مفتي، عالم ۽ قانون ساز وليد جي انهيءَ فيصلي جي مخالفت نہ ڪئي، ڇو تہ مخالفت واري صورت ۾ ڪيس وليد جي تلوار جو ڪاڄ بنجڻو پوي ها. ۽ اهڙي سزا لاءِ تہ صرف سقراط ئي تيار ٿي سگهيو ٿي. نہ حاڪمن جون پليٽون چٽيندڙ قاضي يا مفتي، جن پنهنجون دليون حرام خوريءَ جون عادي بنائي ڇڏيون هيون. اهڙن ئي قاضين، مفتين، عالمن، فاضلن، قانوندانن ۽ ججن لاءِ لطيف سائينءَ چيو آهي:

سَڌِ ڏيا شراب جون، ڪوهہ پچارون ڪن،
جُہ ڪات ڪلالن ڪيڙيا، تہ موٽيو پوءِ وڃن،
ٻِڪُون سي پيئن، سِرَ جنين جا سَٽَ ۾!

(شاهہ)

اسلامي فقهہ جو هڪ وڏو عالم ۽ فقيهہ، قاضي ابو يوسف هارون رشيد جي حڪومت ۾ چيف جسٽس هو جنهن جو ڪم ئي هو هارون رشيد جي لاءِ عورتن سان همبستريءَ کي جائز قرار ڏيڻ. پوءِ اها عورت پلي ڪٽي ڪنهن جي نڪاح ۾ هجي، طلاق جي عدت ۾ يا محرمات شرعيءَ مان هجي. انهيءَ جج صاحب جا واقعا تمام تفصيل سان مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪتاب 'تذڪري' ۾ موجود آهن.

اسلامي فقهہ جي هڪ ٻئي وڏي امام مالڪ بن اَنس کي هڪ مسئلي جي اختلاف تان وقت جي مفتين، حاڪمِ وقت کان سخت سزا ڏياري هئي. اصلي مسئلو هيءُ هو تہ حاڪم، ڪنهن غريب جي خوبصورت زال تي عاشق ٿي پيو. بادشاهہ جي خواهش پوري

ڪرڻ خاطر اُن غريب کي چيو ويو تہ: 'تون پنهنجي زال کي طلاق ڏي' پر هن انڪار ڪيو جنهن تي ڪيس خوب مار ڏياري. طلاق جي دستاويز تي صحيح ڪرائي وئي. سيني قاضين ۽ مفتين اهڙي طريقي سان طلاق کي جائز قرار ڏنو ۽ حاڪم اُن عورت سان شادي ڪئي. اها خبر جڏهن هن خدا ترس ۽ فقير مُنش امام مالڪ کي پئي تہ هن هڪدم اعلان ڪيو. 'طلاقُ المکروهہ غيرُ واقِع' يعني [زبردستيءَ سان طلاق ملي نٿي سگهي.]

شهوت جي غلبي سان مغلوب حاڪم لاءِ هڪ بي نوا فقير جو اهڙو اعلان ناقابل برداشت هو تنهن امير جو اطاعت جي انحرافيءَ جي ڏوهہ ۾ ڪيس سخت سزائون ڏنيون. انهن مان هر سزا جي پرواني تي اُن وقت جي قاضيءَ ۽ مفتيءَ جي مُهر سان صحيح ٿيل هوندي هئي.

هارون رشيد جي دؤر ۾ هڪ سنڌي خاندان ايران مان ٿيندي بغداد پهتو هو جنهن پنهنجي علم ۽ دانشمنديءَ جي ڪري بغداد ۾ وڏو مرتبو ۽ مان حاصل ڪيو ۽ عباسي حڪومت جي وزارت عُظميٰ جي رتبي کي رسيو. ليڪن اوچتو هارون رشيد ڏمرجي سواءِ هڪ پوڙهي عورت جي پوري خاندان کي بي گناهہ قتل ڪرائي ڇڏيو.

هارون رشيد، جي انهيءَ ظلم ۽ بربريت، خونخواري ۽ خونريزي، سفاڪي ۽ درندگي ۽ نسل ڪش پاليسيءَ تي ساري بغداد جا عالم، قاضي، مفتي، حڪيم ۽ فلاسفر خاموش تماشائي ٿي ڏسندا رهيا، رت وهندو رهيو لاشَ سڙندا رهيا، زندگيءَ جو سدا بهار گلاب بادشاهہ جي ڏمر جي ديوَ جي پيرن هينان چڇربو رهيو. قرآن جي پوري تعليم ۽ فلاسافي اهڙي نسوري ناحق تي دانهون ڪندي رهي، ليڪن قاضين جي حُجرن ۽ عالمن جي حُجرن ۾، مدرسن جي ايوانن ۽ مسجدن جي منبرن تي هارون رشيد کي 'محافظ دِين و ملت' ۽ 'اَمير المؤمنين' جا خطاب ملندا رهيا ۽

سندس شان ۾ قصيدا پڙهيا رهيا. اُهو مقتول ۽ مظلوم خاندان تاريخ ۾ 'برمڪي خاندان' جي نالي سان مشهور آهي. يحييٰ برمڪي ۽ جعفر برمڪيءَ جي واسطي سان هر علمي ماڻهو اُن کان واقف آهي.

عباسين جي دور جي حڪمران مامون رشيد جي ڏينهن ۾ هڪ شخص 'احمد بن حنبل' نج مذهبي معاملي ۾ وقت جي بادشاهه جي نظرياتي مخالفت ڪئي. بادشاهه سگهوري قاضين کان احمد بن حنبل جي باري ۾ فتويٰ طلب ڪرڻ کان اڳ وڏي مناظري جو بندوبست ڪرايو جنهن ۾ احمد بن حنبل، سرڪاري ملن کي شڪست ڏني. ليڪن طاقت ڪڏهن ب دليل کي تسليم نہ ڪندي آهي. هوءَ صرف پاڻ کان وڏي طاقت جي ئي آڏو جهڪڻ سکي آهي. تنهن ڪري احمد بن حنبل جي ڳالهه مڃڻ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو سو اُن کي سڏو ڪرڻ لاءِ قاضين کان فيصلو ورتو ويو. قاضين چيو تہ هن کي تعذير ملڻ گهرجي، باقي تعذير جي نوعيت ۽ حد جو فيصلو اميرالمؤمنين تي ڇڏيل آهي. انهيءَ فتويٰ جي فيصلي ملڻ شرط جلاد گهرائي احمد بن حنبل جي پٺيءَ تي دُرا هڻايا ويا. هو عزم ۽ استقامت جو پيڪر دُرا کائيندي بيهوش ٿي ويو پر پنهنجي نظريي ۽ موقف تان کين هٽيو. نيٺ کيس اُونداهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ [جنهن کي موجوده جيل جو بند وارڊ چئي سگهجي ٿو.] بند ڪيو ويو. روزانو صبح جو سندس مٽي تي اٽي جا پنوڑا ناهي. اُن ۾ ٿهڪندڙ تيل وڏو ويندو هو ۽ پوءِ کائيس سندس نظريي جي باري ۾ پڇيو ويندو هو. آخرڪار احمد بن حنبل جيل ۾ ئي اهڙيون سختيون سهندي مري ويو پر آڻ نہ مڃيائين.

ٿي تنڱنين سين ڏيٺ موٽڻ جنين مِهڻو!

آءٌ اعتراف ٿو ڪريان تہ اڄ ڏينهن تائين آءٌ حڪمرانن جي اُنهيءَ فطرت کي سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ هو اِهو ڪيئن سمجهي ويٺا آهن تہ انساني ارادي جي همالياہ کي طاقت ۽ تشدد

ذريعي پستيءَ ڏانهن موڙي سگهي ٿو انساني دل جي سمنڊ کي جلاد جي تلوار سان خشڪ ڪري سگهجي ٿو انساني مقصد جي آسمان ۾ گوليءَ ذريعي ٽُنگ ڪري سگهجي ٿو ۽ انساني دماغ جي وسيع صحرا کي جيل جي ديوارن ۾ گهُٽي ۽ روڪي سگهجي ٿو؟ ڇا هنن تاريخ جي هر دؤر ۾ ڏٺو ناهي ته دراوڙ جي قلم آرين جي پالي کي شڪست ڏني آهي. چنگيز جي يلغارن جي اثرن کي ابن تيميہ جي فڪر واچوڙي وانگر اڏائي ڇڏيو آهي. سڪندر جي طوفان لاءِ سنڊي عوام جو حوصلو موت جو پيغام بنجي ويو آهي. انگريز سامراج جي بم ۽ بندوق کي مهاتما گانڊيءَ جي بک هڙتال مرڙ هارڪو ڪري ڇڏيو. نازين جي يلغار کي جيولس فيوچڪ جي صاقت پڇائي ڇڏيو آهي. زار جي توب کي روس جي مزدور جي هٿوڙي ناڪاره بنايو آهي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ڪٽڪن تي لطيف جي شاعريءَ ابدي سوپ ماٽي آهي.

مون تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو آهي ته طاقت استعمال ڪندڙ حاڪم ۽ ڊڪٽيٽر، زندگيءَ جي جنگاهہ ۾ پوري قوت ۽ شوڪت سميت سچائيءَ کان شڪست کاڌي آهي. مون چنگيز کي وقت جي ڦاسيءَ گهاٽ تي ٽنگيل ڏٺو آهي. مون سڪندر کي سِڪندي ڏٺو آهي. مون سيزر کي خودڪشي ڪندي ڏٺو آهي. مون حجاج بن يوسف کي ڪُتي وانگر ڦٽ چٽيندي ڏٺو آهي. مون مسوليني‌ءَ جي لاش کي روم جي بازارن اندر انساني پيرن جي ٺُڪن ۾ ڏٺو آهي. مون هٽلر کي تيزاب ۾ جلندي ۽ فرانڪو کي چڑيون هڏندي ڏٺو آهي. انهيءَ ڪري مون کي ظالمانہ طاقت جي شڪست ۽ هار جو ايترو ئي يقين آهي، جيترو دنيا وارن کي رات جي ختم ٿيڻ جو!

مامون الرشيد پنهنجي پر ۾ ابن حنبل کي ختم ڪري ڇڏيو پر امام حنبل حق ۽ باطل جي جنگ ۾ هميشہ لاءِ ڪامياب ٿي ويو. اڄ هڪ حڪومت ۾ سعودي عرب جو پورو نظام احمد بن حنبل جي فڪر جي روشنيءَ ۾ هلي رهيو آهي، ۽ مامون جو پورو نظام ۽

تشدد صرف تاريخ جي ڪتابن ۾ ئي وڻِ وانگر رهجي ويو آهي. بني عباس جي حڪومت ۾ عدالتي نظام جي اهڙيءَ ريت مٽي پليت ٿيندي ڏسي، حق ۽ صداقت جي علمبردار عالمن، جج ۽ قاضي ٿيڻ کان ئي توبهہ ڪري ڇڏي. جيئن ته فقهہ حنفيءَ جو مشهور امام 'ابو حنيفہ'، جيڪو [نسلي طرح] سنڌي هو تنهن کي وقت جي حڪمران قاضي القضات [چيف جسٽس] جو عهدو آڇيو پر امام صاحب، شاهي حڪومت ۽ عدالتي نظام کان پوريءَ ريت واقف هو تنهن معذرت ڪندي جواب ڏنو ته "اوهان جي دؤر حڪومت ۾ پاڻ کي اهڙي عهدي جي لائق ئي نٿو سمجهان." خليفي صاحب چيو: "تون ڪوڙ ٿو هڻين." امام صاحب جواب ڏنو ته: "تنهنجي خيال ۾ جڏهن مان ڪوڙو آهيان، ته پوءِ هڪ ڪوڙو ماڻهو ڪهڙيءَ ريت عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهي سگهي ٿو." ابو حنيفہ جي انهيءَ جواب کان مشتعل ٿي، بادشاهہ سلامت کيس عمر پر لاءِ قيد ڪرائي ڇڏيو ۽ نتيجي طور سندس جنازو به جيل مان نڪتو.

موجوده دور جي مسلم دنيا ۾ اڪثر مسلمان، ابو حنيفہ جي فڪر ۽ فلسفي تي مبني نظام 'فقہ حنفي' تي عمل ڪن ٿا. ۽ دنيا جي مؤرخن هڪ بهترين قانونساز جي حيثيت ۾ کيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. سندس ڪيترن ئي ڪتابن مان هڪ ڪتاب 'فقہ اڪبر' دنيا جي چند مشهور ڪتابن مان هڪ آهي.

علم، فڪر، دانش، طب، رياضي، موسيقي ۽ حڪمت جي روشن ستاري 'ابونصر فارابيءَ' جي نالي ۽ ڪارنامن کان اڄ علمي دنيا جو هر شخص واقف آهي. نہ رڳو مشرقي عالمن، پر مغربي مفڪرن ۽ مستشرقين کيس ارسطوءَ کان پوءِ 'حڪمت، فلسفي ۽ منطق جو آبو' سڏيو آهي. انسانيت جي اهڙي متاع عظيم کي به محمود غزنويءَ مارائڻ جو منصوبو ٺاهي، کيس بنهنجي دربار

۾ گھرايو هو: ڇو تہ محمود غزنويءَ جي پگھاردار قاضين فتوا ڏني هئي، ابونصر فارابيءَ کي وقت کان اڳ ۾ خبر پئجي وئي، تنهن کري هن پڇي جان بچائي ۽ باقي عمر غزنويءَ جي شڪاري ڪُتن [فوجي سپاهين] کان روپوش رهي، گمناميءَ جي زندگيءَ ۾ گذاري ويو. [ڪتاب: 'حڪماءِ عالم'.]

برصغير ۾ اسلامي فتوحات کان پوءِ ننڍي کنڊ جي عوام کي اسلام جي نظامِ عدل سان شايد ڪجهہ خوبصورت اميدون وابستہ ڪرٽيون پيون هجن، پر اسلامي قاضين ۽ مفتين مان اڪثريت جي روين، فيصلن ۽ فتوائن مان هتان جي عوام کي جلد ئي محسوس ٿيو هوندو تہ چندر گپت موريہ، وڪرماجيت ۽ پرٿوي راج جي سرڪاري ججن ۽ محمد شاهہ تغلق، علاؤ الدين خلجي، بابر، همايون، اڪبر ۽ اورنگزيب جي پگھاردار منصفن ۽ مفتين جي فيصلن ۽ ضمير فروشيءَ ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. هندستان جي هاڪاري بادشاهہ محمد شاهہ تغلق، جي انڊيرنگريءَ واري رواج جو پورو رڪارڊ آفريقي سيلاني 'ابن بطوط' پنهنجي سفرنامي ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. اهو بادشاهہ پنهنجي پوري سفاڪي ۽ خونخواريءَ سان گڏ انتها درجي جو پيٽوڙي هو ۽ نتي ۾ گھٽو پلو ڪائڻ سبب ڦاٽي مئو هو. انهيءَ بادشاهہ ڪيترا دفعا سنڌ تي حملا ڪيا ۽ هتي جي معصوم ۽ اٻوجهہ عوام جي خون سان هولي ملهائيندو رهيو. 'سنڌ سيڪريٽريٽ بلڊنگ' تي انهيءَ بادشاهہ جو نالو رکڻ سراسر غلامانہ ذهنيت ۽ شهنشاهيت پرستيءَ جو ثبوت آهي. اُن ڪري نئين سنڌ جو عوام نٿو چاهي تہ سندن ڪاروبار هلائيندڙن جي مٿي تي اُهو غلاميءَ ۽ بدترين شخصيت پرستيءَ جو ڇت باقي رهي.

مشهور مغل بادشاهہ اڪبر جي حڪومت جي چيف جسٽس جو نالو مخدوم عبدالنبي هو. اُن ڪيترا عالم، درويش ۽ صوفي سڳورا پنهنجي فتوائن جي ذريعي قتل ڪرايا، جن ۾

هڪ تارڪ دنيا فقير 'شيخ علائي' ٻہ هو جنهن پنهنجن مريدن ۾ رواج وڌو هو تہ جيڪو جيترو ڪمائي، سو سيني ۾ برابر ورهايو ويڃي ۽ ڪو ٻہ مرد ۽ عورت محنت ڪرڻ کان سواءِ نہ ويهي.

مخدوم عبدالنبيءَ جو قلم، حق پرست انسانن جي خلاف جلاد جي تلوار وانگر هلندو رهيو ۽ هو دولت گڏ ڪري قبرن ۾ پوري اِهو مشهور ڪرائيندو هو تہ اِهي قبرون سندس اٻن ڏاڏن جون آهن. برصغير جي وڏي اسلامي حڪومت جي انهيءَ چيف جسٽس، زڪوات کان بچڻ لاءِ عجيب قسم جو منطق ٺاهيو هو. اسلامي قانون موجب زڪوات اهڙيءَ ريت لاڳو ٿئي ٿي، جيڪا صاحبِ مال وٽ هڪ سال پورو رهي هجي. مخدوم عبدالنبي چا ڪندو هو جو سال جا يارهن مهينا [پنهنجو مال دولت] پنهنجي زال کي تحفي طور ڏئي ڇڏيندو هو. اها پاڻ پري سال جا باقي رهيل ڏينهن پورا ڪري پوءِ وري [اهو مال ملڪيت] پنهنجي مجازي خدا کي ڏئي ڇڏيندي هئي. اهڙيءَ ريت ڪنهن هڪ وٽ ٻہ دولت کي پورو سال نہ گذرندو هو ۽ نتيجي طور ٻئي ڇٽا زڪوات ڏيڻ کان بچي پوندا هئا. اهڙي زهريلي نانگ کان هندوستاني عوام جي جان ڇڏائڻ لاءِ فلاسفرن ۽ دانشورن: ابوالفضل ۽ فيضيءَ، آزاد ڪرائي. اهي ٻئي نوجوانيءَ ۾ مخدوم عبدالنبيءَ جي فتوائن جا ڏنگيل هئا. ۽ جان بچائڻ خاطر ڪيترا ڏينهن پنهنجي والد محترم 'شيخ مبارڪ سيوهاڻيءَ' سان گڏ روپوش رهيا هئا. [ڪتاب: 'دربار اڪبري' ۽ 'تذڪره': از ابوالڪلام]

ڏهين صدي هجريءَ ۾ ڪابل مان هڪ ظالم ۽ جابر شخص شاهہ بيگ ارغون، سنڌ ۾ سما گهراڻي جي آخري حڪمران ڄام فيروز کي شڪست ڏئي، پوريءَ سنڌ کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ بلڪل جڪڑي ڇڏيو. جيتوڻيڪ وقت جو حڪمران طبقو پنهنجي نااهليءَ سبب شڪست کائي ويو، ليڪن سنڌ جي

بهادر عوام ۽ دلير انسانن، سنڌوءَ جي ڪنارن، سنڌ جي ٻيلن، ٿر جي ٻٽن، ماٿرين ۽ پهاڙين ۾ سنڌ جي آزاديءَ ۽ بقا جي جنگ آخري وقت تائين وڙهي. هنن جي وڃ وانگر چمڪندڙ ڪهاڙي، هڪ رات بہ ارغونن کي آرام جي ننڊ سمهڻ نہ ڏنو. اهو دور حاڪمن جي ظلم ۽ منهنجي سدا سهاڳڻ ڌرتيءَ جي سرويچ ۽ مانجهي مٽيرن جي مقابلي جو انتهائي يادگار دور آهي، جنهن کي ياد ڪندي، ڪوٽن ۾ قابو هئڻ جي باوجود، منهنجو ڪنڌ فخر سان اِئين بلند ٿي ويندو آهي، جيئن آزاديءَ جي جشن وقت قومي جهنڊو بلند ٿي ويندو آهي. ارغونن جي ٽيهن سالن جي دور حڪومت ۾ هن ڌرتيءَ جي ٻنيي ڏاڙهيءَ واري انسان جي ڪهاڙيءَ جو رت هڪ ڏينهن لاءِ بہ ڪين سُڪو. اُنهيءَ ويڑهہ هلندي سکر جي پرسان روهڙيءَ وٽ سنڌ جي ڏاريجي ٽبيلي ارغونن جي فوج تي حملو ڪيو. خونريز ويڑهہ ڪان پوءِ پوري ٽبيلي مان صرف 42 مرد بچيا، سي گرفتار ٿي شاهہ بيگ ارغون جي آڏو پيش ڪيا ويا. شاهہ بيگ، سنڌ جي هڪ وڏي عالم، فاضل ۽ شاعر قاضي قاضن ڪان انهن غيرتمند ۽ وطن دوستن انسانن جي قتل بابت فتوا ورتي.

تاريخ جي سپ ڪان وڌيڪ ستم ظريفي اُن وقت ٿيندي آهي، جڏهن غيرتمندن جي خلاف بي غيرت، وطن دوستن خلاف وطن دشمن ۽ وفادارن خلاف غدار، دليرن خلاف بزدل، پاڙي ۽ وڪاٽل گهوڙا فيصلا ڏيڻ شروع ڪندا آهن. قاضي قاضن، جنهن جي علم، فضل، بزرگي ۽ شاعريءَ جي ديوار کي ارغونن جي دولت جي سُري ڪائي ڇڏيو هو تنهن انهن انسانن جي خلاف جيڪا فتوا ڏني، سا سنڌ جي تاريخ جي سيني ڪتابن ۾ موجود آهي. هتي آءٌ يوسف ميرڪ، جي مظهر شاهجهانيءَ تان پنهنجي يادگيريءَ جي بنياد تي قاضي صاحب جي فتوا جا لفظ لکي رهيو آهيان:

عاليجاه! زمين اين ولايت سيلابست و خار بسيار، درا ين زمين مي رَويد بيل خار كني هميشہ در دست بايد گرفت.

[عاليجاھ! هن ملڪ جي سرزمين سيلابي ۽ ڪُنڊِ واري آهي، جنهن ۾ تمام گھڻا ڪنڊا آهن. [جن کي ختم ڪرڻ لاءِ] هٿ ۾ کھيڙو هئڻ گھرجي.]

اِها فتوا ملڻ شرط سيني [ڏاريجن] کي مارائي، سندن لاشا اُونداهي کوھ ۾ اُڇلائي ڇڏيا ويا. اڄ سنڌي ادب ۾ قاضي قاضن جو نالو [عالم جي حيثيت ۾] گارِ جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. جيتوڻيڪ هو سنڌي زبان جو لطيف کان بہ آڳاٽو [پھريون وڏو] شاعر ھو.

ارغونن جي دؤر جو ھڪ پيو واقعو آهي، جنهن نہ صرف حاڪمن جي وحشانيت جي حد ڪري ڏيکاري آهي، پر انصاف جي ڪُرسين تي ويٺل ججن جي سنگدلي ۽ ڪنورتا جي انتها ڪري ڇڏي آهي. اهو قصو مخدوم بلاول جي شهادت جو آهي.

هن واقعي جو پس منظر هيءَ آهي تہ ارغونن جي حملي وقت سنڌ جي بن اوليائن ۽ بزرگن، پنهنجي وطن جي بچاءَ جي جنگ ۾ پرپور حصو ورتو اُنهن مان ھڪ هو سيد حيدر سن وارو [سنڌ جي موجوده قومي رهنما جي. ايم. سيد جو تيرهين پيڑهيءَ ۾ ڏاڏو] ۽ پيو هو مخدوم بلاول سمون باغبان وارو.

ارغونن جي قبضي کي مضبوط بنائڻ شرط مولوين جي تعذير موجب سيد حيدر سنائيءَ کي ڪچ ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو باقي وقتي حالتن پٽاندر مخدوم بلاول تي في الحال قدم کڻي نہ سگھيا، پر انهيءَ جو اهو مطلب هرگز نہ هو تہ ڪو هنن مخدوم صاحب کي معاف ڪري ڇڏيو هو. ارغوني فتحن جو سلسلو

جاري هو ۽ اُن وقت مخدوم صاحب جي اپيل تي رڌمل سوڍو [ٺر مان]، سارنگ سهتو [وچولي سنڌ مان]، سنڌ جي لافاني شخص ۽ عظيم محب وطن دولهه دريا خان جا فرزند موٽڻ ۽ محمود، وطن دوست سنڌين جا جٿا وٺي ٽلٽي [موجوده ضلعي دادو] جي ميدان ۾ گڏ ٿيا ۽ پناڻ فوجن سان مُڙساٽيون چونڊون ڪاڌائون. اُن وقت ارغونن، قاضي قاضن کي مخدوم بلاول وٽ صلح لاءِ موڪليو هو. مخدوم صاحب، قاضي قاضن جهڙي غدار ماڻهوءَ کي چوائي موڪليو ته: 'آءٌ تو جهڙي مادر وطن جي غدار جو منهن ڏسڻ به پنهنجي لاءِ باعثِ شرم سمجهان ٿو.'

ٽلٽيءَ جي بازار مان گذرندي، قاضي قاضن ڏانهن ماڻهن پٿر، ٺُڪون ۽ پادر اڇلايا. اها اهڙي ڳالهه هئي، جنهن کي قاضي قاضن جا طرفدار ۽ حڪومت جا دلال ڪڏهن به وساري نٿي سگهيا. هنن جي دلين ۾ مخدوم صاحب کان انتقام ونڻ جو بدبودار پاڻي اُبڙڪا ڏئي رهيو هو.

شاهه بيگ ارغون جي موت کان پوءِ جڏهن اُن جو پٽ مرزا شاهه حسن ملڪ جو مالڪ ۽ ولايت جو والي بڻيو اُن وقت قاضي قاضن واري پارٽيءَ، مخدوم صاحب کي سزا ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو. اُن لاءِ هنن هڪ موچيءَ کي رشوت ڏئي، مخدوم صاحب جي جُتيءَ ۾ قرآن شريف جي آيت جو ٽڪرو سبرائي چڏيو. مُلن سوچيل سمجهيل سازش تحت مخدوم صاحب کي عدالت ۾ گهرائي چيو ته: "تون دين کان ڦري ويو آهين ۽ قرآن جي آيتن کي جُوتي ۾ استعمال ٿو ڪرين." پر هن وقت جي ولي الله انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪيو. شاهديءَ ۾ رشوت خور موچيءَ کي گهرائي جوتو کولايو ويو جنهن مان قرآن جي آيت نڪري آئي. ٽٽي جي قاضين فتويٰ ڏني ته: "مخدوم صاحب کي جيئري گهاٽي ۾ پيڙايو ويجي." فتوا ملڻ شرط سنڌ جي هن نمڪ حلال ۽ سپوت فرزند کي گهاٽي ۾ پيڙايو ويو.

مخدوم صاحب، گھاٽي ۾ پيڙجي، وطن دوستي، قوم پرستي، آزادي ۽ مادر وطن سان وفاداريءَ جو لازوال سبق، سنڌ جي تاريخ جي ورقن تي پنهنجي مقدس رت سان لکي ويو. اڄ نہ اُهي جج رهيا آهن ۽ نہ انهن جون فتوائون، نہ اُهي حاڪم بچيا آهن ۽ نہ اُنهن جو نسل. ليڪن جيستائين هن ڪائنات جي وَسعت ۾ سون ورني سنڌ جو وجود آهي، جيستائين هن ڌرتيءَ تي چيٽ جون چانڊوڪيون ۽ اُنهن ۾ چڪور جون اڌامون آهن، جيستائين هن ڀُونءِ جي پٽن تي انساني دلين ۾ گهاءُ وجهندڙ واهوندا ورندا رهندا، جيستائين چيل ڇبيليءَ سنڌ جي بنين ۽ ميدانن ۾ زندگي هرٽيءَ وانگر ڇال ڏيندي رهندي، جيستائين وطن ڄاڻن جي معصوم مُرڪن ۾ اڻ لکا سَپنا ليئا پائيندا رهندا ۽ جيستائين هن منهنجي مَهان ديش جي متيءَ جي خوشبوءِ سان مست ٿي شاعرن جي قلم مان ڪيڏارا، آسوءَ جي اُوهيري وانگر ايرندا رهندا، اُن وقت تائين مخدوم بلاول زندهہ رهندو ۽ هر جابر جو موت مخدوم بلاول جو نئون جنم آهي ۽ هر ڏارئي جو ڏکجڻ مخدوم بلاول جو نئون جياپو آهي ۽ هر دؤر جي سنڌي محب وطن جو اهو ئي نعرو آهي تہ:

'مون جنگ وطن لاءِ جوٽي آ، مخدوم بلاول موٽي آ!'

مغليہ دؤر ۾ ہہ واقعا اهڙا ٿي گذريا آهن، جن جي وجود، مغليہ انصاف جي فرشتي جي چهري تي دانگي گهُمائي ڇڏي آهي. انهن واقعن مان پهريون واقعو هن ئي سرزمين تي ٿيو آهي، جنهن جو تعلق شاهہ عنايت شهيد سان آهي.

شاهہ عنايت شهيد، مغلن جي بدترين جاگيرداري نظام جي خلاف عملي ۽ نظرياتي بغاوت ڪئي. هن پنهنجي مريدن ۽ دوستن کي اجتماعي هاربي تي عمل ڪرڻ جو سبق ڏنو. نجي ۽ ذاتي جائداد ۾ صرف استعمال جون شيون، مثال طور گهر، ڪاڌي پيتي جا ٽانوَ ۽ سواريءَ جا جانور رهڻ ڏنا. باقي زمينون آڏاٽا، ڪُڏيون

وغيره سڀ گڏيل ملڪيت ۾ داخل ڪرايائين. پنهنجي مريدن جو لباس گيڙو مقرر ڪرايائين، بادشاهن، جاگيردارن، نوابن، وڏيرن ۽ اربابن کي ڏل ڏيڻ بند ڪرايائين. اهي خاصيتون ۽ خوبيون هيون، جن کي ڏسي موجوده سنڌ جي وڏي تاريخدان سيد حسام الدين راشديءَ شاهه عنايت شهيد کي سنڌ جو 'پهريون سوشلسٽ' قرار ڏنو آهي.

شاهه عنايت جي انهيءَ طريقي مغل امپائر، ڪلهوڙن ۽ ٽر جي زميندارن جون ننڍون حرام ڪري ڇڏيون. نتيجي ۾ مغلن، ڪلهوڙن ۽ پليجن جي لوڏن، شاهه عنايت جي مختصر گلشن تي سوڙن وانگر حملو ڪيو. فقيرن جي مختصر جماعت پنهنجي ايمان ۽ ضمير جي طاقت سان ڪيترا ڏينهن مقابلو ڪيو. عوام دشمن قوتون ۽ ياڙيا سپاهي ڏگهي جنگ مان بيزار ٿي پيا، تن وڌيڪ وڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. نيٺ پاڻ ۾ سازش ڪري شاهه عنايت کي قرآن تي وَڇن ڏئي، فيصلي لاءِ نٽي گهرايو ويو. نٽي ۾ مغل گورنر اعظم خان، مُلن کان شاهه عنايت جي باري ۾ ڪفر جي فتوا وٺي، قرآن جي وَڇن تان ڦري، شاهه عنايت کي شهيد ڪرايو. تاريخ سنڌ ۾ آهي تہ شهادت وقت هيءُ بيت شاهه عنايت جي زبان تي هو:

سر درِ قدم يار فدا شد چہ بَجا شُد،
اين بار گران بود ادا شد چہ بجا شُد.

(ڪتاب: 'منشور الوصيعت' مرتب: سيد حسام الدين راشدي)

ٻيو واقعو مست المست، صوفي لاکوفي، مذهب انسانيت جي عظيم مبلغ سرمد جي باري ۾ آهي. اورنگزيب طرفان شاهجهان کي نظربند ڪرڻ، وڏي عالم ۽ اديب شهزادي دارا شڪوهه کي قتل ڪرائي سندس بيگمن کي بيعزتو ڪرڻ واري قدم تي سرمد، پنهنجي مخصوص مجذوبانہ انداز ۾ سخت

احتجاج ڪيو هو. اورنگزيب مخصوص مسلمان بادشاهن وانگر سرمد جي تنقيد سهي نہ سگهيو ۽ دهليءَ جي قاضي القضات مُلان عبدالقويءَ کان سرمد لاءِ ڪفر جي فتوا حاصل ڪري، ڪيس بيدرديءَ سان قتل ڪرائي ڇڏيو. اورنگزيب جي باري ۾ تاريخدانن لکيو آهي تہ سرمد جي قتل کان پوءِ ڪيس هڪ رات بہ دهليءَ ۾ ترسڻ نصيب ڪو نہ ٿيو. (ڪتاب: 'سرمد شهيد').

سرمد جي عظمت ۽ بقاءَ لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ ايشيا جي سڀ کان وڏي مؤرخ، عالم، مفڪر، هندوستان جي وزيرِ تعليم، انڊين نيشنل ڪانگريس جي صدر، ڪرپس، ايٽلي، ڊيول ۽ مائونٽ بيٽن کان پنهنجي عظمت ڄاڻيندڙ مولانا ابوالڪلام 'آزاد'، جنهن جي وفات تي ممتاز برطانوي فلاسفر برٽرينڊ رسل چيو هو تہ 'سقراط کان پوءِ دنيا جي ٻئي نمبر انسان جو موت ٿيو آهي، ۽ اڄ آءٌ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري رهيو آهيان.' انهيءَ ابو الڪلام آزاد وصيعت ڪئي هئي تہ 'مون کي سرمد جي پيرن کان دفن ڪيو وڃي'، ۽ هو اڄ سرمد جي پيراندي ۾ ابدي آرام ڪري رهيو آهي.

مون کي احساس آهي تہ مون تمام گهڻو وقت ورتو آهي، ليڪن مون کي عدالت جي سرگذشت ڏاڪي بہ ڏاڪي بيان اُنهي ڪري ڪرڻي پيئي تہ جيئن دنيا ۾ مجرمن ۽ منصفن، ٻنهي جو ڪردار ۽ حيثيت واضح طور اُپري اچي.

عدالت جي ماضيءَ جي سرگذشت کي ڏسي، 1960ع ۾ ڪلڪتي جي عدالت ۾ مولانا آزاد چيو هو تہ:

"دنيا جون سڀ کان وڏيون ناانصافيون ميدان جنگ کان پوءِ عدالت جي ڪٺهڙن ۾ ٿيون آهن."

عدالت جي باري ۾ مٿيان رمارڪس (Remarks) صرف سياسي ۽ مذهبي مجرمن جي حد تائين آهن، چو تہ ڪائنات جي حسن ۽ نکار لاءِ اڄ تائين پوريءَ جدوجهد ۽ جاکوڙ جا ميدان ۽

ذريعا. اُهي ئي رهيا آهن. عدالت جي سرگذشت ۾ رام ڪهاڻي بيان ڪندي، مون ڄاڻي واڻي هن دور جي عدالت کي نظر انداز ڪيو آهي، نہ تہ هن دور ۾ بہ مون کي آفريڪا جي جهنگلن، وچ اوير جي ريگستانن، برصغير جي ميدانن، هند چيني۽ جي ٻيلن ۾ لاطيني آمريڪا جي ڪيترن ۾ بيشمار حريت پسندَ، ججن جي قلم سان ڪُٽل نظر آيا آهن. اڄ جي هر'باباءِ قوم' کي ڪلهہ جي عدالت غدار قرار ڏئي، سزا جو مستحق ٺهرايو آهي ۽ جيل جا ڦاٽڪ، انهن عظيم انسانن کي ڪوراڙ بلا وانگر ڇڙڪائڻ لاءِ آڻ ئي پهر ڪليل رهيا آهن.

جارج واشنگٽن، گانڌي، مارڪس، لينن، سعد ز غلول پاشا، ڪمال اتاترڪ، جمال ناصر، سوئيڪارنو بن باالله، نهرو لومبا، نڪروما، ايملڪار ڪبرال، هوچي منهہ، مائو زيتنگ، فيڊل ڪاسترو ۽ شيخ مجيب الرحمان مان ڪهڙو آهي، جنهن جي جسم تي جج جي قلم جا نشان نہ لڳا هجن ۽ جيڪو عدالت جي ڪٺهڙي ۾ مجرم جي حيثيت سان نہ بيٺو هجي- ۽ ان سان گڏوگڏ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ جنهن عدالت کالهہ انهن کي غدار قرار ڏنو هو اڄ انهيءَ ساڃيءَ عدالت ۾ جج جي ڪرسيءَ مٿان انهن انسانن جون تصويرون، جج جي قلم جي بيوسيءَ ۽ تاريخ جي بيرحم صداقت تي ٽهڪ ڏئي رهيون آهن.

عدالت جي اهڙي ماحول ۾ ڪي ڪي ماڻهو آهن، جيڪي مُرڪن ٿا، ۽ جن جا فيصلا ۽ فتواڻون تاريخ ۾ روشنيءَ جي منارن جي حيثيت رکن ٿيون. نازي، جرمنيءَ جي هڪڙي خصوصي عدالت (Special Tribunal) بلغاريہ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي رهنما 'ديمتروف' کي هٽلر جي سخت دباءَ جي باوجود آزاد ڪري ڇڏيو. اُن فيصلي کان پوءِ هٽلر طرفان اُنهن ججن تي جيڪي گذريو تنهن جو تصور هر ڪو ڪري سگهي ٿو پر اهي

جج، اڄ بہ اردوءَ جي شاعر 'فيض احمد فيض' جي زباني چئي سگھن ٿا:

ہم پہ جو گذری وہ گذری مگر شب ہجراں،
ہمارے اشک تیری عاقبت سنوار چلے۔!

هوءَ سامھون سنڌ هاءِ ڪورٽ جي عظيم الشان عمارت پنھنجي تاريخي روايتن سان ڳُڙ ڪنيو بيٺي آهي. انهيءَ عمارت ۾ وقت جي گورنر جنرل جي فيصلي کي انصاف جي ساگر ۾ ٻوڙيو ويو هو ۽ عدالت جو مانُ مٽانھون ڪيو ويو هو. منھنجو اشارو پاڪستان جي گورنر جنرل غلام محمد طرفان اسيمبلي ختم ڪرڻ واري قدم کي، مولوي تميز الدين، ياران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ ڏانھن آهي. آءٌ جڏھن بہ ان عمارت جي پرسان لنگھندو آهيان، ۽ مون کي هاءِ ڪورٽ جو اهو تاريخ ساز فيصلو ياد ايندو آهي، اُن وقت منھنجي دل اُن منصف جي عظمت ۽ ديانت جي قدمن ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪرڻ لڳندي آهي ۽ بي اختيار سنڌي شعرن جون بہ ڏار ڏار سٽون، منھنجي ذھن ۾ هُرڻ لڳنديون آهن.

'مٽيءَ لڏو مانُ، سائي ٽي ڪُکِ سنڌ جي.'

۽ بي ست آهي:

'سدا سھاڳڻ سنڌڙي، ڪريو نہ تنھنجو ڪيرُ!'

هر دؤر ۾ هڪ جج ۽ منصف لاءِ غير جانبداريءَ جي وصف لازمي قرار ڏني وئي آهي، ۽ حقيقت ۾ اُها ئي وصف عدالت جي وقار جي ضمانت آهي، پر جڏھن هڪ طرف بااختيار جابرانہ اقتدار هجي ۽ ٻئي طرف بي اختيار سچُ، هڪ طرف بي انداز دولت هجي ۽ ٻئي طرف بي پناھہ سڃائي، هڪ طرف چند خوشحال گھراڻا هجن ۽ ٻئي طرف بکين ڏکين ۽ اگھاڻن ۽ ڏتڙيلن جو انبوھہ، هڪ طرف گوليءَ جي گونجار هجي ۽ ٻئي طرف زندگيءَ جي بيڪ. هڪ طرف صدين کان آڻائن جي ظلم

۾ جبر جو گھاٽو هجي ۾ ٻئي طرف پيڙهين جون پيڙهيون آزاديءَ ۾ انصاف جي حاصلات جي چڪتاڻ ۾ فنا۔ تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن منصف، قاضي ۾ جج جو غير جانبدار رهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. خاص ڪري اهڙيءَ صورت ۾ جڏهن نوڪري، عزت، پيسو ۾ آسائش، حق جي بجاءِ حاڪمن جي خوشنوديءَ ذريعي حاصل ٿيندي هجي، ملڪ جا خوشحال طبقا، آقائن جي پاران مليل غلاميءَ جي لعنت جي سَندن تي فخر ڪندا هجن، حڪمران ڏريون اهڙيون حالتون پيدا ڪري جج کان غير جانبداريءَ وارو احساس ڦري وڃندڙيون آهن، ۾ جڏهن به ڪو جج اُنهيءَ احساس ۾ حق تان ائين دستبردار ٿيو جيئن بازاري عورت عصمت تان دستبردار ٿيندي آهي، تہ پوءِ اُن وقت هڪ جج ۾ فوجي سولجر ۾ ڪو به فرق باقي نٿو رهي. اهڙيءَ حالت ۾ انصاف اُن دولتمند عورت وانگر بنجي ويندو آهي، جيڪا صرف دولت سان ئي شادي ڪرڻ چاهي. انصاف جي انهيءَ روپ اختيار ڪرڻ کان پوءِ مجرم کي انصاف گهر مان سواءِ حسرت، مايوسيءَ ۾ سزا جي ٻي ڪا به شيءِ ملي نٿي سگهي. عدالت جو وجود ۾ دارومدار مجرم ۾ منصف جي موجودگيءَ تي آهي. سچ ۾ حق جي چڪتاڻ ۾ جيتري انصاف جي ڪُرسي اهم آهي، اوترو ئي مجرمن جو ڪٺهڙو. اُن ڪٺهڙي ۾ اڄ تائين حاضر ٿيندڙ هر شخص جي دعوا اها ٻئي رهي آهي تہ هو حق ۾ سچ جو پرستار آهي ۾ ٻئي طرف انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهندڙ هر فرد جي اها دعوا رهي آهي تہ هو پاڻ انصاف ۾ صداقت جو علمبردار آهي. سچائيءَ جي پرستار قافلي جي ڊگهي قطار ۾ مون به پاڻ کي شامل ٻئي سمجهيو آهي. اُن ڪري منهنجي حصي ۾ مجرمن جو ڪٺهڙو ۾ اوهان جي حصي ۾ انصاف جي ڪُرسي آئي آهي. وقت جيڪو ڪڏهن ڏاند گاڏيءَ جي رفتار سان رڙهندو هو، سو ميزائل جي تير

رفتاريءَ سان ڊوڙي رهيو آهي، تنهن ڪري، ان جو ساڻ ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي پنهنجي ڪم کي جلدي اڪلايون.

وقت جو وهڪرو هزارها فيصلن سان گڏ هن فيصلي کي بہ پنهنجي گرفت ۾ ونڻ لاءِ منتظر آهي. اُن لاءِ اوهان کي منصف واري حيثيت ۾ ۽ مون کي ملزم واري حيثيت ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

—

مُنهنجو ڏوهہ

آءٌ سرڪار کي ثبوت جي زحمت ڏيڻ بجاءِ پنهنجو جرم خود ٻڌايان ٿو. منهنجو سڀ کان وڏو جرم اِهو آهي تہ آءٌ سنڌي آهيان ۽ اُن وقت کان سنڌي آهيان، جڏهن هن ڪائناتِ انسانيءَ ۾ انساني نسل جنم ورتو. آءٌ ان وقت بہ سنڌي هوس، جڏهن گُذر معاش جي وسيلن تي ڪنهن حاڪم، وڏيري، سردار رئيس ۽ مير جو قبضو نہ هو. آءٌ اُن وقت بہ سنڌي هوس، جڏهن هن ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪنهن مذهب جو وجود کو نہ هو. آءٌ اُن وقت بہ سنڌي هوس، جڏهن سنڌوءَ جي ڪنارن تي چانڊوڪين ۾ منهنجي ڌرتيءَ جو دراوڙ 'سوم رس' جون جمنيون اندر ۾ اوتي، وحشيانہ ناچ ڪندو هو ۽ آءٌ اُن وقت بہ سنڌي هوس، جڏهن سانجهيءَ ٽاڻي موهن [مُهين] جي ميدانن ۾ زندگيءَ جو فطري رقص، ڪائنات جي دل ۾ ڌڙڪلو وجهي ڇڏيندو هو.

انساني پيدائش کان وٺي مون ڪيئي مذهب متايا آهن، پر 'سنڌيت' جو لباس نہ لاٿو آهي. ڪنهن وقت آءٌ 'عناصر اربع' جو پرستار هوس، ڪئي وقت آءٌ هزارها ديوتائن جو پوڄاري هوس. آءٌ سالن جا سال مُڪتيءَ جي تلاش ۾ مهاتما ٻڌ جي چرنن ۾ مٿو ٽيڪيندو رهيو آهيان، جُڳن تائين منهنجي ڇِتا، برهمڻ ازم جي ڇڪيا تي چڙهندي رهي آهي. ۽ پوءِ آءٌ خداءِ واحد جي سامهون جُهڪڻ لڳس.

اُنهن سيني مذهبن، مون کان منهنجي 'سنڌيت ۽ سنڌي زبان' نہ ڦري ۽ آءٌ اَڄ بہ هڪ سنڌي 'محب وطن' ملزم جي حيثيت

ھر اوھان جي سامھون ٻيئو آھيان، آءٌ مناسب سمجھان ٿو تہ پنھنجي تخيل واري سنڌ جي وضاحت ڪريان، جنھن جي وجود سان لاڳاپيل ھجڻ سبب آءٌ ھتي ٻيئو آھيان.

مون وٽ سنڌ، ڦڳڙ جا ڦوڳ ۽ پُوھہ جا پارا، سانوڻ جون سَر مستيون ۽ آرھڙ جا جھولا آھي، جن منھنجي ملڪ جي ماروءَ جي مَن کي ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو ۽ زھر کان وڌيڪ ڪڙو بنايو آھي. مون سنڌ کي ھن ڌرتيءَ مان ڦٽندڙ ھر سَلي ھر ڏٺو آھي. مون سنڌ کي ھر ٽوھَر جي مولھئي ھر جرڪندي ڏٺو آھي. منھنجي نظر ھر چيٽ جي چانڊوڪي ۽ ڳٽيءَ جي اُپ ھر سنڌ جا نرمل نظارا ھوندا آھن. ڪُڏيءَ تي ڪم ڪندڙ ڪوري، آڌاڻي تي اُٽت ڪندڙ ڪاريگر جي ھٿن ھر سنڌ جي جوپن تي نکار ايندي بہ مون جاچيو آھي. چارڻ جي چنگ، ڪارونيار جي ڳڪر، ٻڪرال جي ٻھڪي، آسروند جي اکڙين جي اوسيڙي ھر مون سنڌ جي تاريخ پڙھي آھي.

سنڌ صرف ڪارونجھر ۽ ڪينجھر ناھي، پر موھن جي دڙي جي دانھن، پٽائيءَ جي پٽ جي پوئنر، ملير جي مھڪ، مياڻيءَ جي ميدان جا نعرا، ڪرڙيءَ جي ڪيتن جي سُڳنڌ، ڪِڪيءَ ھاڻيون ڪاريون، لطيف جون لافاني لاتيون ۽ سچل جون گھڙوليون بہ سنڌ آھي.

اِن سنڌ کي مياڻيءَ جي مجاھد غلام محمد لغاريءَ، منھنجي سامھون ھڪڙي جملي ھر خراج عقيدت پيش ڪيو آھي:

'اين سرزمين سنڌ چون مادر ماست'

اِھا ماءُ سنڌ ايامن کان مون کي ورثي ھر ملي آھي، ۽ ان جي ھر شيءِ مون کي پاڻ ڏانھن ائين سڏي رھي آھي، جيئن ازل جي ايجايل روح کي گلابي چپن جي مرڪ سڏيندي آھي:

حبيبن ھيڪار منجھان مھر سڏ ڪيو
سو مون سيپ جمار اورڻ اھو ئي ٽيو.

مون ازل کان اُن سان پيار ڪيو آهي ۽ پريت جو وچن پاڙيو آهي:

اَلست بربڪُم، جڏهن ڪن ڏيومِ
قالو بلىٰ قلب سين، تِڏهن تتَ چيومِ
تنهين وير ڪيومِ وَچن ويڙهيچن سين.

مشهور آمريڪي فلاسفر، جان ڊيوئ لکيو آهي تہ:

"جنهن آمريڪيءَ، آمريڪا جي جنگ آزادي ۾ اُن جي تعمير لاءِ خلوص سان حصو نہ ورتو آهي، تنهن کي آمريڪي سڏائڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي."

مون نہ صرف ايترو چيو آهي تہ: "جنهن بہ شخص سنڌ جي وجود کان انڪار ڪيو آهي، سو سنڌي ناهي،" پر هن دور ۾ جڏهن آرڊيننس ذريعي ماڻهن جا فطري حق کسيا ويڻا، ان دور ۾ صرف منهنجو سنڌي سڏائڻ ٽي جرم آهي ۽ آءٌ اقرار ٿو ڪريان تہ اُنهيءَ ڏوهہ جو ڏوهي، اُنهيءَ گناهہ جو گنهگار ۽ انهيءَ جرم جو مجرم آءٌ آهيان.

دين ڌرم جي دوکي لُٽجي، نيٺ اسان اک ڪولي اچي!
سنڌ سواءِ ٻي ڪالهہ نہ ٽيندي سامهون توڙي گولي اچي!

سنڌ، تي نسلِ انساني ڪهڙي وقت آباد ٿيو آهي، اُن باري ۾ ڪا بہ يقيني شهادت موجود ڪانهي. البت حضرت مسيح جي پيدائش کان هزارين سال اڳ ۾ سنڌ اندر شاندار ۽ باوقار تهذيب ۽ تمدن جي اوسر ٿي هئي، جنهن جو ثبوت موهن جي دڙي جي آثارن مان ملي سگهي ٿو. آءٌ مورخن جي هن راءِ سان متفق ڪونہ آهيان تہ موهن جي دڙي جي تهذيب، حضرت مسيح کان صرف ٽي هزار سال پراڻي آهي، چو تہ هن ڪالهہ سان سيئي تاريخدان ۽ آثار قديمہ جا ماهر متفق آهن تہ اِها تهذيب آرين جي اچڻ کان اڳ ۾ دراوڙ لوڪن جي آهي، ۽ آريا مهاپارت جي لڙائيءَ کان گهڻو اڳي هتي اچي چڪا هئا.

سنڌ جي هڪ عظيم تاريخدان پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي تحقيق موجب "مهاپارت جي جنگ مسيح جي پيدائش کان گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار سال اڳ ۾ لڳي آهي. انهيءَ حساب موجب موهن جي دڙي جي تهذيب گهٽ ۾ گهٽ اڄ کان ڏهـ [پندرهن] هزار سال اڳ ۾ وجود ۾ اچي چڪي هئي. هيءُ اهو دور هو جنهن ۾ انسان کائڻ، پيئڻ جي صحيح ڍنگ کان واقف ڪو نہ هو اُن وقت منهنجي سر زمين جي دانا ۽ دور انديش رهواسين نہ رڳو پنهنجو پاڻ کي سُڌاري ورتو هو پر هن انسانيت جي شاندار مستقبل ۽ پرمسرت زندگيءَ لاءِ ڪيترائي هنر ۽ فن ايجاد ڪري ورتا هئا. اُنهيءَ بنياد تي آءٌ چئي سگهان ٿو تہ انساني تهذيبن جو بنياد ۽ سنڌي زبان دنيا جي زبانن ۾ـ 'اُم اللسانتہ' [زبانن جي ماءُ] آهي. سنڌ جي انهيءَ تهذيب ۽ هنر کي تباهہ ڪرڻ لاءِ آرين کان پوءِ تاريخ جي ڪتابن ۾ يوناني سامراج جي حملي جو ذڪر تفصيل ۽ وضاحت سان ملي ٿو جيڪو 325 ق. م [حضرت مسيح کان] اڳ ٿيو هو.

دنيا جي وڏي فاتح سڪندر مقدونيءَ (يوناني) 325 ق. م ۾ سنڌ تي حملو ڪيو هو ۽ يوناني عالم سنڌ جي ٻنين ۾ ڪيهہ جي ڦٽين جي فصل کي ڏسي حيران ٿي ويا هئا. وري ايرانين جو حملو راءِ سهيرس جي وقت ۾ ٿيل نظر اچي ٿو. جڏهن سنڌ تي ٻڌ مذهب جي پيروڪارن جي حڪومت هئي. اڳتي هلي سنڌ جي دولت ۽ شادابيءَ جي هاڪ ڪيترن فاتحن لاءِ حملن جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ سنڌ اُن خوبصورت چوڪريءَ وانگر ٿي وئي، جنهن جي چپن جو رَسُ چوسڻ لاءِ ڳوٺ جا ڳيرو رات ڏينهن مُڇن کي وٽ ڏيندا رهن. عرب، مغل، غزنوي، غوري، خلجي، تغلق، ارغون، ترخان ڪيترائي سونَ جا سڏڙيا، سنڌ جي سينڌ کي داغدار ڪندا رهيا آهن.

جڏهن بہ ڪو نئون فاتح سنڌ ۾ آيو آهي تہ هتي سنڌ ۾ انساني لاشن جا ستا لڳا آهن. جڏهن بہ ڪو ڏاريو ڏاڙيل هتي وارد ٿيو آهي تہ يتيم ٻارن ۽ رَنڊ عورتن جون آهون ۽ دانهون سالن تائين اُڀ ڏاريندیون رهيون آهن. جڏهن بہ ڪنهن ٻاهرينءَ فوج هتي پير پاتو آهي تہ سنڌ جي ڪيتن مان سونهري سنگن جي بجاءِ، باهہ جا شعلا پڙڪيا آهن ۽ جڏهن بہ ڪنهن 'ظِل الاهيءَ' هتي نزول فرمايو آهي تہ ڪتاب سڙيا آهن. ڳوٺ ڪندرن ۾ تبديل ٿيا آهن. آبادیون ويرانين ۾ تبديل ٿيون آهن. عالمن جي ڳچين تي تلوارون هليون آهن ۽ وَسندين ۾ ويراڳ جو واهوندو هليو آهي. پر سنڌ جي بهادر ۽ دلير عوام هر پيري پنهنجي محنت ۽ جاکوڙ سان اڳ کان اڳري شاندار ۽ پاڻ پري سنڌ تعمير ڪئي آهي. تاريخ ۾ سنڌ هزارها بار اُجڙي وري آباد ٿي آهي، ۽ ڪيئي پيرا ڏهي وري نهي آهي، ۽ ڪيئي پيرا برباد ٿي آهي. برطانيہ ۾ بيشمار دولت آهي، پر اُها ٻين ملڪن مان ڦريل آهي. آمريڪا ۾ بي انت سرمايو آهي، پر اُهو ٻين کان لٽيل آهي، فرانس ۾ آڻ ڳٽت ملڪيت آهي، پر اُها ٻين قومن جي ڦٻايل آهي، پُرنگال ۾ جهجهو پئسو آهي، پر اُهو ٻين خطن مان هڙپ ڪيل آهي، ايران ۾ آڻ ڳٽيو ناٽو آهي، پر اُهو ٻين کان غصب ٿيل آهي، جپان ۾ بي انداز مال آهي، پر اُهو ٻين ملڪن جي عوام کان ڏاڍي ۾ حاصل ڪيل آهي. پر سنڌ ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، سو سنڌ جي ئي پيدائش آهي ۽ سنڌ جي ئي عوام جي محنت جو ڦل آهي. دنيا جي اڪثر ملڪن جي خوشحاليءَ ۾ سنڌ جو حصو تہ ضرور رهيو آهي، پر ٻين قومن جو حصو سنڌ جي آبادیءَ ۽ شادابيءَ ۾ نہ، پر اُن جي بربادي ۽ تباهيءَ ۾ رهيو آهي.

تاريخ جي اِنهيءَ پوري سرگذشت ۾ سنڌ هڪ ملڪ رهي آهي. يونانين هن کي 'سنڌو' سڏيو آهي. ايرانين هن کي 'ولايت

سنڌ، سڏيو آهي. عربن هن کي 'مملکت سنڌ' سڏيو ۽ هتي جي بهادر عوام جي جذبن جي ترجماني ڪندڙ شاعرن، اديبن، مفڪرن، چارڻن، حڪيمن، پٽن ۽ ويدن، هن ماٽريءَ کي 'سنڌو ديش' چيو. ايرانين جي ولايت سنڌ، عربن جي مملکت سنڌ، ۽ يونانين جي سنڌوءَ جي معنيٰ سنڌو ديش آهي. اُهو نالو هن سرزمين جو قديم ترين نالو آهي. سنڌ جي قومي رهبر جي. ايم. سيد آل انڊيا مسلم ليگ جي جناح صاحب جي صدارت هيٺ ڪراچيءَ ۾ [1938ع ۾] ڪنڊي ٽيل اِجلاس ۾ هن خطي کي (جناح جو موجودگيءَ ۾) 'سنڌو ديش' سڏيو هو جنهن تي جناح صاحب کا بہ ناراضگي کا نہ ڏيکاري هئي. سنڌ جي هڪ وڏي ماهرِ تعليم ۽ وڏي تاريخدان علامہ دائود پوٽي پنهنجي هڪ خط [1945ع] ۾ هن پلاري پُونءِ کي 'سنڌو ديش' لکيو ۽ [اڳتي هلي قيام پاڪستان بعد سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ۾ اهو خط ڇپيو تہ] پاڪستان جي ڪنهن بہ اربابِ اختيار اُن تي اعتراض نہ ڪيو.

موجوده سنڌ جيءَ هڪ وڏي تاريخدان رحيمداد مولائي شيدائيءَ، ورهاڱي کان اڳ شڪارپور مان نڪرندڙ 'سنڌو' رسالي ۾ پنهنجي هڪ مضمون اندر سنڌ لاءِ پندرهن دفعا 'سنڌو ديش' جو نالو ڪتب آندو تہ مسلم ليگ، ڪانگريس ۽ انگريزن اُن تي ڪنهن بہ غصي جو اظهار نہ ڪيو. سنڌي زبان، ادب، تاريخ جي هڪ وڏي ڄاڻو پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي هندن جي تاريخ' [ڇپيل 1946ع] ۾ سنڌ کي 'سنڌوديش' لکيو آهي.

بهرحال، سنڌ جي هڪ جدا ملڪ جي حيثيت 1843ع تائين هلندي آئي آهي. انهيءَ سن ۾ انگريزن هڪ خونخوار ۽ چتيءَ جنگ ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. انهيءَ قبضي وقت لهندڙ سج جي لامن ۾ 'شهيدانِ سنڌ' جي خون جي ڏيئن وسامڻ سان گڏ سنڌ

جي هڪ ملڪ واري حيثيت ختم ٿي وئي. ڇهن سالن کان پوءِ انگريزن اُن جي صوبائي حيثيت بہ ختم ڪري [1849ع ۾] سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائي ڇڏيو. اڳتي هلي 1935ع واري 'انڊيا ائڪٽ' تحت سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ٿي. 1940ع واري قرارداد ۾ بنگال جي بيدار مغز سياستدان فضل الحق جي واتان لاهور جي تاريخي شهر ۾ سنڌ، بنگال، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد جي باري ۾ ملڪن واري حيثيت بحال ٿيڻ جو اعلان ٿيو. جڏهن هن اُنهن خطن کي 'اِسٽيٽس' [States] جي نالي ۽ حيثيت سان پاڪستان جي ڊانچي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. انگريزن جي قبضي کان پوءِ 'قرارداد لاهور' پهريون اعلان نامو ڪو نہ هو جنهن ۾ اُنهن خطن کي [آزاد ۽ خودمختيار] رياستن جي حيثيت ڏني وئي هجي، پر قرارداد لاهور کان سورهن سال اڳ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ، ترڪيءَ مان آزاد هندوستان لاءِ هڪ خاڪو شايع ڪيو هو جنهن ۾ سنڌ، پنجاب، بنگال وغيره کي ملڪن جي حيثيت ۾ 'آزاد هندوستان' جي وفاق ۾ شامل ڪرڻ جي رٽ ڏنل هئي.

مولانا سنڌيءَ واري خاڪي ۾ مرڪز وٽ 'دفاع، اُمور خارجہ ۽ ڪرنسيءَ جا ڪاتا' ڏنل هئا. 1966ع ۾ شيخ مجيب الرحمان 'ڇهن نُڪتن' جي بنياد تي پاڪستان کي متحد ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ جيڪا رٽ ڏني هئي، اُها ئي ساڳي رٽ هندوستان کي آزاد ۽ خودمختيار بنيادن تي ٻيهارڻ لاءِ عبيدالله سنڌيءَ 1924ع ۾ ڏني چڪو هو پر حالتن ۽ تاريخي فيصلن، ٻنهي تجويزن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ اُنهن ٻنهي تجويزن ختم ٿيڻ سان ٻنهي صورتن ۾ هڪجهڙا نتيجا نڪتا. يعني 1947ع ۾ هندوستان تقسيم ٿي ويو ۽ 1971ع ۾ پاڪستان ورهائجي ويو.

قرارداد لاهور پاس ٿيڻ کان ٻي سال پوءِ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ، پاڪستان جي وفاق ۾ 'سنڌ ملڪ' جي شامل ٿيڻ جو

ٺهراءَ پاس ڪيو هو اِهو ٺهراءُ پيش ڪندڙ موجوده سنڌ جو عظيم رهبر، قومي رهنما ۽ تحريڪ آزاديءَ جو روشن دماغ، جناب جي.ايم. سيد هو.

1946ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي پاس ڪيل ٺهراءَ ۾ مسلم ليگ پارلياماني پارٽيءَ جي گروپ، ترميم ڪري 'اِسٽيٽس' (States) لفظ جي بجاءِ اسٽيٽ (State) لفظ داخل ڪيو جنهن تي قرارداد لاهور جي مُحرڪ، اي ڪي. فضل الحق ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪندڙ مسلم ليگي رهنما جي. ايم. سيد، سخت اعتراض ڪيو هو. مسلم ليگ جا مرڪزي ليڈر اُنهن احتجاجن جي پرواهه نه ڪندي 'شملہ ڪانفرنس' ۾ گڏيل هندوستان جي زون واري انتظامي ڍانچي تي راضي ٿي، قرارداد لاهور کان ئي ڦري ويا. اڳتي هلي جواهر لال نهروءَ جي هڪ پريس ڪانفرنس کان ناراض ٿي، وري قرارداد لاهور جي ترميم ٿيل شڪل ڏانهن موٽي آيا.

1947ع ۾ اُنهن ليڈرن، پنجاب ۽ بنگال جو ورهاڱو قبول ڪيو. اِهو لازمي نتيجو نڪتو هو قرارداد لاهور جي اَصلي روح ۾ ڦيرڦار ڪرڻ جو. آزاد پاڪستان جي حڪومت، 1948ع ۾ سنڌ جي هڪ تاريخي ۽ مرڪزي شهر ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪري مرڪز جي حوالي ڪيو. اُن وقت سنڌ جي وزير اعليٰ اَيوب کهڙي انهيءَ فيصلي جي مخالفت ڪئي ته سندس وزارت کي برطرف ڪري، هڪ ٻوڪٻي شخص پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ بنايو ويو جنهن نه رڳو خوشيءَ سان ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪيو پر پناهگيرن جي آمد لاءِ سنڌ جا ٽيئي رستا کولي ڇڏيا. ۽ اهي رستا 1965ع جي (پاڪ-ياڻ) جنگ تائين کُليل رهيا. واضح رهي ته خانبهادر [محمد ايوب] کهڙي، پناهگيرن جي حد کان وڌيڪ سنڌ ۾ آبادڪاريءَ تي سخت اعتراض ڪيو هو.

4 آڪٽوبر 1955ع تي سنڌ جي اُها حيثيت بہ ختم ڪئي وئي، جنهن بنياد تي سنڌ ملڪ، پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو جيڪا حيثيت سنڌ کي انگريز سامراج 1935ع واري انڊيا ائڪٽ تحت ڏني هئي۔ يعني سنڌ جي صوبائي حيثيت بہ ختم ڪري، ڪيس ون يونٽ جي پنجوڙ ۾ ڦاسايو ويو ۽ سنڌ کان سندس قديم ۽ تاريخي نالو ڦُري، ڪيس 'مغربي پاڪستان' سڏيو ويو ڪيڏو نہ حيرت انگيز ۽ دڪدائڪ منظر هو جڏهن سنڌ جو عوام ميانيءَ جي ميدان ۾ حيدرآباد جي قلعي ۽ سنڌ جي عروج جي علامت ٿنڊي جي نالن پٽيان 'سابق سنڌ' جو لفظ لکيل ڏسندو هوندو. اهو بلڪل اِئين ئي هو جيئن ڪنهن ٻار کي مجبور ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي ماءُ کي، 'پياري امڙ' سڏڻ بجاءِ 'سابق امان' سڏي.

انهيءَ پوري عرصي ۾ سنڌ سان ۽ سنڌ . عوام سان جيڪو ڪجهہ وهيو واپريو آهي، سو هڪ المناڪ ۽ ٻار ڪانڌاريندڙ داستان آهي، جنهن جي بيان جي هن موقعي تي آءٌ گنجائش نٿو سمجهان: پر هڪڙو مثال ضرور ڏيندس، جنهن مان سنڌ جي باري ۾ ۽ سنڌي عوام جي متعلق پاڪستاني حڪمران ٽولي جي ذهنيت جو پوريءَ ريت پتو پئجي سگهي ٿو. ايوبي ارشل لا تائين سنڌ اندر سنڌي پرائمري تعليم جي آخري امتحان "سنڌي فائينل" سان گڏ ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو پيپر لازمي هوندو هو. 1962ع ۾ جنرل ٽِڪا خان جو پٽ [سنڌ يونيورسٽيءَ ۾] سنڌي پيپر ۾ فيل ٿي ويو. جنرل جي پٽ جي فيل ٿيڻ تي ارباب اقتدار کي ايڏي تہ ڪاوڙ آئي، جو هڪ آرڊيننس جي ذريعي سنڌيءَ جي لازمي پيپر سان گڏ 'فائينل' جو امتحان بہ ختم ڪيو ويو. مطلب تہ هڪ چوري جي مستقبل سڌارڻ لاءِ [اُن وقت] ستر لک سنڌي انسانن جو مستقبل اونداهو بنائڻ تي پاڪستاني حڪمران فوجي ٽولي کي ڪو بہ حياءُ ڪو نہ ٿيو. اهڙي قدم سان انهيءَ ٽولي عوام جي دلين ۾ پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقيءَ

جي خوابن کي پريشان ڪري ماٺھن کي ملڪ کان بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

آءٌ نٿو سمجھان تہ حڪمران ٽولي کي اھا خبر نہ ھئي تہ موجوده دؤر ۾ انساني وفاداريون ۽ وابستگيون، مضبوط ۽ منصفانہ اقتصادي سرشتي سان وابستہ آھن ۽ اقتصادي سرشتي ۾ اڄ جي سائنسي دور ۾ زبان کي اھم ذريعن جي برابر حيثيت ملي چڪي آھي. اُن جي باوجود ھن ٽولي ھڪ قوم جي زبان ختم ڪري، اُن جي اقتصادي حالتن کي تباھ ۽ منتشر ڪرڻ ۾ پاڪستان جي پلائيءَ جي ڪھڙي ڪرامت ڏٺي، جنھن ملڪ، نظام ۽ سرشتي ۾ ڪنھن قوم، طبقي ۽ جماعت، اُن ملڪ، نظام ۽ سرشتي سان وفاداريءَ جي اميد رکڻ ۾ ھير کان پير گھرڻ جي برابر آھي!

موجوده دور ۾ [20 صديءَ] ۾ سرمائيداري نظام کي ختم ڪري، اُتي اشتراکي [گڏيل] نظام قائم ڪرڻ کي پوريءَ ريت پاڻي پائيوار نٿو ڪيو وڃي تہ پوءِ اُن قوم، طبقي ۽ جماعت مان ماٺھن جي پھرئين نظام ۾ اقتصادي حالت جي زبون حالي ۽ ان مان نڪرندڙ نتيجن جو واضح ثبوت آھي. نوجي ٽولي اُنھن سيني ڳالھين کي نظر انداز ڪري 'جيري خاطر ٻکري ڪُھڙ' جو مظاھرو ڪيو. اُن جي باوجود اھو ٽولو پاڻ کي عظيم محب وطن سمجھندو رھيو آھي، ۽ سمجھي ٿو ۽ اڄ بہ ڪي جماعتون ۽ فرد، ملڪ ۾ انھيءَ ٽوليءَ کي گاھي ماھي، ملڪي واڳون ھٿ ڪرڻ لاءِ دعوتون ڏيندا رھن ٿا.

پاڪستان جي اڄ ڈينھن تائين جي سرگذشت تي نظر وجھڻ سان معلوم ٿيندو تہ اڄ ڈينھن تائين مسلم ليگ ۽ ٻيون طاقتون ملڪ کي جنھن پاليسيءَ ۽ پروگرام تي ھلائيندیون آيون آھن، اُن پاليسيءَ ۽ پروگرام مان ملڪ، قوم ۽ عوام کي بيشمار نقصان پھتو آھي. ملڪ ۾ محبت بجاءِ نفرت وڌي آھي، ماٺھو ھڪٻئي کي ويجھو اچڻ بجاءِ پري ٿيندا ويا آھن. عوام ۾ غربت گھٽجڻ

بجاءِ وڏي آهي. هندو مسلم چڪتاڻ جيڪا گڏيل هندوستان ۾ شروع ٿي هئي، سا اڄا تائين جاري آهي. اُن مان صاف معلوم ٿيو تہ اِنهيءَ سرشتي مان اُميد رکڻ کان هتي جو عوام بلڪل مايوس ٿي چڪو آهي.

حقيقت اِها آهي تہ ڏنڊي طاقت ۽ تشدد جي ذريعي جيڪو مصنوعي ۽ هٿرادو اتحاد قائم ڪرايو ويو تنهن جي نحوست هئي، جو 1970ع جي چونڊن ۾ ڪا بہ جماعت يا پارٽي [اسلامي نظام چاهيندڙ يا سوشلسٽ پروگرام رکندڙ] ملڪ گير جماعت يا ڪل ملڪي پارٽيءَ جي حيثيت اختيار ڪري نہ سگهي.

طاقت جي ذريعي ملڪ کي متحد رکڻ واري پاليسيءَ جا اڳرا نتيجا اسان جي سامهون، مغل بادشاهہ اورنگزيب جي وفات کان پوءِ برصغير ۾ انتشار ۽ انارڪزم جي صورت ۾ نظر اچن ٿا. اورنگزيب، لڳ ڀڳ اوترو ئي عرصو حڪومت ڪئي، جيترو عرصو اڪبر بادشاهہ پر اڪبر جي 'صلح ڪُل' واري پاليسيءَ جو نتيجو هيءَ نڪتو جو سندس وفات کان پوءِ مغليہ حڪومت کي ڪو خاص لوڏو ڪو نہ آيو پر اورنگزيب جي سختيءَ واري روش جو نتيجو اِهو نڪتو جو جيئن ئي سندس طاقتور وجود تخت شاهيءَ تان لهي، غُسل جي تختي تي پهتو تہ ڏهيل طاقتن پوري شدت ۽ قوت سان مغل ايمپائر جي وجود تي وار ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ مغل شاهيءَ جي سِرڪڻ مان پنهنجو ڪنڊ ڪيائڻ لڳيون.

هتان جي حاڪمن جي ڪارستانين جو ٿبوت 1970ع واري اليڪشن ۾ بنگالي عوام طرفان آئيني حدن اندر رهندي ڪيل جدوجهد جي نتيجي ۾ حاصل ڪيل شاندار سوپ کي گولي‌ءَ جي ذريعي ختم ڪرڻ واري ڳالهہ منجهان ملي ٿو.

مٿئين ثبوت ۽ تجربي جي بنياد تي آءٕ اِن ڳالهہ جو اقرار ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن پنهنجي جنم پوميءَ جي تاريخي عظمت

رکندڙ نالو اُچارڻ لکڻ ۾ استعمال ڪرڻ جرم آهي ته پوءِ آڻ اقرار ٿو ڪريان ته مون اِهو جرم ڪيو آهي. ۾ ڪندو رهندس. جيڪڏهن آڻ ان لفظ ۾ نالي تان صرف اِن ڪري ڦري ويجان ته انهيءَ لفظ جي ڪري ڏي پي. آر جو قلم 42_49 حرڪت ۾ اچي ويندو ته پوءِ آڻ سنڌي عوام جو ڏوهاري ۾ سرزمينِ سنڌ جو نيمڪ حرام فرزند ٿي پوندس. اُنهن قلمن. اسان کي 1955ع کان وٺي 1970ع تائين 'سنڌ' لفظ لکڻ کان روڪيو هو. پر وقت ثابت ڪيو هو ته اهڙن قانونن جا خالق غلط هئا.

مون کي پوريءَ ريت معلوم ناهي ته منهنجي خلاف جرم جي چارج شيٽ ڇا آهي؟ ڇو ته منهنجي خلاف تقريباً يارهن (11) ڪن ڪيس ذخيري طور پوليس ٽاڻن تي موجود آهن ته جيئن ضرورت جي وقت حڪومت جي فائدي ۾ استعمال ٿي سگهن. انهيءَ جي باوجود گاهي ماهي اُڙدو پريس طرفان 'جيئي سنڌ تحريڪ' جي هر ورڪر ۾ ڪارڪن جي خلاف الزام ۾ جرم ظاهر ڪيا ويجن ٿا. آڻ هن وقت انهن جو ئي جواب ڏيندس. ڇو ته آڻ به اُن تحريڪ سان وابسته آهيان ۾ پنهنجي اُن وابستگيءَ. تعلق ۾ لاڇاپي تي مون کي فخر آهي.

اُنهن الزامن مان **پهريون الزام 'سنڌو ديش جي آزادي ۾ پاڪستان جي مخالفت جو آهي.'** جنهن جو جواب آڻ ڏئي چڪو آهيان.

ٻيو الزام مون تي يا 'جيئي سنڌ تحريڪ' جي هر ڪارڪن خلاف اهو آهي ته اسان حڪومت کي [جيڪا قانوني ۾ آئيني ذريعي قائم ٿيل آهي] تشدد وسيلي تبديل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي پڙڪايون ٿا.

جيئن ته هن وقت آڻ ئي ملزم آهيان. اُن ڪري انهيءَ الزام جي باري ۾ پنهنجو نقطئه نظر واضح ڪندس. انهيءَ ڪري آڻ عدالت جي ڏيان تي هيءَ ڳالهه آڻڻ ٿو چاهيان ته آڻ پنهنجي جسماني ۽ ساخت يا طبعي لاڙن سبب سياسي شعور جي ابتدائي دور کان اڄ

تائين اهنسا [عدم تشدد] جو قائل رهيو آهيان. منهنجي نظر ۾ مهاتما گانڌيءَ جو اهو چوڻ سچ آهي تہ: "تشدد جهنگل جو قانون آهي." (جيئن تہ هن وقت اقوام متحده جو معزز عالمي ادارو آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت ۽ منظوري ڏئي چڪو آهي.) مون کي عالمي شهرت يافتہ دانشور فرانزفينن جي هنن لفظن تي ايمان آهي تہ: "تشدد هڪ انتهائي ذليل وصف آهي، جيڪا صرف ساڻئي قسم يعني ذليل وصف جي ردعمل ۾ پيدا ٿئي ٿي، ڇو تہ برائيءَ جو بدلو برائي ۽ ڇگائيءَ جو بدلو ڇگائي، انساني سرشت ۾ داخل آهي. اُن ڪري 'جوابي تشدد' جي مذمت ڪرڻ بجاءِ 'اڳرائيءَ واري تشدد' کي ختم ڪيو وڃي."

اهو ئي سبب آهي، جو آءٌ جيترو پنهنجي طرفان تشدد جي ڪارروائيءَ جو مخالف آهيان، اوترو بلڪ اُن کان وڌيڪ حڪمران ڌر طرفان ڪيل تشدد جي ڪارروائيءَ ۽ پاليسيءَ جو دشمن آهيان، ڇو تہ طاقتور ۽ حڪمران جو تشدد، سبب آهي ڪمزور ۽ محڪوم جي طرفان تشدد واري جوابي ڪارروائيءَ جو!

مون تاريخ انسانيءَ جي مطالعي مان پرايو آهي تہ: 'جنهن جسم ۾ گولييءَ جو سلو پوڪيو ويندو اُتي گولييءَ جو ئي سلو ڦٽندو. گولييءَ جي سوراخ مان گلاب، ڦٽڪي جي جاءِ تان انبلڻ جون ريڪائون ۽ چمڪ واري جڳهہ تي چُمي جمندي مون ڪڏهن بہ ڪانہ ڏٺي آهي.' اسان جا وڏا سنڌي انهيءَ حقيقت کان پوريءَ ريت واقف هئا. جن پهاڪو ٺاهيو آهي تہ:

"جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي."

اهو ئي سبب آهي، جو رسُول ڪريمؐ کي پنهنجيءَ جدوجهد جي خاص مرحلي ۾ تلوار جو جواب تلوار سان ڏيڻو پيو. اگرچہ پاڻ 'امن جا پيغمبر' هئا. انهيءَ جي باوجود منهنجا آئيڊيل حضرت مسيح کان وٺي ڪارن جي رهنما مارٽن لوٿر ڪنگ تائين اهڙا انسان رهيا آهن، جن انساني حوصلي ۽ همٿ کي ايٽم بم کان وڌيڪ

طاقتور شيءِ پئي سمجهيو آهي. اُن ڪري مون ڪڏهن به حڪومت طرفان يا حڪومت جي خلاف ٽيندڙ تشدد جي حمايت ڪا نه ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ منهنجي لکڻيءَ مان اهڙو تاثر ورتو آهي، جنهن ۾ تشدد جي بُوءِ آهي ته اُهو سندس سمجهه ۾ فهم جو قصور آهي. اُن لاءِ آءٌ جوابدار يا ذميوار ناهيان. هڪ يوناني پهاڪو آهي ته: 'جيڪا ديوار ڊڳي جي ٿَڪرن سان نه ڊني، اُن کي بلبل چُهنبن سان ڊاهي وڌو.' مون راهه ۾ رڪاوٽ بنجندڙ ديوار کي ڊاهڻ لاءِ پنهنجي قلم کان بلبل جي چُهنبن جو ڪم پئي ورتو آهي. البت آءٌ شروع کان ونيِ موجوده حڪمران پارٽيءَ جو مخالف رهيو آهيان ۽ اُن اختلافُ رکڻ، اُن کي ظاهر ڪرڻ ۽ اُن جي باري ۾ دليل سان عوام وٽ پنهنجا خيال پهچائڻ جو حق، مون کي پوريءَ دنيا جي جمهوري ادارن ڏنو آهي. جيڪڏهن آءٌ تشدد جو پوڄاري هجان ها ته اڄ هتي موجود هئڻ جي بجاءِ ڪارونجهر جي ڪورَ ڇاڇري جي پَٽَ ۽ هالار جي هنج ۾ مقابلي جو ميدان گرم ٿئي ها. جيڪڏهن آءٌ تشدد تي يقين رکندو هجان ها ته ناظم حڪمت، ڊيوڊ گيسٽ ۽ هيمنگويءَ، جي راهه تي هلڻ بجاءِ چي گويرا، جي رستي تي هلان ها، نه ته گهٽ ۾ گهٽ ڏل ماڇي ۽ رحيم هنگوري جا پنڊ ۽ پيڇرا منهنجي لاءِ صدين کان کليا پيا آهن.

باقي جيستائين موجوده حڪمران پارٽيءَ سان اختلاف جو تعلق آهي، اُن باري ۾ آءٌ هن باوقار ۽ معزز عدالت کي انڊيري ۾ رکڻ بجاءِ چٽيءَ ريت اُن جو پس منظر ۽ سبب ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان، جيئن عدالت کي صحيح فيصلي ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

حڪمران پارٽيءَ سان منهنجي اختلاف جا ٻه دؤر آهن. پهريون اقتدار کان اڳ ۾ ۽ ٻيو اقتدار کان پوءِ.

حڪمران پيپلزپارٽيءَ جو چيئرمئن [ذوالفقار علي ڀٽو] جڏهن ايوب خان ڪابينا ۾ پرڏيهي وزير هو ان وقت هن 1965ع

واري پاڪ پارٽ جنگ هلندي سلامتي ڪائونسل ۾ هڪ شاهڪار تقرير ڪئي هئي. اها تقرير، فن خطابت جو معراج هئي، جنهن ايشيا جي پس مانده ملڪ جي گمنام ۽ گهٽ عمر وزيرخارجہ کي 'ٽين دنيا' جي مشهور خطيبن، جهڙوڪ ناصر، ٽيٽو سوئيڪارنو ۽ نڪروما جي صف ۾ بيهاري ڇڏيو هو ۽ سندس خوبصورت شخصيت عالمي اخبارن جي زينت بنجي وئي هئي، ليڪن ان تقرير جو هڪ جملو اهو به هو تہ: "اسان هزار سالن تائين وڙهنداسين." جيتوٽيڪ آءٔ ان وقت سوچ جي موجوده سطح تي ڪو نہ پهتو هوس، تڏهن به جنگ ۽ امن جي باري ۾ ڪتابن جو چگو ذخيرو منهنجي نظر مان گذري چڪو هو تنهن ڪري تقرير جي انهيءَ جملي جي عملي پهلوءَ جي پٺيان تاريخ جون هزارها خونريزيون منهنجي اکين اڳيان هيون. اهڙن جملن، عرب جي قبائلي معاشري کي سالن تائين اهڙيءَ جنگ جي باهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو جنهن کي صرف پيغمبرِ اسلام اچي ختم ڪيو هو. اهڙن ئي خطابتي شهڪارن، روم ۽ ايران کي هڪ ٻئي جي خلاف برسرِپيڪار رکي، انساني تمدن کي ناس ڪيو هو. اهڙي ئي ذهنيت ڪارٽيج کي پسم ڪيو. فلسطين جي گهٽين ۽ ڪيتن ۾ رت جون ندیون وهايون. بابل، نينوا ۽ موهن جي دڙي کي تباهہ ڪيو- ۽ انهيءَ قسم جي هٽلر جي هڪ جملي: "توپ پهرين، مکڙ پوءِ"- انسانيت کي تباهيءَ سان همڪنار ڪري ڇڏيو. هيني بال کان هٽلر تائين جنگ انسان کي صرف هڪ ئي شيءِ ڏني آهي: سا آهي تباهي، تباهي ۽ صرف تباهي!

منهنجي ذهن ۾ هڪ سوال اُپري آيو آهي تہ ايشيا جي هن سحرِ بيان مقرر [پُٽي]، تباهيءَ جي اهڙيءَ لعنت کي هزار سالن تائين برصغير جي عوام تي مسلط ڪري چا ٽي حاصل ڪرڻ چاهيو؟ شهرت يا عوامي جذبات سان کيڏ!

اِنهيءَ ڳالهہ مون کي اُن وقت ئي پُٽي صاحب جي سياست جي باري ۾ محطاط [سوچي قدم کڻندڙ] بنائي چڏيو. 'اعلان تاشقند' کان پوءِ جڏهن پُٽو صاحب، ايوب خان جو اولهہ پاڪستان ۾ حريف بنجي ميدان ۾ آيو ۽ هن اعلانِ تاشقند کي اهم مسئلو بنائي، قوم جون همدرديون حاصل ڪرڻ چاهيون، اُن وقت به منهنجي ذهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جي شڪن جنم ورتو هو جن مان هڪ اهو هو ته پٽي صاحب جي جنگي ذهنيت ۾ ڪا به تبديلي ڪا نہ آئي ۽ هو انهيءَ ذهنيت تي عمل ڪرڻ لاءِ ساڳيا طريقا اختيار ڪري رهيو هو، جيڪي جرمنيءَ ۾ هٽلر برسراقتدار اچڻ لاءِ اختيار ڪيا هئا. مثال طور هٽلر 'معاهده ورسيلز' کي بنياد بنايو هو ۽ پٽو صاحب 'اعلان تاشقند' جي ذريعي اهو مقصد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. اُن کانسواءِ نفرت ۽ منفي بنيادن جي آڌار تي پيدا ٿيل شيءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي آهي. اعلان تاشقند، ايوب خان جو هٿائڻ ۽ هندوستان سان دشمني، اِهي سڀ شيون منفي ۽ نفرت آميز هيون. مثال طور پُٽي صاحب سيالڪوٽ جي عام جلسي ۾ هندوستاني وزير خارجہ سورن سنگهہ کي للڪاريندي چيو هو: "او سورن سنگهہ' ياد رک آءُ پهچي رهيو آهيان." اهڙن خالي نعرن ۽ ڏمڪين، عوام جي سياسي شعور ۾ ڪو به واڌارو نہ ٿي ڪيو اُلٽو هڪ قسم جي جذباتيت جي باهہ ٿي ڀڙڪائي: حالانڪ ان وقت ضرورت هئي تہ عوام ۾ ذهني ۽ نظرياتي پختگي پيدا ڪري، اهم قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن جي پرک ۽ پروڙ جي صلاحيت پيدا ڪئي وڃي. پُٽي صاحب جي اسلامي سوشلزم کي به آءُ هڪ قسم جي 'هيپو ڪريسي' سمجهندو هوس. چو تہ اسلام ۽ سوشلزم جو ميلاپ ائين ئي هو جيئن شيخ اياز چواٽي: 'زمزم ۾ وُڊڪا.'

سوشلزم اسلام ۾، زمزم ۾ وُڊڪا،
مُلان چڏ اُڊڪا، دارون آهي دين جو.

هن وقت تائين جن ۾ ملڪن ۾ سوشلزم آيو آهي ۽ جن ۾ سوشلسٽ سماج جي اڏاوت ٿي رهي آهي، اُتي ۾ طريقا اختيار ڪيا ويا آهن: پهريون- هڪ مضبوط نظرياتي پارٽيءَ، ڏڳهي هٿياربند جدوجهد ذريعي سوشلزم قائم ڪيو ۽ ٻيو- ڪن فوجي جرنيلن جي فوج جي هڪ مضبوط نظرياتي گروپ جي ذريعي اقتدار تي قبضو ڪري ملڪ جي هالو چالو سرشتي ۾ تبديليون پيدا ڪيون ويون. اگرچ اولهه يورپ جي ڪميونسٽ پارٽين موجوده دور ۾ ووٽ ذريعي سوشلزم رائج ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي آهي، جنهن ۾ اڄا ڪا ۾ پارٽي ڪامياب ڪا نہ ٿي آهي. چليءَ ۾ فوجي فاشِسٽ قوتن، ڪميونسٽ صدر ايلندي ۽ نوبل پرائز يافتہ شاعر پابلو نرودا سان جيڪو وحشيانہ سلوڪ ڪيو تنهن لاطيني آمريڪا جي عوامي تحريڪن کي ووٽ ذريعي سوشلزم جي رستي اختيار ڪرڻ کان باغي بنائي ڇڏيو آهي. يوءِ ۾ اٽلي، فرانس، پُرتگال ۽ اسپين جون ڪميونسٽ پارٽيون، ووٽن ذريعي سوشلزم جي لائين اختيار ڪري چڪيون آهن. وقتي طرح آءٌ ڪٽي ميان تہ پُٽي صاحب ۾ اهو رستو اختيار ڪيو هو- ليڪن هڪ تہ پيپلزپارٽي، هڪ نظرياتي پارٽيءَ جي بجاءِ شخصيت پرستيءَ جي مهلڪ بيماريءَ ڏانهن وڌي رهي هئي ۽ ٻيو اُن ۾ اهڙا ماڻهو ايڏي گهٽائيءَ ۾ قيادت جي چوڪرد گڏ ٿي رهيا هئا، جن جو سياسي طريقو چارلس نيپيئر کان يحييٰ تائين، موقعي پرستي، ابن الوقتي ۽ حاڪمن جي دلالي رهيو هو- جيڪي هر سرڪار جا پيڙهياتا وفادار هئا، ۽ اهڙي ماحول سان تعلق رکندا هئا، جتي هر پيءُ مرڻ وقت پُٽ کي آخري وصيت سرڪار سان وفادار رهڻ جي ڪندو آهي، يوءِ اها لاردِ ويلزليءَ جي هجي يا جنابُ پٽي صاحب جي!

پُٽي صاحب جي حالت اُن فوجي جرنيل وانگر هئي، جيڪو اهڙيءَ فوج جي آڏار تي دشمن سان مقابلو ڪرڻ نڪتو هجي،

جنهن جي هر سپاهيءَ جي دِل دشمن جي جرنيل جي هٿ ۾ پيل پئسي جي عيوض پنهنجي سالار جي سِسي وڍڻ لاءِ تيار هجي. آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن شيخ مجيب الرحمان گڏيل پاڪستان جو وزيراعظم ٿي وڃي ها تہ پيپلزپارٽيءَ جو جهنڊو صرف هڪڙي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ وڃي ها، ۽ اُهو ماڻهو خود جناب يٽو هجي ها!

گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهڙي ماڻهوءَ ۾ چگهائيءَ جي اُميد رکڻ ايتري مشڪل هئي، جيتري 70 سال جي پوڙهي عورت کان پُٽُ پيدا ڪرڻ جي اميد رکڻ يا هڪ طوائف مان ڪنوارپ جي توقع رکڻ! سڀ کان وڏي ڳالهہ جنهن مون کي موجوده حڪمران پارٽيءَ کان صفا بدظن ڪري ڇڏيو سا هُئي ون يونٽ جي مسئلي تي هن پارٽيءَ جي خاموشي ۽ مسلسل انهيءَ مسئلي کان لنوائڻ واري چال. جنهن دؤر ۾ هيءَ پارٽي سياست جي ميدان ۾ داخل ٿي، اُن وقت سنڌ ۾ ون يونٽ جي مسئلي، زندگيءَ ۽ موت جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي. سنڌ جي عوام کان اِها ڳالهہ وسري ڪا نہ هئي، تہ جڏهن اسيمبلي هائوس کي فوج، پوليس ۽ رينجرس جي گهيري ۾ وٺي، سنڌي وڏيرن کان طاقت جي زور تي ون يونٽ جي دستاويز تي صحيحون ورتيون ويون هيون. نہ ئي سنڌ جي ماڻهن اِهو منظر وساريو هو جڏهن سنڌ جي سرڪاري رڪارڊ سان گڏ سنڌي آفيسرن ۽ ملازمن کي ريل گاڏيءَ ۾ پري لاهور نيو پيو ويو. بلڪل اهڙيءَ ريت آفريڪي غلامن کي جهازن ۾ پري يورپ ۽ آمريڪا جي شهرن ۾ اُڇلايو ويندو هو. سنڌ جي ڏوٽين کي اِهي ڪلور بہ ياد هئا، جيڪي ون يونٽ واري عرصي ۾ زمينن، نوڪرين، واپار ۽ زبان جي باري ۾ هن ملڪ جي حڪمران ٽولي ڪيا هئا. اسان ڪيئن ٿي وساري سگهياسين تہ 1957ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ طرفان ون يونٽ ٽوڙڻ جي باري ۾ پاس ڪيل قرارداد کي ختم ڪرڻ لاءِ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو هو

جيتوڻيڪ اهو پورو عرصو پُٽو صاحب، ايوب کابينا ۾ اهم عهدن جو وزير رهندو آيو ٽي، ليڪن سنڌ جي ماڻهن کيس ب بين وڏيرن وانگر نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. ليڪن هن اهم موڙ تي جڏهن هو پاڪستان جي سياست ۾ طوفان بنجي اُپريو هو اُن وقت ون يونٽ جي مسئلي تي سندس خاموشي نہ صرف حيران ڪن هئي، پر هڪ حد تائين مجرمانہ گوٽناٽي هئي: ويندي ايتريقدر جو هن صاحب سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ شاگردن جي هڪ ميڙ کي خطاب ڪندي، ون يونٽ جي مسئلي تي چيو تہ: "آءٌ سيني سان اِنصاف ڪندس، پر پنجاب سان غداري نہ ڪندس." اِنهيءَ جو مطلب ظاهر هو تہ ون يونٽ سان پنجاب جا مفاد وابستہ هئا ۽ پُٽي صاحب اُنهن مفادن کي چيهو رسائڻ نٽي گهريو. ٻين لفظن ۾ هن ظاهر ڪري ڇڏيو تہ هو ون يونٽ جو حامي آهي، چو تہ پنجاب ون يونٽ جو حامي هو. اُهو وقت هو جڏهن سنڌي نوجوانن سان جيل پرجي چڪا هئا. روزانہ سنڌي شاگردن جي جلوسن تي لاٺي چارج ٿيندي هئي، ۽ ڪيترين چوڪريون بہ ون يونٽ ختم ڪرائڻ واري تحريڪ ۾ جيل يا ترا ڪري چڪيون هيون ۽ هڪ نوجوان سنڌي 'بلو پنهور' شهيد ٿي ويو هو. پر پٽي صاحب جي گومگو واري پاليسي جاري رهي. ايتريءَ حد تائين جو جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ دولتانہ گروپ طرفان بہ ون يونٽ ٽوڙڻ جا مطالبا ڪيا ويا. اُنهن کان پوءِ جڏهن پُٽي صاحب کي اندروني سرڪاري ذريعن مان خبر پئي تہ ون يونٽ ٽٽندو، تڏهن هن صاحب اعلان ڪيو تہ: "ون يونٽ ٽوڙيو وڃي." اڳتي هلي عوامي ليگ سان پيپلزپارٽيءَ جي تصادم نہ صرف مون کي، پر ڪيترن پيپلزپارٽيءَ جي ڪارڪنن کي پيپلزپارٽيءَ کان بدظن ڪيو. عوامي ليگ ۽ پيپلزپارٽيءَ جي تصادم وقت پُٽي صاحب بيان ڏنو هو تہ هن ملڪ ۾ ٽي طاقتون آهن: پيپلزپارٽي، فوج ۽ عوامي ليگ.

هي اُن ماڻهوءَ جو بيان هو جنهن جي پارٽيءَ جي منشور ۾ هيءُ واضح اعلان موجود هو تہ 'طاقت جو سرچشمو عوام آهي.' هن نہ صرف ٻن عوام جي چونڊيل جماعتن کي ملٽريءَ جي برابريءَ جي درجي تي آندو پر يحييٰ خان، کي خوش ڪرڻ خاطر سياسي ميدان ۾ عوامي ليگ ۽ پيپلزپارٽيءَ سان گڏ فوج کي بہ گهلي آيو. فوج کي سياست ۾ ملوث ڪرڻ جا جيڪي نتيجا دنيا جي سياست ۾ ظاهر ٿي چڪا هئا، هن صاحب تن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. اُهو شايد اُن ڪري، جو سندس ابتدائي سياسي تربيت فوجي حڪومت ۾ ٿي هئي، ۽ پيو تہ هن جي ذهن ۾ اِهو خيال ويٺل هو تہ منهنجي طرفان فوجي جنتا کي هڪ سياسي طاقت تسليم ڪرڻ سان فوج جون همدرديون مون سان ٿينديون ۽ اڳتي هلي عوامي ليگ جي مقابلي ۾ فوج منهنجي مدد ڪندي۔ ۽ واقع ائين ٿيو بہ. عوامي ليگ ۽ پيپلزپارٽيءَ مان منهنجون همدرديون عوامي ليگ سان هيون، ڇو تہ هوءَ پاڪستان جي واحد اڪثريتي جماعت هئي، جنهن کي آئين سازي ۽ حڪومت ڪرڻ جو حق هو. اِهي آهن اقتدار کان اڳ ۾ پيپلزپارٽيءَ سان منهنجي اختلافن جا سبب.

20 ڊسمبر 1971ع ۾ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمئن جناب ذوالفقار علي ڀُٽي، صدر ۽ چيف مارشل ايڈمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ بچيل ملڪ جون واڳون سنياليون. دنيا جي جمهوري تاريخ ۾ شايد پهريون پيرو چار ڪروڙ عوام جو چونڊيل نمائندو مارشل لا جي بندوق کٽي، عوام جي سامهون آيو. ملڪ جا اُهي انسان، جن فوجي آمريت جي لعنت کان ڇوٽڪاري لاءِ ٻارهن سال طويل جدوجهد ڪئي هئي ۽ جمهوريت جي جنگ وڙهندي، هنن پنهنجا ڪيترا جانباز ساٿي موت جي اونداهي غار ۾ ڪِرندي ڏٺا هئا ۽ جمهوريت جي جنگ وڙهندڙ عوام جو سارو جسم پوليس جي ڏنڊن ۽ فوجي سنگينن سان زخمي ٿي پيو هو. اهو سڀ ڪجهہ

سهندي، هنن پنهنجي دليرانہ جدوجهد ۽ آهني ارادن سان فوجي سنگينن، پوليس جي ڏنڊن، جيل جي آهني قاتڪ ۽ مارشل لا جي گوليءَ کي شڪست ڏئي، جمهوريت جي خوبصورت دوشيزه کي حاصل ڪيو هو تن جڏهن جمهوريت جي عيوضيءَ کي مارشل لا جي وردي ۾ ڏٺو تہ هنن جا وٽ وڃي ويا. ملڪ جي وايو منڈل ۾ چوڏس هن قسم جا آواز اچڻ لڳا:

هي اُداس چمن، هي نراس گل ۽ مڪڙيون،
هي بهار پٽ خزان آ، هيءَ بهار ڪين گهرجي!

اِنهيءَ حالت ۽ ماحول کي ڏسندي خود پيپلزپارٽيءَ جي هڪ شاعر چئي ڏنو:

جو تو ڏٺو سو ڪوڙ هو،
فريب، ڏوکو ڏوڙ هو.

ملڪ ۾ 12 سالن جي جمهوري جدوجهد جو نتيجو اِهو نڪتو جو رهيل ملڪ ۾ 'فوجي مارشل لا' جي جاءِ 'عوامي مارشل لا' اچي والاري يعني ڏنڊو ساڻيو سنگين ساڻي ۽ گولي اها ئي هئي، پر رڳو هٿ بدليل هو. اڳ ۾ اِها هڪ فوجيءَ جي هٿ ۾ هئي ۽ هن وقت هڪ جمهوري نمائندي جي هٿ ۾!

انهيءَ 'عوامي مارشل لا' جو پهريون شڪار پ پ جو رهنما قومي اسيمبليءَ جو ميمبر مختيار رانا ٿيو. 'طاقت جو سرچشمو عوام' جو اصول رکندڙ پارٽيءَ جي مارشل لا سنڊس ئي هڪ ميمبر کي فوجي عدالت کان سزا ڏياري ۽ سنڊس سيٽ رد ڪري عملي طرح ثابت ڪيو تہ هڪ لک عوام جي طاقت ۽ فيصلو ہن فوجي آفيسرن جي طاقت ۽ فيصلي جي مقابلي ۾ غلط هو.

'عوامي مارشل لا' جو ٻيو شڪار سنڌ ۾ پ پ جا ٻہ اڳواڻ، شاعر 'ابراهيم منشي' ۽ عالم 'عبدالحق رباني' ۽ جيئي سنڌ جو اڳواڻ 'يوسف لغاري' ٿيا. اِنهيءَ وچ ۾ پُٽي صاحب 14 سؤ آفيسرن

کي نوڪريءَ تان زوريءَ رٽائر ڪيو جن مان اڪثريت سنڌين جي هئي. اُن ڪري، منهنجي ليڊر جناب جي. ايم. سيد هڪ اخباري بيان جاري ڪري چيو هو تہ: "هن اِسڪريننگ ذريعي سنڌي عوام جي نسل ڪشي ڪئي وئي آهي." ون يونٽ واري پوري دؤر ۾ سنڌي ماڻهن کي نوڪرين کان پري رکيو ويو هو. پر جيڪي ڪجهہ ماڻهو اثر رسوخ يا قسمت جي مدد سان نوڪريون حاصل ڪري سگهيا هئا، تن کي وري عوامي مارشل لا جي تلوار ختم ڪري ڇڏيو.

آفيسرن جي انهيءَ 'تطهيري مهم' [صفائيءَ جي مهم] جو مقصد، فرض شناس ۽ ديانتدار آفيسرن جي ميس ماري، کين پارٽي ورڪر جي حيثيت ڏيڻ کان سواءِ ڪجهہ ڪو نہ هو. اهڙيءَ ريت عوامي مارشل لا سان گڏ نوڪر شاهيءَ جو پورو سرشتو هڪڙي حڪمران پارٽيءَ جي گرفت ۾ ڏنو ويو. آفيسر پنهنجي نوڪريءَ کي عوامي مارشل لا جي تلوار کان بچائڻ خاطر هر ڪُڏو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن: ويندي جيل ۾ بند سياسي قيدين تي ڪوڙا هڻڻ، هٿرادو من گهڙت ۽ جڙتو ڪيس ٺاهڻ ۾ ۽ حڪومت جا ٻانهن ٻيلي ٽيڻ ۾ ڪا ۽ هڪ محسوس نٿا ڪن.

پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت جي اثرات ظاهر ٽيڻ شرط اُن پارٽيءَ جي چيئرمئن جي ذهانت ۽ قابليت متعلق جيترا رومانوي تصورات قائم ٽيل هئا، سي هڪدم ختم ٽيڻ لڳا. اِهڙي حڪومت، جنهن جو سربراهہ پُٽي صاحب جهڙو ماڻهو هجي، سا ملڪ اندر انتظامي سرشتي کي قائم ڪرڻ ۾ اَڄ ڏينهن تائين ناڪام وئي آهي. جيتريون خونريزيون، ڏاڙا، ڦريون، اغوا ۽ قتل هن دؤر ۾ ٽيا آهن، اوترا گذريل دؤر جي ڪنهن ۽ حڪومت ۾ ڪو نہ ٽيا ۽ خارجہ پاليسيءَ جي ميدان ۾ ملڪ ڪنهن ۽ باوقار پاليسي اختيار ڪرڻ کان عاجز رهيو آهي. آءٌ جيڪڏهن مختصر لفظن ۾

حڪومت جي ملڪي ۽ بين الاقوامي پاليسين کي بيان ڪريان تہ اُهي لفظ هي هوندا:

- اندرون مُلڪ سياسي تشدد واري پاليسي.
- پرڏيهي معاملن ۾ محڪوميءَ واري پاليسي.

ملڪ جي سياسي صورتحال ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪرڻ لاءِ هن دؤر حڪومت ۾ سياسي ڪارڪنن سان اُهي عقوبتون ڪيون ويون، جنهن جو تصور ڪنهن غير ملڪي سامراج کان تہ ٽي سگهي ٿو پر هڪ قومي جمهوريت سڏائيندڙ حڪومت کان ايتري ڪارروائيءَ جي باري ۾ ڪو سوچي ئي نٿو سگهي. مثال طور: ٽاٽن ۽ لاڪ اپن ۾ سياسي ڪارڪنن کي ڏنپ ڏيارڻ، بدفعلي ڪرائڻ، منهن تي پيشاب ۽ ڪرفتيءَ جون ٽيلهيون ٻڌائڻ، سياسي ڪارڪنن کي اُگهاڙو ڪري بازاري عورتن سان فوٽو ڪيائي عوام ۾ تقسيم ڪرڻ وغيره [پنجاب هاءِ ڪورٽ ۾ سيد قصور گرديزي، ميان طفيل، حبيب جالب ۽ مولوي شير محمد جا ڏنل بيان.]

سياسي ليڈرن جو قتل، جيترو هن دؤر ۾ ٿيو آهي، اوترو اڳي ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيو آهي. آشوڪ ڪمار، خواجہ رفيق ڊاڪٽر نذير احمد، عبدالصمد اَچڪزئي، مولوي شمس الدين، حيات محمد شير پائو فقير محمد اَمين مگريو، شهيد عبدالرزاق سومرو ۽ بين جا بهيمانہ قتل هن جمهوري دؤر جا يادگار آهن.

هڪ نئون طريقو هن حڪومت جي دؤر ۾ ايجاد ڪيو ويو آهي، جنهن جا مثال انگريزن جي دؤر ۾ بہ نٿا ملن. اِهو طريقو آهي، سياسي ڪارڪنن جي مائٽن، عزيزن ۽ والدين جي گرفتاريءَ جو! اُنهيءَ طريقي جو شڪار پوري ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ جيئي سنڌ تحريڪ جا نوجوان ڪارڪن بنيا آهن. اسان جي اِها شايد بدقسمتي آهي، جو ون يونٽ ٽوڙائي جن سنڌي آفيسرن کي اسان پنجاب جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو، اُنهن ئي آفيسرن، سنڌ

۾ سياسي بنيادن تي سنڌي عورتن کي گهرن مان ڪڍي بيعزتيءَ سان ٽاٽي تي گهرائي سندن شلوارن ۾ ڪُٽا وڌا. اِهڙن آحڪامن تي سنڌ جي حڪومت جا بالا عملدار صحيحون ڪرڻ وقت، سنڌ جون سڀ رواداريون شايد وساري ويٺا.

اسان کي خبر آهي تہ اُنهن آفيسرن، اِهي سموريون ڪارروايون پنهنجي نوڪري بچائڻ لاءِ ڪيون ۽ جنهن بہ آفيسر پنهنجي ضمير جي آواز تي هلڻ چاهيو اُن کي نہ صرف نوڪريءَ تان برطرف ڪيو ويو پر ڪيس گرفتار بہ ڪيو ويو. مثال: سيشن جج سانگهڙ مسٽر آويس جي. ڊي. پي. آر تحت گرفتاري، عدالت جي توهين جو موجوده حڪومت جي پيشاني تي اَڻ مٽجندڙ داغ آهي، ۽ اُن سان گڏ آفيسرن جي بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ جو واضح ثبوت پڻ.

هن جاءِ تي آءٌ صرف هڪڙي واقعي جو ذڪر ڪندس، جنهن جو تعلق مون سان آهي. 1977ع ۾ هڪ واقعي تان ڏمرجي سنڌ حڪومت گرفتارين جو سلسلو شروع ڪيو. اُن سلسلي ۾ سانگهڙ، لاڑڪاڻي، نواب شاهہ، دادو حيدرآباد ۽ ٽرپارڪر ضلعن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي ڪارڪنن جي مائرن، پيئرن، پيئرن ۽ پائرن کي گرفتار ڪيو ويو. ٽرپارڪر مان منهنجي والد، ٻن پائرن ۽ ٻين عزيزن کي گرفتار ڪري، متن وحشيانہ تشدد سان گڏ ڪين پورا ٽي مهينا ڊسٽرڪٽ جيل ميرپورخاص ۾ رکيو ويو. اِهو سڀ ڪجهہ اُن لاءِ ڪيو ويو تہ جيئن هو مون کي 'جيئي سنڌ تحريڪ' کان هٽائي، سنئين رستي تي هلائين. اِهڙي قهري ڪارروائين ٿيڻ جي باوجود مُلڪ 'اِسلامي جمهوريہ' پاڪستان آهي، ۽ اُن جي دستور ۾ قرآن ۽ حديث جي خلاف ڪا بہ ڳالهہ داخل نہ ڪرڻ جي دعويٰ ٿيل آهي.

هتي ٿورڙو وقت آءٌ وٺندس، جيئن اِهڙين ڪارروائين جي باري ۾ اسلام سان گڏ هن برصغير ۾ انگريز حڪومت جي روش جي روشنيءَ ۾ ڪجهہ گفتگو ڪريان:

رسول الله صلعم جن آخري حج جي خطبي ۾ مختلف ڳالهين سان گڏ هڪ هيءَ به ڳالهه فرمائي هئي:

اَلَا لَا يَجْنِي، وَالِدٌ عَلٰى وَلَدِهٖ

يعني: ["پٽ جي ڏوهه جو جوابدار پيءُ ناهي ۽ نه وري پيءُ جي ڏوهه جي ڇَتِي پُٽَ تي آهي."]

اسلامي دستور جو اِهو هڪ ضابطو آهي، جنهن مطابق مجرم جي گمشدگيءَ يا روپوشيءَ جي حالت ۾ سندس ڪنهن به عزيز کي سزا نٿي ڏئي سگهجي، پر هتي 'چٽي پوي چاکر تي پر وتايا تون...!' وارو حساب لڳو پيو آهي.

برصغير ۾ انگريزن جي دور حڪومت ۾ اُن حڪومت کي ڌاهڙ لاءِ هڪ تشدد پسند تنظيم وجود ۾ آئي. اُن جي ڪارڪنن انگريز آفيسرن کي قتل ڪرڻ کان وٺي اسيمبليءَ ۾ بم اڇلائڻ تائين هر ڪارروائي ڪئي، ليڪن مون تاريخ ۾ ڪٿي ڪو نه پڙهيو آهي ته انگريزن ڪڏهن پڳٽ سنگهه جي ماءُ کي گرفتار ڪيو اجي گهوش ڪمار جي پيٽ کي گرفتار ڪيو يا چندر شيکر آزاد جي پيءُ کي جيل ۾ بند رکيو!

پي جنگ عظيم وقت مشهور ڪانگريسي ليڊر 'سياش چندر بوس' هندوستان مان پڄي وڃي جرمني ۽ جپان جي مدد سان 'آزاد هند فوج' ناهي، انگريزن تي حملا ڪيا. ليڪن انگريزن سندس ڏرم پتني، ماتا، پتا مان ڪنهن کي به گرفتار نه ڪيو.

موجوده دور ۾ مغربي ملڪن اندر ڪيتريون ئي جرائم پيشه تنظيمون آهن. شاهوڪار توڙي غريب مائٽن جا ڪيترا مايوس نوجوان گهران پڄي اُنهن ۾ شامل ٿي ڪيترن پيانڪ ڏوهن جو ڪم ڪن ٿا، مگر اُتي جون حڪومتون يا پوليس، انهن جي مائٽن کي گرفتار نه ٿي ڪري.

رڳو سنڌ ۾ 1942ع ۾ حرن خلاف وٺ پڪڙ دوران، انگريزن، حريت پسند حُرن جي ٻارن ٻچن کي گرفتار ڪري لوڙهن ۾ بند

ڪيو هو. موجوده حڪومت سنڌ ۾ انگريزن جي انهيءَ سُنت تي عمل ڪري سنڌي ماڻهن کي شايد اِهو احساس ٿي ڏياري ته 14 آگسٽ جو سِج سنڌي قوم لاءِ ايڪا ڪو نہ اُپريو آهي.

هاڻي آءٌ **صوبائي خودمختياريءَ** جي باري ۾ حڪومت سان پنهنجن اختلافن جي ڪارڻن جي باري ۾ ڪجهہ عرض ڪرڻ چاهيان ٿو:

هيءَ حقيقت آهي ته موجوده حڪومت جي دور ۾، پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو عوام جي چونڊيل نمائندن، ڏٺهي بحث ۾ اختلاف کان پوءِ آئين ناهي، ملڪ ۾ نافذ ڪيو آهي: جيتوڻيڪ اُن آئين تحت چونڊون ايڪا تائين نہ ٿيون آهن ۽ چئي نٿو سگهجي ته مستقبل هن دستور هيٺ ٿي ۽ سگهنديون يا نہ؟

1970ع جي عام چونڊن کان اڳ هن ملڪ جي عوام لاءِ ۽ مسئلا زندگيءَ ۽ موت جي سوال جي حيثيت اختيار ڪري ويا هئا: هڪ ون يونٽ جو خاتمو ۽ ٻيو صوبائي خودمختياريءَ جو مسئلو. (ان وقت) اوپر پاڪستان ۾ عوامي ليگ، صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي تي ۽ اولهہ پاڪستان جي ٽن صوبن ۾ 'سنڌ متحده محاذ' ۽ 'نيشنل عوامي پارٽي'، ون يونٽ توڙڻ جي سوال تي مقبول ۽ مشهور جماعتون بنجي چڪيون هيون. ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي تي اهي ٽئي جماعتون ذري گهٽ متفق هيون. ملڪ جي سياسي صورتحال هيءَ وڃي بيٺي هئي، جو اوپر پاڪستان ۾ عوامي ليگ ۽ اولهہ پاڪستان جي سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ سنڌ متحده محاذ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪٽڻ جا امڪان روشن نظر اچڻ لڳا هئا. سنڌ جي سياسي صورتحال هيءَ وڃي بيٺي، جو موجوده حڪمران پارٽيءَ جي چوٽيءَ جا ليڈر (سنڌي) پنهنجي ڪريل ڪرتوتن جي سنڌي عوام کان، سنڌ جي قومي اڳواڻ سائين جي.ايم. سيد جي معرفت معافي وٺڻ لڳا.

سنڌ جي هاڻوڪي (سابق) وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جا اهي لفظ هن وقت بہ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن، جيڪي هن صاحب، 'سنڌ متحده محاذ' جي عام جلسي ۾ چيا هئا:

"آءٌ سنڌي عوام کان پنهنجي والد مرحوم جي غلطين جي معافي ٿو وٺان. جيڪي هن کان سنڌي عوام جي مفاد جي خلاف ون يونٽ جي سلسلي ۾ ٿيون هيون."

شايد تاريخ جي ڏهرائڻ وارو نظريو صحيح ثابت ٿئي ۽ سياڻي مسٽر غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي فرزند کي سنڌي عوام جي عدالت ۾ حاضر ٿي مٿيان ساڳيا لفظ ورجائڻ جي ضرورت پيش اچي ۽ اُن وقت سنڌي عوام جي عدالت ۾ ڪو بہ جي. ايم. سيد جهڙو روادار رهبر ۽ سنڌ جي روايتن جو پابند ليڈر موجود نہ هجي! [هيءُ هڪ ضمني جملو هو]

اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ اُن وقت سنڌ متحده محاذ جي سياسي حيثيت اهڙي درجي تي پهچي چڪي هئي. ٻئي طرف سرحد ۾ هر سرڪار جو پيڙهياتو وفادار خان قيوم، سرحد جي عوام جي سيلاب کان ڊڄي، ولي خان جي در جون حاضريون ڀرڻ لڳو هو. ون يونٽ ٽوڙڻ کان پوءِ ڇهن نُڪتن جي بنياد تي صوبن کي خودمختياري ڏئي ملڪ کي مضبوط ۽ محفوظ بنائڻ جي پروگرام تي سنڌ متحده محاذ ۽ عوامي ليگ ۾ باقاعدي سمجهوتو ٿي چڪو هو. نيشنل عوامي پارٽي پنهنجي سياسي مصلحتن جي بنياد تي اُن ناهہ ۾ شريڪ کا نہ ٿي هئي. نيشنل عوامي پارٽي ۽ سنڌ متحده محاذ لاءِ اليڪشن ۾ سڀ کان وڏو مسئلو ون يونٽ جو هو ۽ عوامي ليگ لاءِ ڇهن نُڪتن جي بنيہ ۔ تي خودمختياري جو سوال هو.

اُن وقت ملڪ ۾ اُنهن ننهي ترقي پسند، محب وطن ۽ امن دوست پارٽين جي واضح مقبوليت ڏسي، هڪ منظم سازش تيار ٿي، جنهن جو مقصد هو تہ صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي تي عوامي ليگ کي اسيمبليءَ اندر اڪيلو ڪري مار ڏيڻ.'

انهيءَ سازش تي عمل هن ريت ٿيو جو صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو ۽ ون يونٽ کي ختم کيو ويو. ون يونٽ ٽٽڻ شرط سنڌ متحده محاذ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي هڪ اهم مقصد پوري ٿيڻ سان گڏ وٽانئن اليڪشن ۾ پروگرام کڻڻ جهڙو اهم ميدان ڦرجي ويو. نتيجو اولهه پاڪستان ۾ سازشي ٽولي جي پروگرام وٽان نڪتو. سنڌ متحده محاذ هڪ نشست به حاصل کري نہ سگهيو ۽ نيشنل عوامي پارٽي پنهنجي پيدائشي صوبي سرحد ۾ صرف چار سيٽون حاصل کري سگهي. تڏهن به عوامي ليگ، سازشي ٽولي جي اُميدن جي برخلاف اوپر پاڪستان ۾ ٻن کان سواءِ قومي اسيمبليءَ جي سموريون سيٽون تي قبضو کري ورتو ۽ اُها صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي کي ڇهن نُڪتن جي بنياد تي حل کرڻ لاءِ ٻيءَ کنهن به پارٽيءَ جي مدد ۽ حمايت جي محتاج نہ رهي.

اهڙيءَ صورتحال کي ختم کرڻ ۽ صوبائي خودمختياريءَ جي مسئلي کي ڍانوا ڍول کرڻ لاءِ، اُنهيءَ ساڳئي سازشي ٽولي آئين سازيءَ لاءِ ٽيل اليڪشن کي اقتدار ۽ حڪومت جي حصول جو مسئلو بنائي وڏو ۽ اقتدار جي جنگ خطرناڪ صورت اختيار کري وئي. جيتوٽيڪ چونڊون صرف آئين سازيءَ لاءِ ٽيون هيون، اسيمبليءَ کي اقتدار جي حصول جي جنگ جو کاڙو بنائڻ ۾ بنيادي کردار يحييٰ خان جي هڪ جملي ادا کيو. جنهن ۾ هن چيو تہ: "پاڪستان ۾ اينڊرَ وزيراعظم شيخ مجيب الرحمان آهي." اهو جملو هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت چيو ويو هو نہ تہ يحييٰ خان کي پوريءَ ريت معلوم هو تہ هي چونڊون حڪومت ٺاهڻ لاءِ نہ، پر آئين ٺاهڻ لاءِ ٿيون آهن. اِهڙو ذڪر سندس پنجن نُڪتن ۾ موجود هو تہ اسيمبلي، دستور ٺاهڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندي ۽ نئين آئين ماتحت حڪومت سازيءَ لاءِ نيون چونڊون

ٽيندیون، پر جيڪڏهن هڪ سؤ ويهن ڏينهن اندر اسيمبلي دستور ناهڻ ۾ ناڪام وئي، تڏهن به اُها خود به خود ختم ٿي ويندي. اهڙي واضح پروگرام جي هوندي يحييٰ خان اِهو علان پيپلزپارٽيءَ ۽ عوامي ليگ کي اقتدار جي جنگ ۾ 'جنبائڻ لاءِ ڪيو ته جيئن ڇهن نُڪتن جي بنياد تي آئين ناهڻ لاءِ اسيمبلي نہ گڏجي سگهي ۽ نہ وري اِهڙو آئين تيار ٿي سگهي، جنهن ۾ صوبن کي قرارداد لاهور جي بنياد تي خودمختياري مليل هجي: ڇو ته اِهڙي آئين جي موجودگيءَ ۾ اُنهن طبقن، گروهن ۽ ٽولن جي قرلٽ کي ڀنجو آچي وڃي ها، جن پاڪستان جي مختصر تاريخ ۾ ڪڏهن ملڪ جي دفاع، ڪڏهن اِسلامي اخوت ۽ ڪڏهن مضبوط مرڪز جي نالي ۾ هٿي جي ننڍن صوبن ۽ قومن کي پئي لُٽيو ڦريو ڇڇريو ۽ چيپاٽيو. صرف اُنهن طبقن، گروهن ۽ ٽولن جي پرماريت کي قائم رکڻ لاءِ اقتدار جي حصول جو ناٽڪ رچائي اُهو ڪجهه ڪيو ويو جنهن جو نتيجو اڄ نئين پاڪستان جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي.

بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ کان هڪ مهينو ۽ هڪ ڏينهن پوءِ، منهنجي ليڊر ۽ سنڌ جي قومي اڳواڻ سائين جي. ايم. سيد، 4 جنوري 1972ع تي سندس ڳوٺ سن ۾ هڪ عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي، ان وقت جي صدر پاڪستان جناب يُٽي صاحب کي بچيل ملڪ جي بقا ۽ بچائڻ لاءِ آئين ناهڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه تجويزون ڏنيون هيون، جن ۾ هڪ تجويز هيءَ به هئي ته: "پاڪستان کي چئن قومن جو ملڪ تسليم ڪري، آئين ۾ انهن قومن کي صوبن جي بنياد تي خودمختياري ڏني وڃي ۽ بچاءَ، ناٽي ۽ پرڏيهي معاملن جي ڪاتن کان سواءِ ٻيا سڀ ڪاتا صوبن جي حوالي ڪيا وڃن." حڪومت انهن تجويزن تي ڏيان ڏيڻ جي بجاءِ جناب سيد کان سندس تقرير جي 'ملڪ دشمن حيثيت' جي باري ۾ وضاحت طلب ڪئي. اِها وضاحت پ پ جي

جنرل سيڪريٽريءَ جي. اي. رحيم [خط لکي] طلب ڪئي هئي.
۽ آڄ اهو ساڳيو جي. اي. رحيم ملڪ دشمنيءَ جي مجرم جي
حيثيت ۾ هن عدالت سڳوريءَ اندر پيش ٿيندو رهي ٿو. نئين
پاڪستان جي پراڻي اَسيمبليءَ، پهرين عبوري دستور ۽ پوءِ مستقل
دستور منظور ڪيو. جنهن وقت دستور جو خاڪو پڌرو ٿيو اُن
وقت مون لکيو هو ته: "ننڍڙي مرڪز جي پيٽ ۾ ايترا ڪاڏا وڏا ويا
آهن، جو متان اُنهن جو وزن مرڪز جو پيٽ ڦاڙي وجهي!"

نئين آئين ۾ صوبن کي ايترا اختيار به ڪو نہ ڏنا ويا هئا،
جيترا 1935ع جي انڊيا ائڪٽ ۾ انگريزن غلام هندوستان جي
صوبن کي ڏنا هئا [تقرير سيد ظفر علي شاهه، ايم. پي. اي 3 مارچ
1973ع] انگريزن جي وقت ۾ ضلعي عملدار کي رسالي ۽ اخبار جو
ڊڪلئريشن ڊيٽ جا اختيار هوندا هئا ۽ هن سنڌ جي وزير اعليٰ
کي اهڙا اختيار ناهن. هيءَ انتهائي شرمناڪ ڳالهه آهي ته هاءِ
اسڪول جي شاگرد جي آزاديءَ جي باري ۾ سنڌ جو وزير اعليٰ اهو
جواب ڏئي ته: "انهيءَ معاملي ۾ آءٌ بيوس آهيان، ڇو ته مرڪزي
اَحڪام آهن." جنهن سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ڪرائڻ لاءِ
اسان جي ليڊرن ۽ عوام چوڏهن سال مصيبتن کي مڙساڻو منهن ڏئي
جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي، اُن جي صوبائي حيثيت بحال ٿيڻ کان پوءِ
صوبي جي وزير اعليٰ جي حيثيت هيءَ آهي، جو هو جامشوري جي
اسٽيشن تي مسافرن لاءِ هڪ معمولي شيڊ لڳائڻ جي مطالبي جي
جواب ۾ چوي ٿو ته: "آءٌ مرڪز کي اهڙي درخواست ڪندس."

[سنڌ يونيورسٽيءَ اسٽوڊنٽس يونين جي قسم ڪٽڻ واري ۾ جتوئي
صاحب جي تقرير: 1974ع]

صوبن کي جيڪا خودمختياري ڏني وئي آهي، اُن ۾ صوبائي
حڪومت اسٽيشن تي مسافر خانو به نهرائي نٿي سگهي. مون کي
آزاديءَ ۽ غلاميءَ واري صوبائي خودمختياريءَ جي تفاوت تي ڏاڍي

حيرت ٽيندي آهي. سن 1939ع يا 1940ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو قائد ايوان (شهيد) الهه بخش سومرو هو جنهن سنڌ ڪانگريس جي صدر ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻيءَ جي مطالبي تي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي 25 سالہ جلاوطني ختم ڪري، ڪيس سنڌ ۾ واپس گهرايو. مولانا عبيدالله سنڌي 1915ع ۾ هندوستان مان ٻاهر ويجي ڪابل ۾ 'هندوستان جي آزاد جلاوطن حڪومت' قائم ڪئي ۽ 'ريشمي رومال' واري هلچل سبب انگريزن جي نظر ۾ جوابدار هو. انگريز حڪومت خلاف مولانا جي ڪارروائين سان رولٽ ائڪٽ ڪميٽيءَ جي رپورٽن جا دستاويز پريا پيا آهن. اُنهن ڪارروائين جي بنياد تي انگريزن ڪيس گولي هٽڻ جو حڪم ڏنو هو. اهڙي ماڻهوءَ کي 'غلام سنڌ جو هڪ بااختيار وزير اعليٰ' نه صرف واپس ٿو گهُرائي، پر ڪراچي بندر تي انگريزن جي باغي پوڙهي انقلابيءَ جو استقبال پڻ ڪري ٿو. پوءِ به سندس حڪومت کي لوڏو نه ٿو اچي. ٻئي طرف 'آزاد ملڪ جي صوبائي وزير اعليٰ' جي اختيارات جي حالت هيءَ آهي جو هو ٽنڊي الهيار جي هاءِ اسڪول جي شاگردن جا ريسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺڻ جي معاملي ۾ مرڪز جو محتاج آهي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگرد کي آزاد ڪرڻ جي باري ۾ مرڪز وٽ لاچار آهي. ڇٽن صفحن جي هفتيوار اخبار جي ڊڪليئريشن جي منظوريءَ لاءِ مرڪز وٽ بيوس آهي. ٽيليفون جو هڪڙو ڪنيڪشن ڏيڻ لاءِ اسلام آباد وٽ مجبور آهي، ۽ جامشوري ريلوي اسٽيشن تي برسات ۽ اُس کان بچڻ خاطر مسافرن لاءِ هڪ شيڊ نهرائڻ لاءِ هن کي ريلوي جي چيئرمئن کي درخواست ڪرڻي پوي ٿي.

به بين تفاوت رَه ڪُجا اَست تا به ڪجا!

هر پارلياماني (Parliamentary) حڪومت جو دستور آهي ته اسيمبليءَ جي قائد ايوان جي تبديلي، اسيمبليءَ جي ميمبرن جي عدم اعتماد جي ووٽ (Vote of no-confidence) سان ٽيندي آهي.

پر هتي پارلياماني نظام هوندي بہ اسيمبليءَ ۾ قائد ايوان، گورنر وانگر مرڪز طرفان ٽاڪيو ويندو آهي، ۽ اُن معاملي ۾ هائوس جي راءِ يا ووٽ جي ڪا بہ ضرورت محسوس نہ ٿي ڪئي ويڄي. صوبائي اسيمبليءَ جي بي اختياريءَ جو هي عالم آهي، جو 62 ميمبرن جي هائوس مان 51 ميمبرن جي مرضيءَ ۽ راءِ سان پاس ڪيل 'سنڌي زبان وارو بل' مرڪز جي مداخلت جو شڪار ٿي ويڄي ٿو. پر خود صوبائي اسيمبليءَ ۽ صوبائي وزارت جي حيثيت هيءَ آهي، جو صدر مملڪت، ڪنهن بہ وقت غير معمولي حالتن جي آڙ ۾ انهن کي ختم ڪري سگهي ٿو. حالانڪ هڪڙ اِئين گهريو هو تہ جيستائين صوبائي اسيمبليءَ جا بہ پاڻي ٿي ميمبر اسيمبليءَ کي ختم ڪرڻ يا وزارت برطرف ڪرڻ (Dismiss) جي باضابطہ درخواست نہ ڪن، اُن وقت تائين اسيمبليءَ يا وزارت برطرف ڪرڻ جو مرڪز کي ڪو بہ اختيار نہ هجي. اهڙي طريقي سان جيڪڏهن اسيمبلي ڪو بہ بل هڪ مقرر ۽ متعين اڪثريت سان پاس ڪري تہ مرڪز اُن تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ جوابدار ۽ ٻڌل هجي. صوبائي حڪومت ۾ هوم سيڪريٽري ۽ چيف سيڪريٽري، عملي طرح وزير اعليٰ کان وڌيڪ بااختيار (Powerful) شخصيتون آهن، ڪيترين گرفتارين يا آزادين وزير اعليٰ (Chief Minister) جي حڪم ۽ علم کان سواءِ ٽيندين رهن ٿيون. قانوني طرح جنهن محڪمي جي سربراهہ کي جيڪي اختيار مليل آهن، تن جي باري ۾ بہ اُهو سربراهہ بيوس ۽ بي اختيار آهي. انصاف جي باري ۾ عدالت بي اختيار آهي. قيديءَ کي قانوني طرح آزاد ڪرڻ جي سنڊ هوندي بہ جيل انتظاميا بي اختيار آهي. سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ ۽ ٽريبونل جي حڪمن ۽ ضمانتن جي موجودگيءَ ۾ سپرنٽينڈنٽ جيل قيديءَ کي آزاد ڪرڻ لاءِ هوم سيڪريٽريءَ جي فون جو منتظر رهي ٿو. هوم سيڪريٽريءَ جي غير موجودگيءَ ۾ هفتي تائين قيدي بي گناهہ

جيل ۾ ئي رهي ٿو. سيني حڪمن ۽ وزارتن جا اختيار اسلام آباد جي پرائم منسٽر هائوس ۾ جمع ٿي ويا آهن.

هڪ ٻئي طريقي سان معاملي کي ڏسڻ سان صورتحال هن ريت بيهي ٿي: ڊي. سي ڪنهن فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ هوم سيڪريٽريءَ جي فون جو منتظر رهي ٿو. ڪمشنر حڪم صادر ڪرڻ کان پهرين هوم سيڪريٽريءَ جي فون جو منتظر رهي ٿو. ڊي. ايس. پي. کو قدم کڻڻ کان اڳ ۾ هوم سيڪريٽريءَ جي فون جو انتظار ڪري ٿو. ايس. پي پنهنجي اختيارات جي استعمال کان اڳ ۾ هوم سيڪريٽريءَ جي فون لاءِ واجهائي ٿو. وائيس چانسلر شاگرد جي داخلا منظور ڪرڻ کان اڳ ۾ هوم سيڪريٽريءَ جي فون لاءِ ترسي ٿو. جج جي قلم جي جنبش هوم سيڪريٽريءَ جي فون جي آواز تي شروع ٿئي ٿي. جيل سپرنٽينڈنٽ قيديءَ کي هوم سيڪريٽريءَ جي فون تائين انتظار ۾ رکي ٿو ۽ وري هوم سيڪريٽري، پرائيم منسٽر (وزيراعظم) جي فون کانسواءِ گهر واريءَ سان ڳالهائڻ لاءِ به تيار ناهي. مطلب ته هن بدنصيب خطي تي ماڻهن جي بدران 'ٽيليفون جي حڪومت' آهي. حالت هيءَ آهي جو صوبائي وزير اعليٰ کي هڪڙي به ڪنيڪشن ڏيڻ جو اختيار ڪونهي. انهيءَ سبب ڪجهه هوندي رات ڏينهن اعلان ٿيندا رهن ٿا ته صوبن کي وڌ ۾ وڌ اختيار ڏنا ويا آهن. اسان جي لاءِ انهن حالتن جي موجودگيءَ ۾ اهڙن اعلانن تي پروسو ڪرڻ ناممڪن آهي. نئين پاڪستان جي پراڻي اسيمبليءَ پنهنجي ٺاهيل دستور ۾ چونڊن متعلق يحييٰ خان وارو ساڳيو اصول برقرار رکيو آهي ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ صوبن کي آبادي ۽ آدمشماريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏني آهي.

هاڻي باقي رهيل ملڪ جي آبادي ۽ آدمشماريءَ جي حالت هيءَ آهي، جو هڪڙي صوبي پنجاب جي آدمشماري باقي ٽن صوبن جي مجموعي آدمشماري ۽ آباديءَ کان وڌيڪ آهي. اُن

ڪري قومي اسيمبليءَ ۾ سندس سيٽون بہ ٽنهي صوبن جي مجموعي سيٽن کان وڌيڪ آهن. انهيءَ بنياد تي پاڪستان جي ٽنهي صوبن تي هڪڙي وڏي صوبي پنجاب جي حاڪميت قائم ٽي وئي آهي ۽ ننڍن صوبن جي مفاد وٽان ڪو بہ قانون، پنجاب جي مرضيءَ کانسواءِ پاس ٽي نٿو سگهي: خاص ڪري اهڙيءَ حالت ۾ جو سينيٽ هڪ بي اختيار ادارو آهي ۽ اُن ۾ بہ وفاقي ايريا جي بهاني پنجاب کي بہ سيٽون وڌيڪ مليل آهن.

وفاقي نظام حڪومت ۾ جڏهن هڪڙي يونٽ [اڪائيءَ] جي آبادي ٻين سڀني يونٽن جي مجموعي آباديءَ کان وڌيڪ هجي، آباديءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ، سا بہ صوبائي قانون ساز ادارن جي بي اختياريءَ جي حالت ۾ انتهائي غلط ۽ هاڃيڪار آهي. ڇو تہ اُن حالت ۾ ٻين يونٽن جي عوام جي دلين ۾ حڪومت جي ڪاروبار ۽ اقتدار جي باري ۾ عدم شرڪت جو احساس پيدا ٿيندو ۽ اهڙو احساس، محروم ماڻهن کي لازمي طرح اوير بنگال (بنگلاديش) جي رستي تي هلڻ لاءِ مجبور ڪندو ۽ پاڪستان جي حڪمرانن کي تاريخي تجربن مان سبق ونڻ گهرجي. هي صحيح آهي تہ بنگال جي جدائي کان اڳ ۾ اسان انهيءَ اصول تي اعتراض نہ ڪيو هو ڇو تہ عوامي ليگ جي دستور ۽ منشور ۾ صوبائي حڪومتون ايتريءَ حد تائين خودمختيار رکيون ويون هيون، جو صوبن جي عوام جي دلين ۾ ڪنهن هڪ صوبي جي بالادستيءَ جو احساس ئي پيدا نہ ٿئي ها.

ليڪن موجوده حالتن ۾ اسان پنجاب جي باري ۾ ڪنهن خوشفهميءَ يا غلطفهميءَ ۾ مبتلا ناهيون. آباديءَ جي بنياد تي نمائندگيءَ واري اصول جو ئي نتيجو آهي، جو هاڻي پنجابي ليڊرن، پاڻي، بجيٽ جي رقم، نوڪريون، پرمٽون ۽ ڪارخانا آباديءَ جي بنياد تي گهرڻ شروع ڪيا آهن. اسان جي تجويز هئي تہ قومي اسيمبليءَ ۾ برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏني وڃي.

سينيٽ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. اهڙيءَ ريت سيني وفاقي يونٽن کي اقتدار ۾ پاڳي پائيواريءَ جو احساس ڏياريو وڃي. اصولي طرح پنجابي سياستدانن کي اُن تجويز تي اعتراض نہ هئڻ گهرجي، ڇو تہ اهي اڳ ۾ بنگالي اڪثريت جي خوف کان بچڻ لاءِ پاڪستان ۾ اهو سرشتو رائج ڪري چڪا آهن، جنهن جي لاءِ هنن کي ون يونٽ ناهڻو پيو هو. اسان جي اها تجويز بہ اُن صورت ۾ ڪارگر ۽ اثرائتي ٽي سگهي ٽي، جڏهن پاڪستان اسيمبلي باقاعدي هڪ باوقار ۽ باضمير اداري جي حيثيت ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏئي، هن وقت تائين پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن، اصول پسند ۽ باضمير انسانن جي ڪردار جو مظاهرو نہ ڪيو آهي. هنن کي ڇا ڪرڻ ڪپندو هو ۽ هنن ڇا ڪيو آهي، اُن لاءِ آءٌ بہ مثال پيش ڪندس:

(1) هندوستان جو آنجهاني وزيراعظم لال بهادر شاستري، ڪنهن وقت هندوستاني ڪابينا ۾ ريلوي جو وزير هو. سندس دؤر وزارت ۾ هندوستان جي صوبي يو. پي ءَ اندر ريل جو وڏو حادثو ٽيو جنهن ۾ ڪافي ماڻهو مري ويا. اُن حادثي جي ڪري شاستريءَ ريلوي جي وزارت تان اهو چئي استعيفا ڏئي ڇڏي تہ: "اُن حادثي جو قصور وار مان آهيان، اُن ڪري مون کي وزير رهڻ جي بجاءِ هڪ مُجرم جي حيثيت ۾ عوام جي سامهون پيش ٽيڻ گهرجي."

اسان جي ملڪ جي عوام اسيمبليءَ جي ميمبرن کي اُن نيت سان چونڊيو هو تہ اُهي پاڪستان جي حفاظت ۽ مضبوطيءَ لاءِ آئين تيار ڪندا، پر اُنهن ميمبرن جي موجودگيءَ ۾ ملڪ سان وڏو حادثو ٽيو جنهن ۾ نہ صرف ملڪ بہ ڌار ڌار ٽڪر ٽي ويو پر لکن جي تعداد ۾ انساني جانيون ضايع ٽي ويون. پر اُن جي باوجود اسان جا معزز نمائندا ڪرسين سان ائين چنبڙيا رهيا، جيئن انساني جسم کي ڇؤڙ ڇهٽي پوندي آهي. وڏي ڳالهہ تہ اُن حادثي جا ذميوار بہ خود اهي ميمبر هئا.

(2) 1967ع جي عرب اسرائيل جنگ ۾ عربن کي تباهہ ڪُن شڪست آئي ۽ ٽن ملڪن مصر، شام ۽ اردن جا ڪافي علائقا اسرائيل جي قبضي هيٺ اچي ويا. اُنهيءَ شڪست جي نتيجي ۾ مصر جي اُن وقت جي صدر مرحوم جمال ناصر صدارت تان استعيفا ڏئي، پاڻ کي عوام جي عدالت ۾ هڪ ڏوهيءَ، قصور وار ۽ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ڪيو جيتوڻيڪ عرب ملڪن جي هر مرد، عورت اِهو نعرو هنيو تہ:

'نَحنُ لاَ نُحِبُ المِصرَ ولاَ كِن نُحِبُ النَّاصِر'

(اسان کي مصر نہ پر، ناصر کپي.)

مطلب تہ ڪيس استعيفا واپس وٺڻ تي عوام مجبور ڪيو پر اسان جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ ملڪ کي شرمناڪ شڪست آئي ۽ پاڪستان جي هڪ لک فوج قيد ٿي وئي، پر هنن جي صحت تي ڪو بہ اثر ڪونہ پيو..!

آزاد قومن ۽ ملڪن جون اسيمبليون، انسان جي بنيادي حقن کي دستور ۾ مقرر ۽ متعين ڪرڻ سان گڏ انهن جون نگهبان ۽ محافظ هونديون آهن. هنن وٽ انسان جا بنيادي حق، ايترائي مقدس ۽ محترم هوندا آهن، جيترا آسماني ڪتاب. آمريڪا جي هڪ سابق صدر جيفرسن چيو آهي تہ: "انسان جي بنيادي حقن کانسواءِ بي هر شيءِ قابلِ تبديل آهي ۽ ان ۾ ڦيرڦار ٿي سگهي ٿي." آزاد ملڪن جون اسيمبليون حقيقت ۾ انهيءَ اصول جون پابند هونديون آهن. اهڙين اسيمبلين جا ميمبر جڏهن ڏسندا آهن تہ سندن ووٽرن جي حقن سان هٿ چراند ٿي رهي آهي ۽ هو اُنهيءَ هٿ چراند کي روڪڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن، تہ هو هڪدم استعيفا ڏئي هليا ويندا آهن.

پاڪستان جي اسيمبليءَ جو انساني حقن جي باري ۾ جيڪو ڪردار رهيو آهي، اُن جي مدنظر آءٌ ان کي گُرڙپکيءَ سان

پيٽ ڪري سگھان ٿو. ننڍپڻ ۾ وڏڙن کان آکاڻين ۾ هڪڙي پکيءَ جي باري ۾ پڌندا هئاسون تہ اُهو شڪار نہ ملڻ جي حالت ۾ اڪيون پوري موٽي اچي پنهنجي ٻچن کي کائيندو آهي. اُن پکيءَ جو نالو گُرڙپکي آهي. بلڪل ساڳي حالت پاڪستان جي اسيمبليءَ جي آهي. هن پهرين مارشل لا کي جاري رکڻ تي راضي هئڻ ڪري جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي پوري تاريخ جي توهين ڪئي، پوءِ هن هڪ دستور ناهي، اُن ۾ اسان جي بنيادي حقن کي شامل ڪيو. پر اڳتي هلي انهن سيني حقن کي جيڪي سندن ئي مقرر ڪيل هئا، تن کي هڙپ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين سمورا بنيادي حق هنگامي حالتن ۽ آئين ۾ ترميمن جي صورت ۾ سندس پيٽ اندر پهچي ويا آهن.

هيءَ ڪيڏي نہ ستم ظريفي آهي، جو پاڪستان جو عوام پنهنجا نمائدا چونڊڻ واري ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين بنيادي حقن کان محروم آهي. هونئن تہ پاڪستاني عوام کي بنيادي حقن کان محروم ٿئي سترهن ورهيہ ٿيا آهن- يعني پاڪستان جي اوٽنيهن سالن جي تاريخ ۾ هتي جو عوام سترهن سال هنگامي حالتن (Emergency) جي لعنت هيٺ لتاڙبو رهيو آهي. خاص ڪري سنڌي عوام تہ ٻٽي مصيبت ۾ گرفتار رهيو آهي: مشهور فلاسفر **جان ڊيوي**، لکيو آهي: "جنهن جذبي کي آزاديءَ سان محبت جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، تنهن جو ٻيو نالو براين ۽ مشڪلاتن کان چوٽڪاري جي خواهش ۽ تمنا آهي.!"

آزادي ملڻ جي باوجود، جيڪڏهن براين ۽ مشڪلاتن کان عوام جو چوٽڪارو نہ ٿئي تہ پوءِ عوام جي دلين مان آزاديءَ سان محبت جو جذبو ختم ٿي ويندو آهي، ۽ اُن جذبي جي ختم ٿيڻ جي صورت ۾ عوام اهڙي نام نهاد آزاديءَ جي حفاظت لاءِ ڪڏهن بہ تيار ڪو نہ ٿيندو.

هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي تہ سنڌي عوام جي مشڪلات ۾ ڪيتري گهٽتائي ٿي آهي؟ ملڪ جي بجيٽ، فوج تي خرچ ٽيڻ کان پوءِ جيڪا بچي ٿي، سا چند وڻن شهرن جي خوبصورتيءَ ۽ حسن جي نکار لاءِ خرچ ٿئي ٿي. شهر سڀ، خاص ڪري وڏا شهر سڀ غير سنڌين جي قبضي ۾ آهن. سنڌي عوام پهراڙين جي ننڍڙن ڳوٺن ۾ رهي ٿو جتي هر سال سوين عورتون اسپتالن جي سهولت نہ هئڻ ڪري ويم وقت مريو وڃن. ساڳي حالت ننڍڙن ٻارن جي آهي. علاج جي پوري بندوبست نہ هئڻ ڪري 99 سيڪڙو سنڌي ماڻهو ٽي.بي، سائي، پرهل، نمونيا، نزلي، ڪنگهہ ۽ دم جهڙين ٻين هاڃيڪار بيمارين ۾ ورتل آهن. موسمن جي تبديليءَ کان بچاءُ نہ هئڻ، صاف پاڻي نہ ملڻ، پوري ۽ وقتائتي صحيح ڪاڏي نہ ملڻ ڪري سنڌي عوام هن ويهين صديءَ ۾ بہ پٺر واري دؤر جي انسان جي ڏيکائي ٿو ڏئي. سنڌ ۾ 70 سيڪڙو اهڙا خاندان آهن، جن کي پورو پُنو ڪاڏو نٿو ملي، ۽ نہ وري هنن کي سالم ڪپڙو ئي ميسر آهي. 95 (پنجانوي) سيڪڙو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تعليم جي سهولت کان محروم آهن. ٽر ۽ ڪوهستان جو تقريباً تيرهن لک عوام پاڻي، رستي، سواري، اسپتال ۽ روشنيءَ [ويندي گاسليٽ سان ٻرندڙ لالٽين يا بتيءَ] کان محروم آهي. انهن علائقن ۾ گرمين جي موسم ۾ ڪيترا ماڻهو بلائن، نانگن، وڇن ۽ لُنڊين جي ڏنگن وگهي يا تہ مريو وڃن يا وري معذور ٿيو پون. ٽر ۽ ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ هزارين اهڙا ماڻهو هن وقت بہ موجود آهن، جن اڃا تائين ريل گاڏي ڪا نہ ڏٺي آهي. سنڌ جي 85 سيڪڙو ماڻهن وٽ رهڻ لاءِ پورو گهر (اڇو) ڪونهي. انتظامي سرشتي جي بيڪاري ۽ اقتصادي ناهمواريءَ جي ڪري بيشمار معاشرتي برائين سان گڏ روزانہ قتل ۽ خونريزيءَ جي وارداتن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. سنڌ ۾ هر سال تقريباً پنجويهہ لک ٽن اناج پيدا ٿيڻ جي باوجود سنڌي ماڻهوءَ وٽ ڪاڏي لاءِ اناج ڪونهي ۽ هو

آمريڪي ڪٽڪ لاءِ پناهگير دوڪاندارن وٽ ڏڪا ڪائيندو رهي ٿو. سنڌ جي باغيرت ماڻهن جون هر روز ٽاڻن تي پوليس جا وحشي ڪارندا مڇون ۽ ڏاڙهي پٽڻ سان گڏ ڪين جانورن وانگر ماريندا رهن ٿا. پوري سرڪاري مشينري ۽ ملڪ جي پيداوار عوامي خدمت ۽ پلائيءَ جي بجاءِ هڪ شخص جي تعمير، ترقي ۽ پائداريءَ لاءِ استعمال ٿيندي رهي ٿي، جيڪو ماڻهو هڪ دفعو اقتدار جي ڪرسيءَ تي پهچي ٿو سو وري عوام جي پر گهور لهڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ نہ وري ڪرسي ڇڏڻ لاءِ آماده!

پاڪستاني حڪمرانن جي ڪرسيءَ سان چنبڙي پوڻ واري عادت کان عوام ايڏو تہ تنگ اچي چڪو آهي، جو هن اُن عادت جي متعلق انتهائي معنيٰ خيز لطيفا ٺاهڻ شروع ڪيا آهن. انهن مان هڪڙو لطيفو هيءُ آهي تہ:

"الله سائين، سيني ملڪن جي حاڪمن جي دعوت ڪئي، جڏهن سڀ حڪمران الله سائين وٽ حاضر ٿيا، تڏهن الله سائين پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي، هر هڪ سان هٿ ملايو پر پاڪستاني حڪمران سان هٿ ملائڻ وقت ڪرسيءَ تان اٿيو ئي ڪونہ، پر ويٺي ويٺي هٿ ملايائين. ملائڻ عرض ڪيو تہ 'اي پروردگار! اوهان اسلامي ملڪ جي هڪ باعزت ۽ مقبول حڪمران کي ويٺي ويٺي هٿ ڇو ڏنو؟' ڏٺي سڳوري فرمايو تہ 'اهو انڪري جو منهنجي اٺڻ سان هيءُ منهنجي ڪرسيءَ تي قبضو ڪري وٺي ها.'

هڪ طرف اها حالت آهي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي نوجوانن، اديبن، شاعرن ۽ شاگرد ليڈرن کي خريد ڪرڻ ۽ حڪمران پارٽيءَ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ترڪن، ٽريڪٽرن، بسن، سئنيمائن ۽ شراب جي ڳُٽن جون پرمٽون ۽ پلاٽ جيترا هن دؤر ۾ تقسيم ڪيا ويا آهن، اوترا شايد پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ تقسيم ڪو نہ ٿيا آهن! رشوتخوري، بدعنواني، سمگلنگ ۽ بلئڪ

ميلنگ جي لعنت جو هڪ طويل جلوس آهي، جنهن ۾ مرڪزي وزيرن کان وٺي شهر جي ڪنهن فرضي گهٽيءَ جي پارٽي چيئرمئن تائين هر هڪ شريڪ آهي. انهيءَ نموني سان سنڌي عوام جي معاشي، اقتصادي ۽ سياسي تباهيءَ سان گڏ اخلاقي تباهيءَ جو سامان گڏ ڪيو ويو آهي. مون انهن حالتن ۽ اُنهن جي پيدا ڪندڙن جي خلاف پنهنجي قلم سان جنگ ڪئي آهي، ۽ تہ اهڙين حالتن ۾ خاموش رهڻ منهنجي لاءِ ممڪن ئي ڪو نہ هو. جڏهن تہ سنڌي ماڻهوءَ جي اک مان ڪرندڙ هر ڳوڙهو منهنجي ڏيل لاءِ ڏنب آهي، سنڌي ماڻهوءَ جي اندر مان اُٽندڙ هر آهہ منهنجي دل لاءِ بڙچي آهي ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي وجود تي ٽيندڙ هر ظلم منهنجيءَ ذهن لاءِ ڪٽاريءَ جو وار آهي. مون پنهنجي ذهن، ضمير ۽ دل جي آواز تي لبيڪ چئي، اُنهن حالتن کي تبديل ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام کي اپيل ڪئي آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ هر محب سنڌ ماڻهوءَ جو فرض آهي تہ اهو حالتن جي تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪري. برطانوي مفڪر رَسَل چيو آهي تہ: "هر سچو اديب هميشہ جنگ جي حالت ۾ رهندو آهي." اُن ڪري مون بہ ظلم ۽ ناانصافيءَ جي خلاف اڄ ڏينهن تائين پنهنجي قلم ذريعي جنگ پئي ڪئي آهي ۽ آئيندي لاءِ ڪندو رهندس: ڇو تہ هڪ ڏينهن جي خاموشي ۽ مصلحت پسندي مون کي سچ جي مُناري کان لاهي، ڪوڙ جي دوزخ ۾ ڪيرائي ڇڏيندي ۽ آءٌ ڪوڙ جي دوزخ ۾ ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان.

جيڪڏهن پنهنجي عوام سان محبت ڪرڻ جرم آهي، جيڪڏهن کين شعور ۽ سجاڳي عطا ڪرڻ جرم آهي، جيڪڏهن ظلم ۽ ناانصافيءَ جي خلاف آواز بلند ڪرڻ جرم آهي، جيڪڏهن ڪوڙ جي آڙاهہ مان نڪري سچ جي روشنيءَ جو راهي بنجڻ جرم آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي اک جو ڳوڙهو اگهڻ

جرم آهي، تہ پوءِ آءٌ اقرار ٿو ڪريان تہ آءٌ مجرم آهيان، مون اِهو جرم ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس. اهڙي جرم ڪرڻ جي مون کي سُقراط کان برنارڊشا تائين دنيا جي هر سچي اديب هدايت ڪئي آهي. انهيءَ جرم ڪرڻ جو ڏس ۾ تلقين مون کي مخدوم بلاول جي گهاٽي ۾ ڪڙڪات ڪندڙ هڏين ڪئي آهي- ۽ آءٌ انهيءَ جرم کان صرف اُن ڪري باز رهان، جو ڪن حاڪمن جي پيشانين ۾ گهنج پون ٿا يا ڊِي. آر جا قلم 42-49 حرڪت ۾ اچن ٿا، اها ڳالهہ اڻ ٽيٽي آهي!

آءٌ اڳي عرض ڪري آيو آهيان تہ 1965ع جي پاڪ پارت جنگ وقت سلامتي ڪائونسل ۾ جناب پُٽي صاحب جي هڪ شاندار تقرير ڪيس عالمي شهرت ڏني ۽ اُن جي ذريعي پوري پاڪستان جي عوام جي ذهنن تي اهو تاثر ويهاريو ويو تہ خارجہ پاليسيءَ جي ميدان ۾ پُٽي صاحب جهڙو ماهر پوري دنيا اندر موجود ناهي. اسان جي سنڌ جي سادي ۽ سڀاجهي عوام تي پُٽي صاحب جي باري ۾ انهيءَ تاثر جادوءَ جو اثر ڪيو ۽ هو پنهنجي محڪومي، مظلومي ۽ صدين جي سورن ۽ ڏولائي جي ڏينهن جو علاج صرف پُٽي صاحب جي ذات ۽ شخصيت ۾ ڳولڻ لڳو.

پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ اُن جي خارجہ پاليسي، محڪوميءَ واري رهي هئي. پهرين 'ڪامنويلٿ' جي واسطي سان برطانيہ جي حڪم هيٺ ۽ اڳتي هلي جڏهن برطانوي شهنشاهيت جي اثر گهٽجڻ ڪري اُن جي جاءِ آمريڪي ڊالر والاري تہ پاڪستان جي خارجہ پاليسي آمريڪا جي حڪم هيٺ هلڻ لڳي. پُٽي صاحب جي نروار ٽيڙ سان عوام ۾ نيون اميدون ۽ جوش پيدا ٿيو تہ هيءُ ئي شخص آهي، جيڪو عالمي برادريءَ ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي باوقار مقام ۽ مرتبو ڏياري سگهي ٿو پر پيپلزپارٽيءَ جي اوسر کان وٺي هن وقت تائين جي تجربن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ پاڪستان

جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪهڙيون ۽ ڪيتريون تبديليون ڇو نہ آيون هجن، مگر هر تبديليءَ ۾ محڪومي ۽ زيردستيءَ وارو عنصر ضرور شامل رهيو آهي- ۽ پُٹو صاحب ميدان خِطابت جو ڪيترو ئي شهسوار ڇو نہ هجي، مگر پرڏيهي پاليسيءَ جي ميدان ۾ هو ايترو ۽ ايڏو شهسوار ناهي، جيترو ڪيس مشهور ڪيو ويو آهي. سڀ کان پهرين موجوده حڪمران پارٽي پرڏيهي معاملن ۾ پنهنجي ڪمزوري ۽ محڪوم مرعوب ذهنيت جو مظاهرو بنگلاديش کي دنيا طرفان تسليم ڪرڻ واري موقعي تي ڪيو. دنيا ۾ شايد پارت پهريون ملڪ هو جنهن بنگلاديش جي جنگ آزادي هلندي، ان کي تسليم ڪيو. نتيجي ۾ اُن وقت جي فوجي حڪمران جنرل يحييٰ پارت سان سفارتي ناتا ختم ڪري ڇڏيا.

هن موقعي تي آءٌ اها رام ڪهاڻي دهرائيندس تہ روس ۽ پارت جي وچ ۾ سن 1971ع واري معاهدي ۽ آخر ۾ پاڪستان جي اوپر واري حصي ۾ پارتي مداخلت جي سلسلي ۾ پاڪستاني حڪمرانن ۽ پيپلزپارٽيءَ جي قيادت جون عالمي صورت حال کي سمجهڻ جي باري ۾ ڪهڙيون غلطيون هيون.

7 ڊسمبر 1970ع جي عام چونڊن ۾ اوپر بنگال اندر اُتي جي قومپرست جماعت عوامي ليگ، قومي اسيمبليءَ جي ٻن سيٽن کان سواءِ سمورين سيٽن تي قبضو ڪري ورتو. پنجاب ۾ پ. پ واضح ۽ سنڌ ۾ معمولي اڪثريت حاصل ڪري سگهي. بلوچستان ۽ سرحد ۾ نعپ ۽ جميعت العلماءِ اسلام مجموعي طرح گهٽائيءَ ۾ چونڊجي ويون. هن وقت صورتحال اهڙي درجي تي وڃي بيٺي هئي، جو ملڪ جي قومي پارليامينٽ ۾ ٽن صوبن جي نمائندگي ڪندڙ پارٽيون، عوامي ليگ، نعپ ۽ جميعت العلماءِ اسلام پاڻيسري ملڪن سان دوستي رکڻ جون حامي هيون ۽ سامراجي ملڪن سان ڪيل فوجي معاهدن کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد

ڪندیون آیون هیون. صرف پیپلزپارٽي هڪ اهڙي جماعت هئي، جیکا پارت دشمنيءَ ۾ جماعت اسلامي، مسلم لیگ، پي. ڊي. پي ۽ چاپي چاپ مولوین سان ٻڌُ هئي. هتي هيءَ ڳالهه ظاهر هئي تہ پاڙيسري ملڪن جون همدردیون اهڙین جماعتن کي اقتدار ۾ ڏسڻ سان هیون، جن جي پالیسي ۽ پروگرام کي ڏسندي، اُنهن ملڪن کي یقین ویندل هو تہ اُهي پارٽیون اقتدار ۾ اچي ننديي کنڊ ۾ محاذ آرائيءَ جي پالیسین بجاءِ امن، پائیچاري، دوستي ۽ بقائي باهميءَ جي اصول ۽ رستي تي هلندیون.

ملڪ جي صورتحال اهڙي درجي ۽ دؤر ۾ داخل ٿي چڪي هئي، جنهن جي تقاضا هئي تہ هر مسئلي ۽ معاملي تي سنجیدگي دوراندیشي ۽ بردباريءَ کان ڪم ورتو وڃي، لیکن پیپلزپارٽي اهڙي حالت ۾ بہ قدم کنیا، جن اڳتي هلي ثابت ڪیو تہ پ پ جي انهن قدمن ۾ سنجیدگي تِر جیتري بہ ڪانہ هئي. انهن غیر سیاسي قدمن دنیا جي سیاست سان گڏ هن ننديي کنڊ جي نقشي ۾ اهم تبدیلیون آندیون.

پهریون واقعو پارتي جهاز گنگا جي اغوا وارو آهي. جهاز اغوا ڪندڙ ڪشمیري نوجوانن اشرف ۽ هاشم کي پیپلزپاٽيءَ جي چیئرمئن هار پارایا ۽ انهن جو استقبال ڪیو. پاڪستان جي هڪ مدبر سیاستدان ۽ ڪشمیري عوام جي پرجوش حامي جناب يُٽي طرفان ایڈي عزت افزائيءَ مان ڦوندجي، ٻنهي نوجوانن جهاز ساڙي ڇڏیو. انهيءَ واقعي جو پارت طرفان شدید ردعمل ظاهر ٿیو ۽ هن پنهنجي علائقي تان پاڪستاني جهازن جي پرواز بند ڪري ڇڏي ۽ اُن وقت جي اوپر پاڪستانَ، اولهه پاڪستان کان پوريءَ ريت ڪٽجي آخر ڪار بنگلادیش جو وجي روپ ورتو! ان وقت شیخ مجیب الرحمان اخباري بیان ۾ انهيءَ واقعي کي هڪ سازش قرار ڏنو هو ۽ اڳتي هلي اهو ثابت ٿیو تہ اها هڪ سازش هئي ۽

جهاز اغوا ڪندڙ ٻئي نوجوان گهٽو ڪري ايا تائين لاهور واري قلعي ۾ قيد آهن.

ٻنهي پاڪستاني حصن ۾ رابطي ۽ رستي ٽٽڻ کان پوءِ پيپلزپارٽيءَ هڪ ٻيو قدم کنيو جيڪو پهرئين قدم کان وڌيڪ هاڃيڪار ثابت ٿيو. پاڪستان جي اُن وقت جي سربراهه آغا يحييٰ خان، 3 مارچ 1971ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو اجلاس اوپر پاڪستان جي گاديءَ واري شهر ڍاڪا ۾ سڏايو چو ته بنگالين کي شڪايت هئي ته ملڪ جي اڪثريتي حصي اوپر پاڪستان کي نظرانداز ڪري مرڪزي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ اولهه پاڪستان ۾ مقرر ڪرڻ سان سموريون مرڪزي آفيسون اولهه پاڪستان ۾ اچي ويون آهن. قومي اسيمبليءَ جا به اڪثر اجلاس اولهه پاڪستان ۾ ٿيندا رهيا آهن. اُن ڪري ملڪ جي دولت جو اڪثر حصو اولهه پاڪستان ۾ خرچ ٿيندو رهيو آهي. اهو احساس بنگالين ۾ ايتري ته حد تائين وڌي ويو جو هڪ بنگالي شاعر اسلام آباد ۾ گهمندي چيو هو ته: "اسلام آباد جي رستن جي ڌامر مان مون کي بنگال جي سٽيءَ جي خوشبوءِ ٽي اچي." اُنهن بنيادن تي بنگالين جو مطالبو هو ته آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس ڍاڪا ۾ گهرايو وڃي. تنهن ڪري، يحييٰ خان اهو مطالبو مڃيندي، پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس ڍاڪا ۾ 23 مارچ 1971ع تي سڏايو. پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي رهنما انهيءَ تاريخ تي نه صرف اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو پر خيبر کان وٺي ڪراچيءَ تائين مڪمل هڙتال جي ڌمڪي ڏيڻ سان گڏ عورتن جي چونڊ جي بائڪاٽ جي ڌمڪي پڻ ڏني، ۽ اهو پڻ درڪو ڏنو ته: "جيڪو ميمبر انهيءَ اجلاس ۾ شريڪ ٿيندو تنهن جون ٽنگون ڀڃي چڏيندس- ۽ اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويندڙ ميمبر صرف هڪ طرف جي ٽڪيٽ وٺي وڃي، واپس اچڻ جي ڪوشش نه ڪري...!'

نتيجو اهو نِڪتو جو يحييٰ خان، پُٹي صاحب جي مؤقف کي تسليم ڪندي، اسيمبليءَ جو اجلاس اڻ ڄاڻايل مدي تائين محمل ڪري ڇڏيو.يحييٰ خان طرفان اهڙي قدم ڪڙڻ تي بنگالي عوام جو مڇرجڻ فطري ۽ ضروري هو. بنگالي عوام جي ڪاوڙ کي محبت ۽ صلح جوئيءَ جي ذريعي ختم ڪرڻ بجاءِ طاقت جي آڌار تي کين خاموش ڪرائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي، جنهن جي جواب ۾ بنگالي عوام جو تاريخي جوش پنهنجي انتها کي پهچي ويو. اُن جوش کي ويتر وڌائڻ ۽ عوام کي انتشار پسنديءَ جي رستي تي ڇڪڻ خاطر بنگالين جي ليڊر شيخ مجيب الرحمان کي گرفتار ڪيو ويو. هاڻي حالت هيءَ هئي، جو اوپر پاڪستان، اولهه پاڪستان کان مڪمل طرح ڪٽيل رهيو.

بنگالي عوام، اولهه پاڪستان جي سياستدانن ۽ حڪمرانن کان مڪمل باغي ٿي چڪو هو. بنگالي عوام کي ڪنٽرول ۾ رکڻ واري واحد طاقت شيخ مجيب الرحمان کي گرفتار ڪيو ويو هو. پاڪستان جي فوجي ڪارروائيءَ جي خلاف ۽ بنگالي عوام جي حمايت لاءِ پارٽي حڪومت آل انڊيا ريڊيو جا سڀ چئنل چالو ڪري ڇڏيا هئا.

هتي ٿورو ترسي، اسان کي مٿين واقعن جو تجزيو ڪرڻ گهرجي ۽ اُن تجزيي جي روشنيءَ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ۾ ليڊرشپ جي بالغ نظري ۽ سياسي دوراندیشيءَ کي پرکڻ گهرجي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته جهاز جي اغوا واري واقعي جو تعلق اسيمبليءَ جي اجلاس جي بائڪاٽ ۽ اُن مان نڪرندڙ نتيجن سان سڌيءَ طرح لاڳاپيل آهي. جهاز واري واقعي جي ذريعي اوپر پاڪستان کي اولهه پاڪستان کان ڪٽرائي، پارٽ جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو. بائڪاٽ واري واقعي جي وسيلي بنگالين کي احتجاج جي رستي وٺڻ جو موقعو ڏنو ويو ۽ جڏهن بنگالين احتجاج جو رستو اختيار

ڪيو تڏهن متن تشدد ڪري هندوستان کي بنگالين جي مظلومي ۽ پاڪستاني فوج جي ظلمن جي باري ۾ عالمي راءِ کي متاثر ڪرڻ لاءِ پروپئگنڊا جو وجهه ڏنو ويو. پارت جي پروپئگنڊا ۽ بنگالين جو تاريخي جوش انتها کي پهتو ته اُن وقت شيخ مجيب الرحمان کي گرفتار ڪري پارت جي مداخلت جو پرپور موقعو ڏنو ويو. اهڙيءَ ريت 1947ع واري پاڪستان کي 1971ع ۾ ختم ڪيو ويو.

واقعن کي انهيءَ ترتيب ڏيڻ سان هڪ باشعور غير جانبدار ماڻهو به ائين سوچڻ لاءِ لاچار ۽ مجبور ٿيندو ته پاڪستان کي ختم ڪرڻ جي باقائدي هڪ منظم سازش تيار ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ بين ڪانسواءِ پاڪستان پيپلزپارٽي به پوريءَ ريت شريڪ رهي آهي. ان جو ثبوت ۽ دليل جو بنياد هي سوال آهن:

(1) يحييٰ خان، اڪثريتي پارٽيءَ جي ليڊر جي مقابلي ۾ اقليتي پارٽيءَ جي ليڊر جي مطالبي کي ڪهڙي بنياد تي منظور ڪري نفرت جي باهه ۾ ڌڪائي.؟

(2) پيپلزپارٽيءَ، اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ کان ڇو انڪار ڪيو؟

(3) بنگال ۾ فوجي ڪارروائيءَ جي مخالفت ڪرڻ بجاءِ پيپلزپارٽيءَ جي ذهين ليڊر ان جي حمايت ڪري ڪهڙي آڌار تي چيو هو ته: "خدا جو شڪر آهي جو ملڪ بچي ويو؟"

اِهي اهڙا سوال آهن، جن جو جواب ايندڙ وقت ئي ڏئي سگهي ٿو! آءٌ پيپلزپارٽيءَ جي ليڊر جي ايمانداري ۽ ديانتداريءَ تي اعتماد ڪندي ائين نٿو چئي سگهان ته هو صاحب، ملڪ کي ختم ڪرڻ واري مڪروهه سازش ۾ شريڪ هو البت ايترو ضرور چوندس ته هيءَ (عظيم ليڊر) حالتن جي صحيح تجزئي ڪرڻ ۾ غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويو. اهو آءٌ اُن ڪري چئي رهيو آهيان، جو مون وٽ ڪالهه جي غداريءَ کان ڪالهه جي غلط فهمي يا اڻ ڄاڻائي بهرحال بهتر آهي- ۽ اسان پنهنجي

مخالف کي ايتري رعايت ضرور ڏئي سگھون ٿا ۽ ايتري ئي رعايت جي پنھنجي لاءِ پڻ توقع رکون ٿا. بھرحال ھو انھي غلط فھميءَ جو شڪار ٿي ويو تہ پاڪستاني فوج ست ڪروڙ بنگالي عوام جي جذبن تي ڪنٽرول ڪري ونڊي. ٻيو تہ پارت، چين جي خوف کان بنگال ۾ سڌي مداخلت ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري سگھندو: ڇو تہ 1965ع واري جنگ ۾ ھندوستان، چيني التيميٽم جي ڪري اوپر واري سرحد تي جنگ کا نہ ڇيڙي ھئي. ساڳي صورتحال ھن وقت بہ پيش ايندي. جيئن تہ پاڪستاني فوج، ھڪدم ڪنٽرول ڪري ونڊي. اُن ڪري ڏکھي عرصي تائين پارتي پروپئگنڈا جو موقعو نہ ملي سگھندو!

جيتريقدر مون سوچيو آھي تہ اُن جي بنياد تي اھڙي تجزيي ڪرڻ ۾ ھي 'محب پاڪستان ليڈر' شديد غلط فھميءَ جو شڪار ٿي ويو ھو. چاڪاڻ تہ 7 ڪروڙ عوام تي ڪنٽرول ڪرڻ کا معمولي ڳالھ کا نہ ھئي. خاص ڪري گوريلا جنگ ۾ صرف 25 ماڻھن جو ھڪ معمولي دستو بہ جاگرافيائي حالتن جي سازگاريءَ ۾ يارھن مھينا ھڪ منظم فوج سان چڪريون کائي سگھي ٿو ۽ موجوده دور جي آزادي جي تحريڪن ۾ اھڙين چڪرين جا ڪيئي مثال موجود آھن. 1965ع واري جنگ ۾ پارت، اوپر پاڪستان تي حملو ڇو نہ ڪيو؟ اُن ۾ چين جي التيميٽم جي خوف جي کا بہ ڳالھ کا نہ ھئي. بلڪ اھا خود پارت جي ھڪڙي جنگي حڪمت عملي ھئي، جنھن ۾ ھن ڪيترائي فائدا ڏٺا ٿي:

(1) جنرل چوڌري جو پلان ھو تہ ڪشمير کان ننگرپارڪر تائين جنگ جو ڏکھو محاذ کولي. پاڪستان جي ننڍي فوج کي منتشر ڪيو وڃي. اھڙو مظاھرو ھن ڪري ڏيکاريو. اوپر پاڪستان تي حملي ڪرڻ واري صورت ۾ پارت جي فوج ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي وڃي ھا ۽ ھو ايڏو ڏکھو محاذ کولي نہ سگھي ھا.

(2) مشهور جرمن جرنيل روميل جو چوڻ آهي تہ ننديي ملڪ کي هميشہ دفاعي جنگ وڙهڻ تي مجبور ڪيو ويو. حملي ڪرڻ جو ڪو بہ موقعو ننديي ملڪ کي مليو تہ اهو هن جي فائدي ۾ ويندو. ٻين لفظن ۾ ننديي ملڪ لاءِ جنرل روميل جي خيال ۾ حملي واري جنگ مفيد ۽ دفاعي جنگ نقصانڪار آهي. پارتي ماهرن جي نظر ۾ اوپر پاڪستان جي سرحد تي جنگ ۾ پارتي فوج کي مصروف رکڻ سان اڳلهہ سرحد واري تي پاڪستان جي پوزيشن حملي واري جنگ ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ هندوستاني فوج ننديي ملڪ جي بهترين فوج جي حملي کي روڪڻ ۾ ناڪام ويندي اهڙيءَ صورتحال ۾ نہ صرف هن کي ڪشمير کان هٿ ڌوئڻا پون ها، پر ڪيترو اوپر پنجابُ بہ سندس هٿ مان نڪري ويڃي ها.

(3) پارت، اوپر پاڪستان تي حملو نہ ڪري، عوام جون همدرديون حاصل ڪرڻ ٿي چاهيون، اُن ۾ هو ڪافي حد تائين ڪامياب ويو. انهيءَ سبب ڪانسواءِ چيني حڪومت اُن وقت اهڙي حالتن ۾ گرفتار ٿي چڪي هئي، جو هوءَ پاڪستان جي ڪا بہ مدد ڪري نٿي سگهي. پهرين ڳالهہ هيءَ تہ قومي آزادي جي تحريڪن جي مدد ۽ حمايت لينن ازم جي پهرين ڪڙي آهي. 1965ع واري جنگ ۾ جيڪڏهن چيني حڪومت پاڪستان جي مدد ڪئي هئي، سا بہ اُنهيءَ بنياد تي تہ هو ڪشميرين جي قومي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيو هو. 1971ع ۾ اصولي طرح هن کي بنگال جي جدوجهد جي حمايت ڪرڻي هئي، جيڪا هو ڪري نہ سگهيو ۽ هن کي لاچار خاموش ويهڻو پيو جنهن ڳالهہ تي هن عمل ڪري ڏيکاريو. اگرچہ چيني ليڊر شپ بنگلاديش جي تحريڪ وقت يحييٰ خان کي هڪ خط لکي، هر طرح جي مدد جو واعدو ڪيو هو پر اهو واعدو هُو عملي طرح مؤثر نموني پورو ڪري نہ سگهيا. اُن جا بہ وڏا سبب هئا: پهريون چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ اثرائتي انداز ۾ اهڙا ماڻهو موجود هئا، جيڪي روسي پاليسيءَ جا حامي ۽

ليوشائوچيءَ جا پوئلڳ هئا. سي بنگلاديش جي تحريڪ آزاديءَ جا دل و جان سان حامي هئا. جيتوڻيڪ هو اهڙي پوزيشن ۾ نہ هئا. جو مائوزيننگ ۽ چواين لاءِ جهڙن فولادي شخصيتن جي مقابلي ۾ ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ کي بدلائي سگهن. تاهم انهن جي اهڙي حيثيت ضرور هئي. جو چين جي بنگلاديش جي تحريڪ آزاديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي حمايت ۾ سڌي مداخلت واري صورت ۾ ملڪ اندر گڙبڙ پيدا ڪري سگهن.

چين طرفان پاڪستان جي تائيد ۾ پارت جي خلاف جنگ جي ڌمڪي نہ ڏيڻ جو هڪ ٻيو وڏو سبب آهي. جنهن جا ذميوار پاڪستاني حڪمران ۽ سياستدان آهن. ٽيو هينئن جو 1971ع ۾ پاڪستان جي معرفت آمريڪي يهودي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر هينري ڪسينجر. چين جو دورو ڪيو. انهيءَ دوري جو مقصد آمريڪي چيني لاڳاپن کي سڌارڻ سان گڏ ايشيائي اجتماعي سلامتيءَ جي روسي منصوبي کي ختم ڪرڻ ۽ اُن جي راهہ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ هو. هن وقت آءٌ اُن منصوبي جي تفصيلات ۾ ويڙهڻ نٿو چاهيان. البت ايترو چوندس تہ اُن منصوبي مان روسي ليڊرن جو وڏو مقصد هو ايشيا مان آمريڪا ۽ ٻين سرمائيدارن جو اثر رسوخ ختم ڪرڻ. روس جي چوڻ مطابق انهيءَ منصوبي تي عملدرآمد سبب ايشيا ۾ دائمي امن ٽيڻ جي ضمانت ملي ويندي. ۽ هن ننڍي کنڊ (برصغير) ۾ تڪرار نبيرڻ جو ذريعو بندوق جي بجاءِ ميز ٽيندي. ۽ جنگ جي صورت ۾ جَارح ۽ حملي آور ملڪ کي ايشيائي ملڪن جي اخلاقي. سياسي ۽ مادي مدد کان محروم ٽيڻو پوندو. ايشيا جا سڀ ملڪ هڪ اهڙي معاهدي ۾ شريڪ ٿي ويندا. جهڙيءَ ريت اوپر يورپ جا ڪميونسٽ ملڪ 'وارسا پيڪٽ' ۾ شريڪ ٽيل آهن. روس خود بہ اجتماعي سلامتيءَ واري منصوبي ۾ شريڪ هوندو. جيتوڻيڪ ان جو

دارالحڪومت يورپ ۾ آهي. اهڙي معاهدي ۾ منصوبي جي موجودگيءَ ۾ ڪو به ملڪ ٻئي ملڪ جي اندروني سلامتيءَ جي خلاف قدم کڻي نہ سگهندو. انهيءَ منصوبي مان ٽي ڏريون ناراض هيون ۾ آهن:

1. سرمائيدار ملڪ (Capitalist countries) جن کي فڪر آهي تہ اهڙي منصوبي جي موجودگيءَ ۾ ايشيا ۾ سندن هٿيارن جي منڊي بند ٿي ويندي.
2. چين، جنهن جو چوڻ آهي تہ اُهو منصوبو چين کي گهيري ۾ وٺڻ لاءِ هڪ چال آهي. جيتوڻيڪ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي (ان وقت) جنرل سيڪريٽري جناب برزنيف چين کي به اُن منصوبي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي، پر چين، جيئن تہ ايشيا جي امامت جا فرائض سنڀالڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي، سو اهڙي منصوبي ۾ شريڪ ٿيڻ يا اُن جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن جي اڳواڻي يا پيشڪش روس ڪري.
3. ايشيا جي ڏار ڏار ملڪن ۾ هلندڙ آزادي ۾ سوشلزم جي تحريڪن جا رهنما، جن کي خوف آهي تہ اهڙي منصوبي جي موجودگيءَ ۾ ڪو به پاڙيسري ترقي پسند سندن مدد نہ ڪندو ۾ اڄ جي دؤر ۾ آزادي يا سوشلزم جي تحريڪ پاڙيسري ملڪن جي سياسي، اخلاقي ۾ مادي مدد ڪانسواءِ ڪامياب ٿي نٿي سگهي.

منهنجي خيال ۾ اهڙن ماڻهن جي ڊپ جو ڪو به جواز ڪونهي، ڇو تہ اڄ تائين روس جي بقاءِ باهميءَ واري اصول دنيا ۾ ڪٿي به ترقي پسند تحريڪن کي بي يارو مددگار نہ ڇڏيو آهي ۾ نہ آئيندہ ڇڏڻ جو انديشو آهي.

بهرحال آمريڪا ۾ چين پاڻ ۾ ناهہ ڪري پنهنجي پنهنجي مفاد خاطر سندن زير اثر ايشيائي مُلڪن، مثال طور: ملائيشيا،

انڊونيشيا، ايران، پاڪستان، سعودي عربيا، وغيره کي اُن منصوبي جي خلاف استعمال ڪرڻ ٽي گهريو.

ڊاڪٽر ڪسينجر جي روانگيءَ جي عام پاڪستانين مان ڪنهن کي به خبر ڪا نہ هئي، البت چين ۾ پهچڻ کان پوءِ بي بي سي جي ذريعي پوري دنيا سان گڏ عام پاڪستانين کي به خبر پئي تہ ڊاڪٽر ڪسينجر، ڏکڻ ايشيا جي هڪ ملڪ (پاڪستان) جي معرفت چين پهتو آهي. اُنهيءَ واقعي روس لاءِ موقعو موجود ڪري ڏنو تہ هو پاڪستان کي اُنهيءَ حرڪت جو مزو چکائي، تنهن ڪري هن هڪدم پارت سان (امن جو) معاهدو ڪري، پارت کي بنگلاديش جي آزاديءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو.

روس جي ڪاوڙ جو هڪڙو سبب ٻيو به هو. اُهو هيءُ تہ جڏهن بنگال ۾ فوجي ڪارروائي شروع ٿي هئي، اُن وقت روس جي صدر جنرل يحييٰ کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ فوجي ڪارروائي بند ڪري، اقتدار عوامي نمائندن جي حوالي ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. جنرل يحييٰ خان، روسي صدر کي جيڪو جواب ڏنو تنهن جو نتيجو بهرحال سفارتي آداب جي خلاف هو.

پارت سان معاهدي ڪرڻ شرط روس پنهنجي فوج جو وڏو حصو چيني سرحد تي جمع ڪري ڇڏيو تہ جيئن چين پارت خلاف ڪو به قدم کڻي نہ سگهي. انهيءَ معاهدي سان گڏ روس-پارت جي وچ ۾ بنگلاديش جي مڪمل آزاديءَ لاءِ هڪ ٻيو منصوبو به تيار ٿيو جنهن مطابق بنگلاديش جي مڪمل آزاديءَ لاءِ پارت کي هڪ مهيني جي موڪل ڏني ۽ يقين ڏياريو تہ هڪ مهيني تائين سلامتي ڪائونسل ۾ غير مشروط جنگ بنديءَ جي ڪا به قرارداد منظور ٿيڻ نہ ڏني ويندي. اِهو ئي سبب آهي جو غير مشروط جنگ بنديءَ جي هر قرارداد کي روس ويٽو (Veto) ڪندو رهيو ۽ هڪ مهيني بجاءِ تيرهن ڏينهن اندر پارتي فوجون، مسجدن جي شهر ڊاڪا ۾ داخل ٿي ويون ۽ جنرل نيازيءَ هٿيار ڦٽا

ڪيا. اِها سورهين ڊسمبر جي تاريخ هئي، اُن کان هڪڙو ٻہ ڏينهن اڳ ۾ پاڪستان کي متحد رکڻ لاءِ اوپر يورپ جي هڪڙي ننڍڙي ڪميونسٽ ملڪ پولينڊ آخري ڪوشش طور سلامتي ڪائونسل ۾ غير مشروط جنگ بنديءَ جي قرارداد پيش ڪئي، جنهن کي هن فخرِ ايشيا، ذوالفقار علي ڀٽي، جيڪو جنگ شروع ٿيڻ شرط يحييٰ جي ڪابينا ۾ نائب وزير اعظم ۽ پرڏيهي وزير بنجي، سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان جي نمائندگيءَ لاءِ پهچي چڪو هو. ڪاوڙ مان ڦاڙي پاڪستان جي نقشي کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو ۽ هندوستاني پرڏيهي وزير سردار سورن سنگهہ، کي گاريون ڏئي اجلاس مان هليو ويو. اُنهن گارين جي جواب ۾ سورن سنگهہ، صرف ايترو چيو تہ: "ڀٽو صاحب، شايد 'پاڪستان جي قومي زبان' استعمال ڪري رهيو آهي، تنهن ڪري اُن لاءِ مون کي افسوس ڪونهي."

انهيءَ پوري عرصي ۾ پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمئن، يحييٰ خان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي کا ٻہ مخالفت کا نہ ڪئي. هن روسي صدر کي ڏنل جواب تي ڪو ٻہ اعتراض ڪو نہ ڪيو. هن ڊاڪٽر ڪسينجر جي دؤري لاءِ پاڪستاني حڪومت جي اِنتظام تي ڪو ٻہ تبصرو نہ ڪيو. هن 'رباط ڪانفرنس' مان يحييٰ خان جي واڪ آئوٽ تي ڪو ٻہ تبصرو نہ ڪيو. هن پارٽي پروپئگنڊا کي منهن ڏيڻ جي باري ۾ يحييٰ خان جي سرد مهريءَ تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪو نہ ڪيو. هن روس- پارٽ معاهدي جو پاڪستان لاءِ نعم البدل تلاش نہ ڪرڻ تي يحيي خان جي کا ٻہ ملامت کا نہ ڪئي. اُن مان معلوم ائين ٿو ٿئي تہ هُو يحيي خان جي پرڏيهي پاليسيءَ مان مطمئن هو ۽ آخر ۾ هن پولينڊ جي قرارداد کي ڦاڙي، پنهنجي سموري همہ دانيءَ جو پردو چاڪ ڪري ڇڏيو. انهيءَ قرارداد ڦاڙڻ مان پاڪستان جي سلامتيءَ کي ڪهڙي هٿي ملي ٿي، آءٌ اڄ ڏينهن تائين اِنهيءَ راز کي سمجهي ڪو نہ سگهيو

آهيان. مون کي پڪ آهي تہ اسان جو فخر۔ ايشيا بہ اِن نتيجي کان بي خبر هو.

انهيءَ پوري عرصي ۾ پاڪستان جا بہ گهرا دوست آمريڪا ۽ چين، جن کي ملائڻ خاطر پاڪستان جهڙي جيتامڙي ملڪ تي هيڏي مصيبت ڪڙڪي هئي، سي بہ پاڪستان جي ڪا بہ مدد ڪري نہ سگهيا، ۽ پاڪستان يتيم ٻار وانگر مار کائيندو رهيو.

رت اڏيءَ تان اُڏيو... ڏيهہ ڏسندو رهيو!

پُٽي صاحب پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ چين سان دوستيءَ واري ڪارنامي کي يادگار بنائي پيش ڪيو آهي. سوال آهي تہ اُهو ڪهڙي مدد ڪري سگهيو ۽ هن پاڪستان کي بچائڻ خاطر ڪهڙو مؤثر ڪردار ادا ڪيو؟

جيڪڏهن اُن جي باري ۾ چيو وڃي تہ هن فوجي آمرن جي ڪري مدد نہ ڪئي تہ پوءِ پُڇي سگهجي ٿو تہ 1965ع ۾ ايوب خان بہ تہ فوجي آمر هو. جيڪڏهن چيو وڃي تہ چين جي دوستي پُٽي صاحب جي ڪري هئي ۽ اُهو جيئن تہ اقتدار ۾ نہ هو، ان ڪري چين مؤثر ڪردار ادا نہ ڪيو تنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ پهرين ڳالهہ تہ ملڪن جا لاڳاپا ۽ تعلقات هڪ شخص سان نہ، پر اُنهن جي پاليسيءَ سان ڳنڍيل هوندا آهن، پر فرض ڪجي تہ پُٽو صاحب چين لاءِ ائين هو جيئن شيخ مجيب الرحمان، پارت لاءِ، تڏهن بہ پٽو صاحب جنگ وارا تيرهن ڏينهن تہ ملڪ جي اقتدار ۾ شريڪ هو ۽ ايتري ٿوري عرصي ۾ بہ چين جي فوجي مداخلت حالتن ۾ وڏي تبديلي آڻي چڏي ها. اهڙي قسم جي مداخلت سان وڏ ۾ وڏ مهاياري لڙائي چڙڻ جا امڪان هئا ۽ مائوزيتنگ جي نقطئہ نظر موجب ٽين مهاياري لڙائي، سامراج جو مڪمل خاتمو ڪري، دائمي اَمن قائم ڪري چڏيندي ۽ اُها اِنسان ذات لاءِ بهرحال بهتري ۽ پلائي ڪٽي ايندي. اُن ڪري چين جو مهاياري لڙائيءَ کان خوف

کائڻ ۾ سمجھ ۾ اچڻ جھڙي ڳالھ ناھي. بھرحال پُٽي صاحب جي ايوب خان واري دؤر ۾ تشڪيل ڏنل خارجہ پاليسي پاڪستان کي متحد رکڻ ۾ 1971ع ۾ ناڪام وئي.

20 ڊسمبر 1971ع تي پُٽي صاحب ملڪ جي صدر ۽ مارشل لا ايڈمنسٽريٽر جو عھدو سنياليو. انھيءَ ڏينھن کان 'قائد عوام' جي نئين ملڪ لاءِ پرڏيھي پاليسيءَ جو آغاز ٿيو جيڪا اڄ ڏينھن ھلندي اچي ٿي.

ھاڻي اسان کي نئين پاليسيءَ جي ڪاميابي ۽ ناڪاميابيءَ جو جائزو ونڊو آھي:

پٽي صاحب جي اچڻ شرط ڪميونسٽ ملڪ پولينڊ، بنگلاديش کي تسليم ڪيو پٽي صاحب، اِھو ساڳيو يحيي خان وارو نسخو استعمال ڪيو يعني جھڙيءَ ريت بنگلاديش کي تسليم ڪرڻ سبب يحييٰ خان، پارت سان سفارتي ناتا ٽوڙيا ھئا، اھڙيءَ ريت پُٽي صاحب، پولينڊ سان سفارتي ناتا ٽوڙي ڇڏيا. ھڪدم پوءِ ھنگري، بلغاريہ، چيڪو سلوا ڪيا ۽ اوپر جرمنيءَ، بنگلاديش کي تسليم ڪيو ۽ پُٽي صاحب، يحييٰ خان جي سنت تي عمل جاري رکيو. [ھو ڪو بہ ٻيو رستو تلاش ڪري نہ سگھيو.]

اِھا حالت ڏسي روس بہ بنگلاديش کي ھڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جي حيثيت ۾ تسليم ڪري ورتو. پاڪستان لاءِ اھو مقام انتھائي آزمائش وارو ھو. اتي پاڪستان جي خودداريءَ ۽ غيرت جو عملي مظاھرو ٿيڻ وارو ھو ليڪن حيرت جھڙي ڳالھ آھي تہ پٽي صاحب سفارتي ناتا ٽوڙڻ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو ۽ جيڪا پاليسي شروع ڪئي ھئائين، اُن جي متعلق واضح ٿي ويو تہ اُھا سوچيل سمجھيل ڪا نہ ھئي، چو تہ پٽي صاحب کي اڳ ۾ معلوم ھئڻ ڪپندو ھو تہ اوپر يورپ جي ڪميونسٽ ملڪن طرفان بنگلاديش جو تسليم ٿيڻ معنيٰ روس جي مرضي ۽ خوشي، اُن ڪري اُنھن ملڪن سان سفارتي

ناتن ٽوڙڻ واري پاليسي روس جي باري ۾ ڪهڙو رنگ اختيار ڪندي. بهرحال پُٽي صاحب جي پاليسيءَ ۾ تبديلي دنيا تي واضح ڪري ڇڏيو تہ پاڪستان جو مثال اُن ماڻهوءَ وانگر آهي، جنهن جي ڪاوڙ هيٺي تان لهندي ڪانهي ۽ ڏاڍي تي ڪاوڙ ايندي ڪانهي. اُتان ڪان پاڪستان جي خارجہ پاليسي پراڻو محڪوميت ۽ زيردستيءَ وارو ڍنگ اختيار ڪيو. هي انتهائي حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ ايشيا جو تمام پوئتي پيل ملڪ پارت، جنهن کي عالمي اخبارون بکين ۽ اگهاڙن جو ديش ڪري لکن ٿيون، اُن جو حوصلو هي آهي، جو آمريڪي ستين آرماڙ جي هندي وڏي سمنڊ ڏانهن وڌڻ جي خبر ٻڌي چوي ٿو تہ: 'جيڪڏهن آمريڪي آرماڙ اسان جي ديش جي ڪنهن بہ حصي ۾ هٿ چراند ڪئي تہ اُن کي هندي مهاساگر ۾ ٻوڙيو ويندو ۽ اُن جو حشر اهو ساڳيو ٿيندو جيڪو پاڪستاني آبدوز غازيءَ جو ٿيو آهي.' ٻئي طرف آمريڪا، چين، عالم اسلام، آر. سي. ڊي ۽ ڪميونسٽ دنيا جي خلاف عالمي غنڊي گرديءَ جي اداري سينٽو جي سرگرم ميمبر پاڪستان جي اها حالت آهي، جو صرف هڪ عالمي طاقت طرفان بنگلاديش جي منظوريءَ جي اعلان شرط پنهنجي طئہ ٿيل پاليسيءَ کي تبديل ڪري ڇڏي ٿو. پاڪستان جي اها مرعوب ذهنيت واري ئي روش هئي، جنهن صدر پاڪستان پُٽي صاحب جي روس واري دؤري وقت روسي وزيراعظم کي اهو چوڻ جو موقعو ڏنو تہ "جيڪڏهن پاڪستان سامراجي ملڪن جي اشارن تي برصغير جي ڪنهن ترقي پسند آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪچلڻ چاهيو تہ اسان جو اُن باري ۾ اهو ئي رويو هوندو جيڪو بنگلاديش جي تحريڪ آزاديءَ وقت رهيو آهي." اها تقرير پاڪستاني اخبارن مان صرف هفتيوار 'چٽان' جي ايڊيٽر مرحوم شورش ڪاشميريءَ، پنهنجي رسالي ۾ نقل ڪري، اُن تي ايڊيٽوريل لکيو هو.

پُٹي صاحب جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ پهريون حقيقت پسندانہ قدم شملي وارو سمجهوتو آهي. هن کان اڳ ۾ پاڪستان جي حالت اُن ماڻهوءَ وانگر هوندي هئي، جيڪو ڪن لوفرن جي چوڻ ۾ ٽيڪرون ڏيڻ تي پاڙي وارن سان ڦٽائي. پري دوستيون ۽ لاڳاپا قائم ڪري. نتيجي طور اهڙي ماڻهوءَ جي موت تي نہ پري وارا پهچي سگهندا آهن ۽ نہ وري پاڙي وارا ئي ڪفن دفن لاءِ تيار ٽيندا آهن.

شملہ ناهہ کي ڏيڻ ونڊ جي اصول تي ڏسڻ ئي غلط آهي. ليڪن پيپلزپارٽيءَ وارن اُن سمجهوتي جي ذريعي پاڪستاني عوام تي 'قائد عوام' جو ناقابل فراموش احسان ڄاڻائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ پُٹي صاحب هندوستان وٽ والاريل علائقا ۽ جنگي قيدي واپس ونڻ دنيا ۾ رڪارڊ قائم ڪيو آهي. انهيءَ پروپئگنڈا لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ جنگي قيدي 'جنيوا ڪانفرنس' جي اصول مطابق بهرحال آزاد ٽيٽا هئا. باقي والاريل علائقن تي دائمي قبضو صرف اسرائيل جو ڪم آهي ۽ هندوستان، بهرحال اسرائيل ناهي. تاهم ايترو ضرور مڃڻو پوندو تہ پُٹي صاحب حقيقت کي سمجهي تاشقند واري پوزيشن ڏانهن موڙڻ ۾ ڪا هيڪ محسوس نہ ڪئي. اها سندس اخلاقي جرئت آهي. هيءَ ڪا گهٽ ڳالهہ ڪانهي، جو هزار سالن تائين جنگ جا اعلان ڪرڻ وارو شخص، اڄ معاهدن جي رستي تي هلڻ لڳو هو. ڇو تہ جڏهن تصوراتي شيشا حقيقت جي پهاڙ سان ٽڪرائبا آهن، تڏهن ائين ئي ٽيندو آهي.

پاڪ ـ عرب تعلقات

پٹي صاحب جي عربن سان دوستيءَ کي بہ وڏي اهميت ڏني پئي وڃي. حالانڪ گاهي ماهي ڪن خوشحال عرب رياستن جا شيخ پاڪستان اچي [مختلف شڪار ڪري] ڪنهن مسجد، اسپتال، مسافر خاني ۽ کوهہ کوٽائڻ لاءِ چندو چاڙي ڏئي ويندا

آهن. يا ٻوڏن ۾ زلزلن ۾ تباهہ ٿيل پاڪستانين لاءِ تيل جي زڪوات بہ موڪلي ڇڏيندا آهن. باقي جيستائين قابل ذڪر عرب حڪومتن جو تعلق آهي، تن اڄ ڏينهن تائين پُٽي صاحب جي دوستيءَ واري هٿ کي شيواجيءَ وارو هٿ پئي سمجهيو آهي. اُن ۾ عربن کان وڌيڪ موجوده پرڏيهي پاليسي هلائيندڙن جو قصور آهي ۽ عربن کي شڪ ڪرڻ لاءِ واجبي سبب آهن.

حقيقت هيءَ آهي تہ ايوب خان جي وقت ۾ ايران، ترڪي ۽ پاڪستان وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو هو جنهن کي آر. سي. ڊي (R.C.D) جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. اُن معاهدي کان گهٽو اڳ ايران ۽ ترڪي، عربن جي وڏي دشمن اسرائيل کي نہ رڳو تسليم ڪري چڪا هئا، پر اُن سان واپاري ڏيتي ليتي بہ شروع ڪري ڏني هئائون، تنهن ڪري عربن جي نظر ۾ اهي ٻئي ملڪ آمريڪا جي دِلي جي ميڃيءَ جي حيثيت رکندڙ هئا. جڏهن پاڪستان اُنهن ملڪن سان هڪ ٻئي معاهدي (سينٽو معاهدي ۾ اڳئي شريڪ هو) ۾ شريڪ ٿيو، تڏهن عربن جي دلين ۾ پاڪستان لاءِ رهيل ڇڳهہ بہ ختم ٿي وئي. اِهو ئي سبب آهي جو 1965ع توڙي 1971ع وارين جنگين ۾ زياده تر عرب جمهوريتن جو رويو پاڪستان جي باري ۾ سرد مهريءَ وارو رهيو. هاڻي 'پُٽي صاحب' ان معاهدي ۾ نئين جان هڪ طرف وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ عرب دنيا سان لاڳاپن وڌائڻ جي ڪوشش ٻئي طرف. پر عرب ملڪ، پاڪستان جي اهڙي دوستي قبول ڪرڻ لاءِ آتا نظر ڪو نہ ٿا اچن. پاڪستان جي باري ۾ عربن جي شڪ جو ٻيو سبب هڪ وڏو واقعو ۽ اُن متعلق پاڪستان جي پاليسي آهي. عربن جڏهن تيل تي بندش وڌي، اُن وقت آمريڪي صدر ۽ پرڏيهي وزير عربن کي مختلف ڌمڪين سان گڏ تيل جي چشمن تي قبضي ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني هئي. اُن ڌمڪيءَ جي جواب ۾ سعودي عرب جي حڪمران (مرحوم) شاهہ فيصل چيو هو تہ: "تيل تي قبضي

ٽيڻ کان اڳ ۾ اسان تيل جي چشمن کي ختم ڪري ڇڏيندا سين.“
تيل جي چشمن تي قبضي لاءِ سينٽو جي ڪن ميمبر ملڪن جو هوائي ٻيڙو بہ تيار ٿي چڪو هو ۽ هوڏانهن سعودي عرب تيل جي چشمن تي تباهہ ڪندڙ هٿيار بہ فٽ ڪري ڇڏيا هئا. اهو وقت عربن لاءِ موت ۽ زندگيءَ جي چونڊ جو وقت هو. هنن باعزت موت کي ترجيح ڏيڻ پسند ڪيو. اڄتي هلي انهن ڏمڪين ۽ جوابي ڏمڪين عملي صورت چو نہ اختيار ڪئي. سا ڳالهہ منهنجي مقصد کان ٻاهر آهي.

اصلي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهيءَ وقت جماعت اسلامي جهڙي رجعت پسند جماعت جي باني 'مودودي' آمريڪا جي مذمت ڪئي. ليڪن پاڪستان جي [ترقي پسند] حڪمران جماعت ۽ اُن جو [ذهين] وزيراعظم بلڪل خاموش رهيا. اهڙي مؤقف اختيار ڪندڙ ۽ آمريڪي سامراجي ڏمڪين جي وقت تي خاموش هلندڙ ماڻهوءَ تي عرب ڪهڙيءَ ريت اعتبار ڪري سگهن ٿا ۽ خاص ڪري اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن عربن جي اصطلاح ۾ 'الصمت نصف الرضا' (مائ اڏ رضامندو آهي) هجي. اُن ڪري هنن پاڪستاني حڪومت جي خاموشيءَ جي اها ئي معنيٰ ورتي تہ پاڪستان. آمريڪا طرفان تيل جي چشمن تي قبضي ڪرڻ ۾ راضي آهي. اسان مظلوم عربن جي باري ۾ اهڙي بيجان. ڪوڪلي لفاظيءَ واري پاليسيءَ جي مخالفت ڪندا آيا آهيون.

مسلم سربراهہ ڪانفرنس

موجوده حڪمران پارٽيءَ جي پرڏيهي پاليسيءَ جي ڪارنامن مان هڪ ڪارنامو فيبروري 1974ع ۾ 'اسلامي سربراهہ ڪانفرنس' منعقد ڪرائڻ آهي. موجوده دور تصوراتي نہ. پر سائنسي دور آهي ۽ سائنسي دور جي سڀ کان وڏي خاصيت هيءَ

آهي تہ اُهو تصور، خيال ۽ منصوبي کان وڌيڪ نتيجن کي اهميت ڏني ٿو. مسلم سربراهہ ڪانفرنس کي بہ انهي نقطئ نگاهہ سان ڏسڻ گهرجي يعني اُن جي نتيجن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. نتيجن جي اعتبار کان هيءَ ڪانفرنس پهرئين ڏينهن کان ئي روسي ۽ آمريڪي لابين جي ڪشمڪش جو شڪار ٿي وئي هئي. ڪانفرنس شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي روسي لابي رٽيل پروگرام موجب بنگلاديش جي شرڪت لاءِ زور پريو ۽ ٻيءَ صورت ۾ ڪانفرنس جي بائڪاٽ جي ڌمڪي ڏني وئي.

بنگلاديش کي اُن وقت تائين پاڪستان، سعودي عربيا ۽ چين تسليم ڪو نہ ڪيو هو ۽ بنگلاديش جي حيثيت اُن وقت پاڪستان وٽ اها ساڳي هئي، جيڪا حيثيت عربن وٽ اسرائيل جي آهي: ان ڪري بنگلاديش جي شرڪت جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. روسي لابيءَ جو دٻاءُ وڌندو ڏسي، مجبوراً پاڪستان بنگلاديش کي تسليم ڪري، ڪن عرب اڳواڻن کي موڪليو تہ شيخ مجيب الرحمان کي وٺي اچن. جڏهن شيخ مجيب الرحمان لاهور جي ايئرپورٽ تي لٿو اُن وقت جناب يٽي صاحب سان گڏ پاڪ آرمي جي چيف آف اسٽاف جنرل ٽڪا خان پنهنجيءَ روايتي ورديءَ سان سندس آڏر ياءُ ڪيو. اها آهي تاريخ جي بيرحم صداقت.! ڪالهہ جنهن ماڻهوءَ کي جنرل ٽڪا خان جي فوج جا بہ ميجر غدار قرار ڏئي ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ جو فيصلو ڏئي چڪا هئا، اهو ساڳيو ٽڪا خان اڄ اُن ماڻهوءَ جي استقبال لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايئرپورٽ تي بيٺو هو. اِهو منظر ڏسي مون کي هڪ محب وطن انقلابيءَ جا هي لفظ ياد آيا تہ: "اڄ جيڪي طاقتون اسان کي غدار قرار ڏئي رهيون آهن، سي سياڻي فاتحن جي حيثيت ۾ اسان جو استقبال ڪنديون."

بنگلاديش جي تسليمي [منظوري] پُٽي صاحب جي حب الوطني ۽ 'متحده پاڪستان' سان محبت جي بنياد تي تيار ڪيل پرڏيهي پاليسيءَ جي ٻي ناڪامي هئي. تنهن ڪانسواءِ هو انهن قدم کڻڻ سان پنهنجي ٻن دوستن سعودي عريبيا ۽ چين جو اعتماد وڃائي ويٺو جن پاڪستان سان رس رهائڻ لاءِ بنگلاديش کي تسليم نہ ڪيو هو. بنگلاديش کي تسليم ڪرڻ واري معاملي ۾ چين کي اعتماد ۾ نہ وٺڻ جو ئي نتيجو هو جو هن پيري چين، بنگلاديش جي گڏيل قومن جي اداري ۾ داخلا تي ويٽو (veto) استعمال ڪو نہ ڪيو.

هاڻي آءٌ 'مسلم سربراهي ڪانفرنس' جي نتيجن تي وڌيڪ ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو. سڀ کان پهريون سوال آهي تہ آخر انهي ڪانفرنس جو مقصد ڇا هو؟

ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اُها ڪانفرنس گهرائي انهيءَ ڪري وئي هئي تہ جيئن اسلامي ملڪن جي سربراهن جي زور پرڻ جي بهاني بنگلاديش کي تسليم ڪيو وڃي ۽ اهڙو واعدو پٽو صاحب شملہ ۾ ڪري آيو هو. پر معمولي حالتن ۾ عوام طرفان احتجاج جي ڊپ کان بنگلاديش کي تسليم نٿي ڪري سگهيو. جيڪڏهن اها ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ پُٽي صاحب جي قومي دولت سان 'محبت' ۽ عوامي پئسي سان 'عشق' پوريءَ ريت سمجهہ ۾ اچڻ سان گڏ سندس 'بي پناهہ جرئتمندي' متعلق هر ڳالهہ سورهن ڇا ارڙهن آنا صحيح ثابت ٿئي ٿي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ اِئين هوندو. ليڪن ٻڌايو اِهو ويو هو تہ هن ڪانفرنس مان وڏي ۾ وڏو ظاهري مقصد آهي: اسلامي دنيا جو اتحاد. اتفاق ۽ سامراج دشمن پاليسيءَ ۾ مضبوطي. انهيءَ مقصد جي نقطئہ نظر سان هيءَ ڪانفرنس اتحاد اسلام بجاءِ انتشار اسلام ثابت ٿي آهي. سڀ کان پهرين اهو انتشارَ سعودي عريبيا ۽ اَيران جي بادشاهن جي شرڪت جي باري ۾

پيدا ٿيو. جنهن ڪري شهنشاهہ ايران ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪو نہ ٿيو.

ٻيو وڏو مظاهرو ڪانفرنس کان ٻئي ڏينهن شروع ٿيو-. هڪ طرف لبيا جو 'ڪرنل قذافي' منٽو پارڪ ۾ پنهنجي فصيح ۽ بليغ تقرير ۾ پاڪستاني صوبن جي سياست ۾ مداخلت سان [لاهور وارن کي] پارٽ دشمنيءَ جو درس ڏئي رهيو هو تہ ٻئي طرف ساڻئي وقت تي صدر انور سادات (مرحوم) نئين دهليءَ ۾ هندوستاني وزيراعظم اندرا گانڌيءَ کي منٽن ميڙن سان يقين ڏياري رهيو هو تہ آئيندہ 'اسلامي سربراهہ ڪانفرنس' ۾ هندوستان کي ضرور شريڪ ڪيو ويندو. چو تہ هندوستان ۾ مسلمان سيني ملڪن جي ڏار ڏار آبادين کان گهڻا رهن ٿا. تنهن ڪري هندوستان بہ هڪ مسلم يا اسلامي ملڪ آهي.

اسلامي اتحاد جو ٿيون مظاهرو هن ريت ٿيو جو لبيا ۽ مصر وچ ۾ هڪ وفاق اندر شموليت واري پروگرام ۾ خلل پوڻ شروع ٿيا. لبيا جي لکين باشندن وفاق جي حق ۾ لانگ مارچ ڪندي مصر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو. مصري حڪومت انهن کي پنهنجي ملڪ ۾ بنا پاسپورٽ جي داخل ٿيڻ کان روڪيو. نيٽ معاملو وڏي ويو ۽ هاڻي حالت اها آهي، جو بنهي ملڪن جا سفارتي ناتا ختم ٿي چڪا آهن. لبيا ۽ مصر لاءِ اسلامي سربراهہ ڪانفرنس اُن مثال وانگر ثابت ٿي آهي تہ: 'وئي سنگُن لاءِ، پر ڪن بہ ڪپائي آئي.' مڙس هليا هڻا سيني مسلمانن کي متحد ڪرڻ، پر پاڻ ۾ اهڙا وڙهيا، جو ڪير ڇڏائڻ وارو ئي ڪونهي.

اسلامي اتحاد جو چوٿون مظاهرو: مراڪش ۽ لبيا جي وچ ۾ شديد قسم جي اختلافن جي صورت ۾ ٿيو.

اسلامي اخوت جو پنجون مظاهرو: ٽن اسلامي ملڪن ماريطانيا، مراڪش ۽ الجزائر جي وچ ۾ اسپيني صحرا جي مسئلي تي اختلافن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو جنهن ٽنهي ملڪن

جي وچ ۾ جنگ جي صورتحال پيدا ڪري چڏي آهي. قومي خودمختياريءَ جي بنياد تي الجزائر، اسپيني صحرا کي هڪ ڏار ملڪ جي صورت ۾ تسليم ڪري ورتو آهي ۽ هو اتي گوريلا تنظيم جي مدد ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف مراڪش ۽ ماريطانيا، ان تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ چاهين ٿا. ليڪن پاڪستان جو (ڏهين) وزيراعظم ايڏا تائين کو بہ فيصلو نہ ڪري سگهيو آهي تہ قومي خود اختياريءَ جي بنياد تي الجزائر جي موقف جي حمايت ڪري يا تاريخي حق ۽ واسطا ڇڪائيندڙ مراڪش ۽ ماريطانيا جي مدد ڪري.

وحدت اسلام جو ڇهون مظاهرو: موجوده وقت ۾ لبنان جي مسئلي تان فلسطيني ۽ اردني عربن جو اختلاف آهي، جنهن وچ اوير جي پوري حُسن کي رت هاڻو ڪري چڏيو آهي.

نتيجن جي اعتبار سان معلوم اهو ٿيو تہ ان ڪانفرنس کان پوءِ ايندڙ هر ڏينهن، هر هفتي هر مهينو ۽ هر سال اسلامي ملڪن جي اختلافن ۽ انتشارن جا نشان پاڻ سان کڻي آيو آهي ۽ انهيءَ پوري عرصي ۾ (فخر ايشيا) [ڀٽو] مسلمان ملڪن جي جهيڙن کي نبيرڻ لاءِ ڪا بہ رٽ ۽ تجويز ڏئي نہ سگهيو آهي ۽ نہ وري صحيح فيصلو ڪري سگهيو آهي تہ اسلامي ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس جي ميزبان جي حيثيت ۾ ڪيس ڪهڙو موقف اختيار ڪرڻ گهرجي!

ڪانفرنس جي انهيءَ ظاهري مقصد جي نتيجن جي اعتبار کان ناڪاميءَ جي وضاحت کان پوءِ، آءٌ ڪانفرنس جي هڪ ٻئي پهلوءَ تي روشني وجهڻ چاهيان ٿو جنهن ۾ ڪانفرنس پوريءَ ريت ڪامياب وئي آهي. ڪانفرنس جو ٻيو پهلو هو عالمي طاقتن جي مفاد وٽان استعمال ٿيڻ وارو. حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ ڪانفرنس جي تياريءَ پٺيان هڪ وڏي عالمي طاقت جو هٿ هو جنهن اُن ڪانفرنس مان پنهنجي مقصد جا نتيجا حاصل ڪرڻ

ٽي گھريا. اُن لاءِ هن پاڪستان، ايران ۽ ترڪيءَ سان گڏ سعودي عربيا کي بہ استعمال ڪرڻ ٽي چاهيو. اُنهن مقصدن مان هڪ مقصد هو تيل تان بندش هٽائڻ ۾ ٻيو وچ اوپر ۾ اسرائيل جي خلاف گڏيل عرب محاذ کي چڙوچڙ ڪرڻ!

مٿين ٽنهي ملڪن، انهيءَ طاقت طرفان مضبوط قسم جي يقين ڏيارڻ جي بنياد تي سعودي عرب جي شاهہ فيصل مرحوم کي تيل تان بندش هٽائڻ واري اصول تي راضي ڪري ورتو هو ۽ ڪانفرنس ختم ٽيڻ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ تيل تان بندش لاٿي وئي. ٿورو وقت گذرڻ کان پوءِ مرحوم شاهہ فيصل کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ وري تيل تي بندش وجهڻ جي اسڪيم تيار پئي ڪُئي وئي تہ ڪيس ڪتل ڪرايو ويو. شاهہ فيصل کي قتل ڪرائڻ کان پوءِ اسلامي سربراهہ ڪانفرنس ۾ طئي ٽيل ٻئي مقصد جي حاصلات لاءِ جدوجهد تيز ٿي وئي ۽ اهو حاصل هن ريت ٿيو جو مصر کي ڪجهہ رعايتون ڏئي شام ۽ فلسطين جي گڏيل ڪاز (مقصد) تان ڦيري اسرائيل سان انفرادي ناهہ ڪرڻ تي راضي ڪيو ويو.

انهن رعايتن ڏيڻ سان نہ صرف مصر کي شام ۽ فلسطيني عربن کان ڌار ڪيو ويو پر ڪيس سامراج دشمن بلاڪ مان ڪڍي پوريءَ ريت آمريڪا جي گرفت ۾ آندو ويو. جو تہ آمريڪا کي وچ اوپر ۾ ڪنهن اهڙي ملڪ جي ضرورت هئي، جيڪو پنهنجي اثر رسوخ جي ڪري وچ اوپر ۾ وڌندڙ روسي اثر کي روڪي سگهي. ايترا ڏينهن اهو ڪم هُو پاڪستان، ايران ۽ سعودي عرب کان ونڊو پئي آيو پر اُهي ٽئي ملڪ خاطر خواهہ نموني سان اهو فرض پورو ڪري نہ سگهيا هئا. تنهن ڪري ڪافي وقت کان آمريڪا جي نظر مصر تي هئي: ليڪن مرحوم جمال عبدالناصر جي وقت ۾ مصر جو آمريڪا جي مفادن لاءِ استعمال ٽيڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو ۽ نہ وري ناصر جي وقت ۾ مٿين ٽنهي ملڪن جي ناصر وٽ ڪا حيثيت هئي، پر سادات

سڳوري جي وقت ۾ آمريڪا جو مقصد اسلامي سربراهه ڪانفرنس جي ذريعي پوريءَ ريت حل ٿي ويو ۽ ان سان گڏ وچ اوير لاءِ پاڪستان جي حيثيت بہ آمريڪا وٽ ختم ٿي وئي. جنهن جو ثبوت اڄوڪين حالتن ۾ پوريءَ ريت ملي سگهي ٿو. جيتوٽيڪ آمريڪا پٽي صاحب کي هٿيار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ڇو تہ ڪيس هنڊ چينيءَ جا بچيل ۽ پراڻي ماڊل جا هٿيار [جن جو ٽوڙ ڪميونسٽ ملڪ اڳ ئي معلوم ڪري چڪا آهن]. بهرحال نيڪال ڪرڻا هئا، ۽ جنهن جي لاءِ پاڪستان کان وڌيڪ کهڙي مندي مناسب ٿي سگهي ٿي؟ پر جڏهن هندوستان جي ائٽمي ڏماکي جي مقابلي ۾ پاڪستان فرانس کان ائٽمي ري پروسنگ پلانٽ خريد ڪرڻ جو معاهدو ڪيو تہ آمريڪا هڪدم اعتراض واريو ۽ هٿيار بند ڪرڻ جي ڏمڪي ڏني آهي. اڄ حالت هيءَ آهي جو پاڪستان سان گڏ فرانس بہ سفارتي سطح تي اڪيلو رهجي ويو آهي ۽ غير جانبدار 86 ملڪن جي ڪانفرنس، تيل پيدا ڪندڙ ملڪن کي اپيل ڪئي آهي تہ ائٽمي هٿيارن جي پکيڙ جي جرم ۾ فرانس کي تيل جي فراهمي بند ڪئي وڃي. اهڙي قسم جي اپيل ۾ بين سان گڏ ليبيا جو ڪرنل قذافي ۽ عيدي امين، پُٽي صاحب جا گهرا دوست بہ شامل آهن.

آڳ انهيءَ ڳالهه سان دلچسپي کو نہ ٿو رکان تہ پاڪستان ۽ پارت هڪ ٻئي سان ائٽم جي ميدان ۾ مقابلو ڪن يا نہ. پر هڪ محب وطن ايشيائيءَ جي حيثيت ۾ آڳ هن خطي جي ڪنهن بہ حصي کي هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي روپ ۾ تبديل ٿيندو ڏسڻ نٿو چاهيان. ڇو تہ آڳ هڪ اديب آهيان. اديب جي حيثيت ۾ هن خطي جي هر شهر ۽ واهڻ جو حُسن ۽ آبادي، منهنجي آتما کي ابدي قرار بخشين ٿا. اديب جي حيثيت ۾ آڳ تعمير جو پيغمبر ۽ ريبارو آهيان. جهڙيءَ طرح مون کي اُن هٿ کان نفرت آهي، جيڪو هڪ انسان کي زندگيءَ جي ولولي کان محروم ڪري ٿو اهڙيءَ طرح

مون کي اُن حاڪم کان شديد نفرت آهي، جيڪو ڪيترين آبادين کي زندگيءَ جي حسن کان محروم ڪرڻ جا سانباها ڪري ٿو.

پاڪستان، آمريڪا جي توجهہ لائق سرپرستيءَ کان محروم ٿيڻ واري حالت ۾ هاڻي مڪمل طور ايران جي گود ۾ ڪِري پيو آهي. هوڏانهن ايران تيل مان بيشمار دولت ميڙي آهي. اُن کي هن خطي (برصغير) ۾ سيڙائڻ ٿو چاهي. اُن لاءِ هن کي هندوستان ۽ افغانستان ئي موزون ملڪ نظر آيا آهن، جن جي قول ۽ اقرار تي اعتماد ڪري سگهي ٿو. اُن ڪري هن پاڪستان کي پارت ۽ پاڪستان سان ناهہ ڪري خشڪيءَ جا رستا کولڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي ۽ پاڪستان هڪ وفادار غلام وانگر تيار ٿي ويو آهي. اسان پاڙيسري ملڪن سان دوستيءَ جا پرجوش حامي آهيون. 1972ع ۾ منهنجي ليڈر [جي. ايم. سيد] ملڪي استحڪام لاءِ جيڪي تجويزون ڏنيون هيون، تن ۾ پاڙيسري ملڪن سان دوستي ۽ امن جو معاهدو ڪرڻ جي تجويز سر فهرست هئي، پر جنهن دوستيءَ جي پنيان ڪو خفيہ هٿ ۽ لڪل اشارو هجي، سا دوستي ڪا ئي معنيٰ نہ ٿي رکي. اهڙي قسم جي دوستي جهڙيءَ ريت ڪنهن جي حڪم سان قائم ٿيندي آهي، سا اِهڙيءَ ئي ريت ختم ٿي ويندي آهي. مون مٿي هڪ جملو ڳالهايو آهي تہ: "ايران، پنهنجي ناٽي سيڙائڻ لاءِ هندوستان ۽ افغانستان جي قول ۽ اِقرار تي اعتماد ڪري سگهي ٿو." اِهو جملو مون جاڻي واڻي ڳالهايو آهي. اُن جو مطلب آهي تہ ايران، پاڪستان کي پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪرڻ خاطر وقتي طرح اُن کي ڪجهہ قرض ۽ اِمداد تہ ڏئي سگهي ٿو پر اُن تي اعتماد ڪري پنهنجو ناٽو سيڙائڻ لاءِ تيار ڪونهي، نہ صرف ايران پر دنيا جا گهڻا ملڪ انهيءَ نتيجي تي پهتل آهن.

انهيءَ جو وڏو سبب هيءُ آهي تہ پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ هڪ ئي ڪارخانو آهي، جيڪو هر وقت پيداوار ڏئي رهيو آهي ۽ اُهو ڪارخانو آهي غدار سازيءَ جو...! هتي حاڪم پارٽي، پاڻ

ڪانسواءِ ٻين سڀني ڪي غدار قرار ڏيندي آئي آهي. ويندي ايتريقدر جو هتي جي هر پارٽي، هر جماعت ۽ هر گروهہ تي غداريءَ جو ٺپو لڳل آهي. هتي جي هر ماڻهوءَ تي غداريءَ جي تهمت لڳل آهي. هتي جي صوبي جي عوام ۽ سياستدانن جو جسم غداريءَ جي داغ سان داغيل آهي. هتي جو سياستدان غدار آهي. هتي جو شاعر غدار آهي، هتي جو پروفيسر غدار آهي، هتي جو شاگرد غدار آهي، هتي جو هندو غدار آهي، مسلمان غدار آهي، سنڌي غدار آهي، پٺاڻ غدار آهي ۽ بلوچ غدار آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڇيو ويو آهي ۽ مشهور ڪيو ويو آهي. مطلب تہ هتي مخالف لاءِ 'غدار- وطن' جو لفظ استعمال ڪرڻ ايترو ئي آسان آهي، جيئن پاڻي پيئڻ!

هتي ملڪ دوستيءَ جي سَنَد صرف هڪ ئي آهي، ۽ اُها آهي حڪمران جي شان ۾ قصيدي نويسي ڪرڻ ۽ مولود پڙهڻ. انهيءَ ڪارخاني جي پيداوار مان اِهو نتيجو نڪتو آهي، جو هن غدارن سان پريل ملڪ جي مستقبل ۾ ڪو بہ ملڪ ويساهہ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اُنهن ملڪن کي انديشو لڳو پيو آهي تہ ڪيڏيءَ مهل بہ غدار ملڪ تي قبضو ڪري. اُن جو نہ معلوم حشر ڇا ڪندا؟ اسان اهڙي قسم جي پاليسيءَ جا مخالف آهيون. اُن مان اڄ ڏينهن تائين نہ صرف هن ملڪ کي پر پوري ايشيا جي عوام کي ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. هر وقت هن خطي کي غير ملڪي طاقتن جي مفاد جي خاطر استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اسان جي قسمتن جا فيصلا ڏور ڏيهن ۾ ٿيندا رهن ٿا. هن ملڪ جي حفاظت جي ضمانت ڪڏهن آمريڪا ٿو ڏئي تہ ڪڏهين چين ۽ ڪڏهن ايران!

اسان جو شروع کان وٺي نظريو ۽ عقيدو رهيو آهي تہ جنهن ملڪ کي پنهنجي حفاظت لاءِ ٻين کان وعدا ۽ وچن ونڊا پون، جيڪو هميشہ ٻين جي رحم ۽ ڪرم تي زندهہ رهڻ جي دڳ تي هلايو وڃي، اُن ملڪ ۽ ان کي اهڙيءَ حالت ۾ پهچائيندڙ بي ضمير

حاڪمن کي زندهہ ۾ باقي رهڻ جو ڪو بہ قانوني، سياسي ۽ اخلاقي حق ڪونهي. جنهن عمارت کي ڪرٽو آهي، اها جيترو جلد ڪِري، اوترو سٺو چو تہ اُن جي جاءِ تي جلد ڪا شاندار ۽ مضبوط نئين عمارت تيار ٿي سگهي. آمريڪا جي گهيري ۾ هوندي ننڍڙو ملڪ ڪيوبا، آمريڪي ميزائيلن جي تباهڪاريءَ کان بي نياز سامراج جي اکين ۾ اکيون وجهي، زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ ڏئي رهيو آهي. اُن جون بہ ڪنهن ملڪ سان دوستيون هونديون، ليڪن هن ڪڏهن بہ ڪنهن وڏيءَ طاقت جو اهڙو جملو برداشت نہ ڪيو هوندو تہ "ڪيوبا جي حفاظت منهنجو فرض آهي." هن ملڪ جي تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ هن کي آمريڪا، چين ۽ ايران، ۽ فوج مان ڪائي طاقت بچائي نہ سگهي آهي. هن ملڪ کي صرف هتان جو عوام بچائي سگهي ٿو ۽ اُن جي حفاظت سان گڏ ڪيس ترقيءَ جي عروج تي پهچائي سگهي ٿو ۽ اُهو سڀ ڪجهہ اُن صورت ۾ ٿيندو، جڏهن سيني شهرين کي محب وطن ۽ وفادار سمجهي، مختلف قومن، طبقن ۽ ماڻهن کي سندن فطري ۽ اقوام متحده جا مجيل حق ڏنا ويندا ۽ کين ڏنڊي جي بجاءِ محبت جي زبان ۾ مخاطب ڪيو ويندو. جيڪڏهن اهڙي تبليغ ۽ پرچار ڪرڻ انصاف جي نظر ۾ ڏوهہ آهي تہ پوءِ بيشڪ آءٌ ڏوهاري آهيان، اُن جو اقرار ٿو ڪريان.

مون تي هڪڙو الزام هيءُ بہ آهي تہ 'مون پناهگيرن ۽ سنڌين کي ويڙهائڻ ۽ فرقيوارانہ فساد جي ذريعي مهاجرن کي سنڌ مان بيدخل ڪرڻ جي تبليغ ڪئي آهي؟'

سائين منهنجا! پناهگيرن جو مسئلو ايترو ئي پراڻو آهي، جيتري انساني تاريخ. انساني زندگيءَ جي اوائلي دؤر کان انساني قافلن جي اناج، پاڻي ۽ گاهہ جي تلاش ۾ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ، هڪ کنڊ کان ٻئي کنڊ ڏانهن لڏپلاڻ ٿيندي رهي آهي. ويران خطن، ملڪن، ميدانن،

صحرائن ۾ ماڻرين مان انساني آبادين جون سرسبز آباد ۾ پاڻيائن حصن ڏانهن هجرتون، انساني تاريخ ۾ اڻ مٽ نشان جي حيثيت رکن ٿيون. آسماني ۾ قدرتي مصيبتن کان ڇوٽڪاري جي ڳولا ۾ آرين جي وچ ايشيا مان اوير ايشيا ڏانهن اچڻ، پناهگيرن جي تاريخ جو يادگار واقعو آهي. ماڻهن جي اُنهيءَ لڏپلاڻ، نسلن جي ميل ميلاپ ۾ تهذيبن جي ملاوت ذريعي نين تهذيبن ۾ ثقافتن کي جنم ملندو رهيو آهي. ڏار ڏار زبانن جي هڪ ٻئي تي اثر، انساني ادبي ذخيري کي پائيداريءَ ۾ سوچ کي وسعت ڏني آهي. انهيءَ خيال کان پناهگيرن جي لڏپلاڻ انسانيت لاءِ ڪڏهن مفيد ثابت نہ ٿي آهي. جڏهن بہ ڪنهن ملڪ ۾ وبائن مُنهن ڪيو آهي تہ اُتان جي ماڻهن، پروارن ملڪن ۾ اچي سڪ جو ساهہ پٽيو آهي. جڏهن بہ ڪنهن ملڪ جو حالتون ڪن انساني گروهن لاءِ ناسازگار ٿيون آهن، تہ اُنهن گروهن اتان لڏپلاڻ ٻئي ڪئي آهي. جڏهن بہ ڪٽي ڏڪار ٻيا آهن تہ اتان جي رهواسين اتان هجرت ڪري ٻين آباد هنڌن تي بسيرو ڪيو آهي. ائين هر دؤر ۾ ٿيندو آيو آهي ۽ شايد ٿيندو رهندو. مهاجرن جي انهيءَ پوري سرگذشت ۾ اسان کي ٻن قسمن جا مهاجر نظر اچن ٿا:

هڪڙا اُهي، جيڪي بيوس، لاچار ڏٽڻيل ٿي ڪنهن ملڪ ۾ آيا آهن. اهڙي قسم جي مهاجرن، اُن ملڪ جي اصلي باشندن ۽ زمين جي فرزندن کي ئي ملڪ جي هر شيءِ، وسيلي ۽ ذريعي جو مالڪ ٻئي سمجهيو آهي ۽ سندن فطري ۽ قدرتي حقن سان ڪنهن نعري، نظريي يا ڏرم جي آڙ ۾ ڪا بہ ڪوٺس ڪا نہ ڪئي اٿن ۽ نہ وري ڪو پنهنجو احسان ئي ڄاڻايو اٿن. آهستي آهستي مقامي قومن ۽ قبيلن جي تهذيب، ثقافت ۽ تمدن ۾ پاڻ کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيو اٿن ۽ فرزندان زمين جي سهڻي ۽ سٽي برتاءَ جا هميشہ ٿورائتا ٻئي رهيا آهن يا ڪجهہ وقت رهي جڏهن حالتون

سازگار ٿيون آهن تہ پنهنجن اباڻن ککن ڏانهن موٽي ويا آهن.
رسول ڪريم صلعم هجرت کان پوءِ مديني جي اندر مڪي کان آيل مهاجرن کي انصارن جي مال ملڪيت تي حق چڪڻ کان منع ڪري، رضاڪارانہ بنياد تي انصارن طرفان مليل امداد ۽ حمايت تي قناعت ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. پنهنجي سِر هو موقعي ۽ مهل تي دل ۽ زبان سان مديني جي انصارن لاءِ شڪر، ۽ احسانمنديءَ جي جذبن جو اظهار ساري عمر ڪندو رهيو.

هي جنگ عظيم وقت ڪيترن يورپي ملڪن جا باشندا جنگ جي خونخوار ديوَ جي خوف کان ڇڄي وڃي ٻين ملڪن ۾ پناهگزين ٿيا هئا: جيئن نازي ۽ فاشي قوتن جي پَو کان چيڪ، پولش ۽ فرينچ ماڻهو ٻين يورپي ملڪن ڏانهن ڇڄي ويا هئا. ليڪن هي مهاياري لڙائيءَ جي متعلق جيترو لٽريچر منهنجي نظر مان گذريو آهي، اُن ۾ مون ڪٿي بہ ڪو نہ پڙهيو آهي تہ اُنهن پناهگيرن ٻين ملڪن ۾ وڃي پنهنجي لاءِ ڪي خاص رعايتون ۽ حق واسطا ڇڪيا هجن يا پنهنجو ڪو احسان ڄاڻايو هجي. اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ ڪيترائي هسپانوي باشندا يورپ ۽ آمريڪا ۾ پناهہ ونڊ لاءِ مجبور ٿيا هئا. پر هنن شريف ماڻهن ڪڏهن بہ جمهوريت جي بقا لاءِ پنهنجي ڏَنل قرباني‌ءَ جي بنياد تي مقامي رهواسين کان ڪي رعايتون طلب ڪو نہ ڪيون.

برصغير ۾ هجرت تحريڪ (جنهن جي اڳواڻي هڪ سنڌي قانوندان مرحوم جان محمد جوڻيجي ڪئي هئي) وقت افغانستان ۾ ويل هندوستاني مُهاجرن بہ افغان حڪومت کان ڪي خصوصي حق، رعايتون ۽ جائداد جا ڪليم طلب ڪو نہ ڪيا هئا. هنن رڳو رهائش ۽ امدادي سامان تي اڪتفا ڪئي هئي. جيتوڻيڪ تحريڪ هجرت برصغير جي تمام ديني عالمن جي گڏيل فتويٰ جي روشنيءَ ۾ شروع ڪئي وئي هئي ۽ پوءِ بہ پناڻن، هندوستاني مسلمان مهاجرن سان جيڪو رويو اختيار ڪيو سو تاريخ جو

الميہ داستان آهي. سن 1971ع ۾ بنگال مان ڪيترا ماڻهو ساهہ بچائڻ جي خوف کان هندوستان پڄي ويا هئا، ليڪن هنن بہ ڪا خاص رعايت طلب ڪا نہ ڪئي. اسان جي سامهون موجوده دور جي فلسطيني مهاجرن جو مثال آهي، جيڪي وچ اوير جي ڪيترن ملڪن ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. پر هنن ڪڏهن بہ هجرت جي بنياد تي حق ۽ رعايتون طلب ڪين ڪيون آهن، ۽ نہ وري ڪو عرب ملڪ هنن کي مستقل طرح پاڻ وٽ آباد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هو اڄ بہ خيمن ۾ اقوام متحده جي راشن تي گذارو ڪري رهيا آهن.

پناهگيرن يا لڏپلاڻ ڪندڙن جو ٻيو گروهہ يا قسم اهڙن ماڻهن تي مشتمل آهي، جيڪي پنهنجي ملڪ مان نڪري تلوار جي زور تي مقامي ماڻهن کي محڪوم بنائي، اتي پنهنجي موروثي حڪومتن جا بنياد وجهي ويهي رهيا آهن. اُنهن طاقت جي زور تي نہ رڳو پنهنجو پاڻ کي اعليٰ، افضل ۽ سڌريل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مقامي ماڻهن کي ٻئي درجي جي شهرين جي حيثيت ڏئي، اتي جي هر شيءِ هڙپ ڪري ويا آهن. اهڙن مهاجرن جي خلاف مقامي ماڻهن جي دل ۾ سخت ۽ شديد نفرت جا مچ ٻرندا رهيا آهن ۽ موقعو ملڻ شرط هنن اهڙين ڌارين کي ڏکي ڏار ڪيو آهي ۽ جي ڪامياب نہ ٿيا آهن تہ حق ۽ ناحق جي ڪشمڪش ۾ خود ختم ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ ايراني يوناني، عرب، ارغون، ترخان، مغل، غزنوي، غوري، خلجي، انگريز وغيره؛ اسپين ۾ عرب، آمريڪا ۾ هسپانوي ۽ انگريز هندوستان ۾ مغل ۽ فلسطين ۾ يهودي، پوئين قسم جي مهاجرن ۾ اچي وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو مصر جي جمال عبدالناصر چيو هو تہ: "جڏهن آءٌ فلسطين جي سرزمين تي يهودي پناهگيرن جي حڪومت ڏسان ٿو تہ منهنجي دل ۾ اهڙن پناهگيرن جي خلاف نفرت جي باهہ ينيت بنجي وڃي ٿي."

انهيءَ تفصيل ۾ اصول جي روشنيءَ ۾ اسان کي ڏسڻو آهي تہ پاڪستاني پناهگيرن جو مهاجرن جي ڪهڙي گروهہ سان تعلق آهي. جيڪڏهن هنن جي ذهنيت فاتحانہ ۽ رعايت يافتہ طبقي جي آهي تہ پوءِ اهڙن ماڻهن سان نفرت ڪرڻ ۾ ڪين ڏکي ڏار ڪرڻ جو جذبو حب الوطنيءَ جو شاندار مظاهرو آهي، ۽ جنهن ماڻهوءَ کي حب الوطنيءَ جي تاريخ ۾ بيغيرت ۽ غدار جي لقب سان ياد ڪيو ويندو رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي لقب کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي تہ ان کي هر ڪو حق آهي تہ هو هڪ محب وطن انسان کي مجرم ۽ قتل لائق سمجهي. زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏي جيتريقدر مون سمجهيو آهي تہ پاڪستاني مهاجرن تن قسمن جون دعوائون ڪيون آهن:

(۱) هنن سنڌ کي هندن کان پنهنجو فتح ڪيل علاقو سمجهي، اُن جي هر شيءِ کي پنهنجي لاءِ مخصوص ڪري، ان کي ماءُ جي کير وانگر حلال ۽ جلدي هضم ٿيندڙ پئي تصور ڪيو آهي. جاين، دوڪانن، واپار نوڪرين ۽ تعليم کي پنهنجي مخصوص مفادن وٹان ترتيب ڏئي، ماڻهن کي محروم ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو آيا آهن. هر وقت اهو ٻڌائڻ ضروري پئي سمجهيو اٿن تہ سنڌي هندن جا غلام هئا ۽ اسان اچي کين نجات ڏياري آهي. 1970ع جي چونڊن وقت هڪ مهاجر ميائي روڊ حيدرآباد ۾ تقرير ڪندي چيو هو تہ: "اسان جي اچڻ کان اڳ سنڌين جون عورتون واٽين وٽ گروي رکيل هونديون هيون."

انهيءَ مثال کان سواءِ مون وٽ هڪ واضح ثبوت آهي تہ مهاجرن پاڻ کي فاتح جي حيثيت ۾ سنڌين جو حاڪم تصور ڪيو آهي.

1948ع ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو ان وقت سنڌ جي عوام سان اسيمبليءَ ۾ واعدو ڪيو ويو تہ: "ڪراچيءَ ۾ سنڌ حڪومت جي ٽيل خرچ جو معاوضو ادا ڪيو ويندو." ڪجهہ

وقت گذرڻ کان پوءِ سنڌي نمائندن جو هڪ وفد سنڌ مسلم ليگ جي صدر سيد علي اڪبر شاهہ (مرحوم) جي اڳواڻيءَ ۾ پاڪستان جي وزيراعظم لياقت علي خان سان مليو تہ: "سائين اسان اوهان کي اهو ياد ڏيارڻ آيا آهيون تہ ڪراچيءَ جو معاوضو ايا تائين سنڌ حڪومت کي نہ مليو آهي." لياقت علي خان جواب ڏنو تہ: "چا جو معاوضو؟ فتح ڪيل علائقن جا بہ ڪي معاوضا. مفتوح ماڻهن کي ڏنا وينداآهن چا؟" لياقت علي، پاڪستان جي وزيراعظم سان گڏ هندوستاني مهاجرن جو نمائندو پڻ هو. انهيءَ جواب جي ذريعي هن پوري مهاجر ذهنيت جي نمائندگي ڪري ثابت ڪيو تہ هندوستاني مهاجرن جي حيثيت، سنڌ ۾ فاتح واري آهي.

اُن صورت ۾ منهنجو فرض آهي تہ انهن فاتحن جي اُن ذهنيت کان مفتوحن کي پوريءَ طرح آگاهہ ڪريان.

هنن جو چوڻ آهي تہ: "اسان اسلام جي خدمت جي جذبي تحت هتي آيا آهيون. تہ جيئن اسلامي نظام حڪومت قائم ڪريون." آءٌ انهن جي ان دعويٰ کي صحيح ڪونہ ٿو سمجهان:

پهرين ڳالهہ: تہ حضور اڪرم صلعم جن مڪي جي فتح ٿيڻ کان پوءِ فرمايو تہ 'اڄ ڏينهن کان وٺي مذهب لاءِ هجرت جو دروازو بند آهي.' [لاهجرت بعد مكي] انهيءَ جي بنياد تي هندوستان جي هڪ بهترين عالم [مولانا ابو الكلام آزاد] 1947ع ۾ مهاجرن جي هڪ اجتماع جي سامهون تقرير ڪندي چيو هو تہ: "شاهجهان مسجد کے مینار جُھک کر تم سے سوال کرتے ہیں کہ ہجرت کے مقدس نام پر یہ فرار کی زندگی تم نے کہاں سے سیکھ لی؟"

اهو ئي سبب آهي، جو مولانا عبيدالله سنڌيءَ، پنجويهہ ساله جلاوطنيءَ ۾ پاڻ کي ڪٽي بہ مهاجر ڪونہ سڏايو.

پي ڳالهہ: تہ اسان ڪٽي مجون تہ هنن مذهب جي لاءِ هجرت ڪئي هئي، مذهب واري هجرت لاءِ شرط آهي تہ اُن ۾ ڪنهن بہ

مال، ملڪيت، گھرتڙ جي ڪا بہ لالچ نہ رکي وڃي. جيڪڏھن ڪنھن ماڻھوءَ مذھبي ھجرت ۾ انھن شين جي تمنا ۽ خواھش رکي تہ اھڙو ماڻھو مھاجرن بجاءِ منافق آھي. اھڙي وضاحت مذھب جي سيني ڪتابن ۾ موجود آھي.

ھنن سڳورن تہ اچڻ شرط جائيدادن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ڪليم پرڻ ۾ جنبي ويا، حالانڪ مذھبي ھجرت لاءِ ڪليم داخل ڪرڻ اسلامي فقہ ۾ ناجائز ۽ حرام آھي. مڪي جي مھاجرن مديني ۾ ڪو بہ ڪليم نہ پريو ھو حالانڪ اتي يھودين جون ڪافي جائيدادون مسلمانن جي قبضي ۾ اچي ويون ھيون. (حوالو: ڪتاب: 'اُصول شاشي.')

ٽين ڳالھ: ھنن ھتي اچڻ کان پوءِ جاين ۽ دڪانن لاءِ احتجاج ڪيو نوڪرين لاءِ بک هڙتالون ڪيون، اڙدو زبان لاءِ باھ ۽ رت جي راند شروع ڪري ڏني، پر اسلامي حڪومت ۽ اسلامي قانون لاءِ ھڪڙو ڏينھن بہ هڙتال يا مظاھرو ڪو نہ ڪيو. انھن سيني ڳالھين جي موجودگيءَ ۾ آءٌ ھنن کي مذھب جي حفاظت لاءِ ھجرت ڪندڙ نہ ٿو ميجان ۽ منھنجو فرض آھي تہ آءٌ سنڌين جي ملڪيت ھنن جي قبضي مان ڇڏائڻ لاءِ جدوجھد کي تيز تر ڪريان.

(2) ھو مظلوم آھن ۽ ھندن جي ظلم ۽ ستم کان تنگ اچي ھجرت ڪئي اٿن.

آءٌ ميجان ٿو تہ ڪن جاين تي ھندوستان ۾ فساد ٿيا ھئا، جن ۾ انساني جانيون بہ ضايع ٿيون ھيون، پر اھو مسئلو حل ڪرڻ ھندوستان جي حڪومت جو ڪم ھو نہ پاڪستان حڪومت جو ڇو تہ 1940ع واري قرارداد، جنھن جي بنياد تي اسان پاڪستان ۾ شموليت تي آماده ٿيا ھئاسون، اُن ۾ مھاجرن جي آبادڪاري يا انتقال آباديءَ جو ڪو بہ ذڪر موجود ڪو نہ ھو. ھندوستان جي ورھاڱي واري تجويز ۾ بہ اقليتن جي تحفظ جو

ذکر ضرور موجود هو ليڪن پناهگيرن جي آبادڪاريءَ جي ڪا به شق موجود ڪانہ هئي. اُن ڪري، پاڪستان جي حڪومت مهاجرن کي وٺڻ لاءِ قانوني ۽ سياسي طرح ڪنهن به صورت ۾ بڌل ڪانہ هئي. هندوستان جا ڪافي علائقا اهڙا هئا، جتي هندو ملسم فساد ٿيا ئي ڪو نہ هئا، پوءِ اتان جي مهاجرن جي اچڻ جو ڪهڙو سبب هو؟

وڏي ڳالهہ تہ ورهاڱي کان پوءِ جڏهن پناهگيرن جي مسئلي سنگين صورت اختيار ڪري ورتي، اُن وقت مهاتما گانڌي، حسين شهيد سهرورديءَ کي جناح صاحب وٽ موڪليو تہ: "جناح صاحب کي منهنجو پيغام پهچاءِ." انهيءَ پيغام ۾ ڄاڻايل هو تہ 'جيڪي هندو پاڪستان مان پڇي آيا آهن، تن کي وٺي گانڌي پاڪستان ايندو ۽ اتان وري هندوستان مان آيل مسلمانن کي وٺي هندوستان ويندو.' لياقت علي ۽ نهروءَ کي انهن ماڻهن جي حفاظت لاءِ حڪومت جي پوري مشينريءَ کي استعمال ڪرڻ جي هدايت گانڌيءَ ۽ جناح طرفان ڪئي وڃي." سهروردي اهو پيغام ڪٽي جناح وٽ آيو جنهن گانڌيءَ جي تجويز کي ٽُڏي ڇڏيو ۽ سهرورديءَ کي هندوستان وڃي گانڌيءَ کي جواب ڏيڻ کان روڪي ڇڏيائين. (ڪتاب: 'حسن شهيد سهروردي'مصنف شورش ڪاشميري) اهڙي تجويز ۽ اهڙي اپاءَ جي هوندي به مهاجرن جو سلسلو ايجا تائين جاري رهيو، گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن لاءِ ناقابل برداشت آهي. وڏي ڳالهہ تہ، هنن مقامي رهواسين جي هر مطالبي جي مخالفت ڪرڻ پنهنجو ڏرم سمجهي ورتو آهي. سنڌي عوام جيل ۾ وڃي، جدوجهد ڪري تہ ون يونٽ توڙيو ۽ وري هي بک هڙتالون ڪن تہ "'ون يونٹ کو قائم رکھو۔" سنڌي عوام گهُر ڪري تہ سنڌي زبان کي قومي ۽ سرڪاري زبان جو درجو ڏنو وڃي، تہ هي حضرات رستن تي تائر ساڙڻ شروع ڪن تہ: "سندھی کو اگر رائج کیا گیا تو پاکستان تباہ ہو جائیگا۔" اسان

مطالبو ڪريون تہ سنڌي اخبارن ۾ رسالن لاءِ ڊڪليئريشن ۾ اشتهار ڏنا وڃن. تہ هي اسلام جا نام نهاد محافظ چون تہ: "اگر علاقائیت کے فتنے کو بڑھنے دیا گیا تو ملک کی وحدت پارہ پارہ ہو جائیگی۔"

انهيءَ ذهنيت جي خلاف مون واقعي لکيو آهي ۽ جيڪڏهن هنن جي روش ۾ تبديلي نہ آئي تہ لکندو رهندس. ڇو تہ سنڌ جي تاريخ طرفان اهڙو مون تي فرض عائد ٿئي ٿو. جنهن ڏينهن منهنجو ذهن، قلم ۽ دماغ، سنڌ ۽ سنڌي عوام ۽ ڏتڙيل ڏوٽين جي خلاف استعمال ٿيو ان ڏينهن آءٌ پنهنجي قلم کي هميشہ هميشہ لاءِ ڇڏيندس!

منهنجي قلم کي ڪوئي حاڪم توڙي نٿو سگهي. صرف سنڌي عوام ئي هڪ اهڙي طاقت آهي، جيڪا منهنجي هٿ مان قلم ڦري سگهي ٿي. منهنجي جيءَ جي جهوناڳڙهہ ۾ هر وقت ساري سنڌ پنهنجي صدين جي سورن ۽ پورن سان موجود آهي. منهنجي دماغ جي درين کي سدائين سنڌ جي تاريخ جا ورق آيل مهمان وانگر ٻاهران کڙڪائي رهيا آهن. مون هر حالت ۾ پنهنجي ديس جي انهن ٻارڙن جي ڪپهہ جهڙن ڳلڙن تان ڳوڙها اگهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي مانيءَ ڳيڙيءَ لاءِ رات لڙيءَ تائين ماءُ جي سُڪل ڪک کي چنبڙي روئندا رهندا آهن. مون پنهنجي ڏرتيءَ تي ڏاهاڳڻ پيڙ جي مٽي تي پوتي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي قلم سج کان سهڻين، انهن سنڌياڻين جي حالتِ زار تي مرثيا لکي، پنهنجو فرض پوري ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي آهي، جن کي گهوڙن جي پڇن سان ٻڌي، گهلي بغداد جي گهٽين ۾ نيلام ڪيو ويو هو. مون دريا خان جي خونِ شهادت مان ڏيئا ٻاري، پنهنجي من جي مندر کي منور ڪرڻ جا جَتن ڪيا آهن. آءٌ تسليم ٿو ڪريان تہ مون اهو جرم ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس.

مون تي هڪ الزام هيءُ بہ آهي تہ مون قائداعظم: باباءِ قوم تي نُڪتہ چيني ڪئي آهي؟

آءٌ انهيءَ الزام جي جواب ۾ چوڻ چاهيان ٿو تہ:

1. جناح صاحب کي 'باباءِ قوم' سڏيو ٿو وڃي، تہ اهو آخر ڪهڙي قوم جو بابو آهي؟ نظريہ پاڪستان مطابق سڀ مسلمان هڪ قوم آهن، تنهن جي معنيٰ اها نڪتي تہ جناح صاحب پوري دنيا جي مسلمانن لاءِ 'باباءِ قوم' آهي؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ مسلمان ملڪن جو عوام اهڙي احمقانہ ڳالهہ ۾ڇڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار ڪو نہ ٿيندو پر جيڪڏهن صرف پاڪستاني قوم جو 'باباءِ قوم' آهي تہ اُن صورت ۾ مسلمان قوم وارو نظريو ڦري وطني قوم وارو روپ اختيار ٿو ڪري، ان صورت ۾ سنڌين کي بہ وطن جي بنياد تي هڪ قوم سڏائڻ جو حق ملڻ گهرجي، ۽ سندن 'باباءِ قوم' الڳ هئڻ گهرجي.
2. جناح صاحب، ملڪ جي باني هئڻ سان گڏ ملڪ جو گورنر جنرل بہ هو. ڪنهن بہ ملڪ جو گورنر جنرل، تنقيد ۽ نُڪتچينيءَ کان مٿي ۽ پاڪ نٿو ٿي سگهي. ڇو تہ ملڪ جي سربراهہ جي حيثيت ۾ هو هڪ سياستدان ۽ سياسي حيثيت ۾ ڏار ڏار فيصلا ڪندڙ آهي. موجوده جمهوري دؤر ۾ برسر اقتدار شخص ۽ پارٽيءَ جي فيصلن، حڪمن، ڪمن ۽ معاملن تي تنقيد دنيا جو مڃيل اُصول آهي.
3. انهن سيني ڳالهين کان قطع نظر جناح صاحب باباءِ قوم (Father of nation) آهي، تہ ڇا 'باباءِ قوم' تي تنقيد دنيا ۾ ڪٽي بہ برداشت نٿي ڪئي وڃي؟

مون دنيا جي تاريخ ۾ پڙهيو آهي تہ 'باباءِ قوم' تي تنقيد ڪئي وڃي ٿي ۽ اُن حق تي ڪو بہ اعتراض نٿو واريو وڃي. مثال طور، هندوستاني قوم جو بابو گانڌي آهي، ليڪن اُن تي

هندوستاني اخبارن ۾ ڪتابن ۾ جڏهين انداز ۾ تنقيد ٿيندي رهي ٿي. آمريڪا ۾ جارج واشنگٽن ۽ ابراهيم لنڪن تي تنقيد ڪئي ويئي ٿي. مصر ۾ جمال عبدالناصر تي ڇوهه ڇنڊڻ جي آزادي آهي. فرانس ۾ جديد فرانس جي مرد مجاهد ڊيگال مٿان نڪته چينيءَ تي ڪنهن به فرينچ رهواسيءَ کي ڪاوڙ ڪا نه ٿي اچي. انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو تي نه رڳو تنقيد ٿيندي رهي، پر ڪيس اقتدار تان به لاٿو ويو. انهن سڀني ڳالهين جي بنياد تي مون، جناح صاحب جي شخصيت تي تنقيد ڪئي آهي. مثال طور مون چيو آهي ته

(الف) 'هن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪٽي، سنڌي عوام جي تاريخي ورثي کان سنڌين کي محروم ڪيو.' مون لکيو آهي ته 'هن ڪراچي ڏار ڪرڻ وقت ايوب کهڙي جي وزارت برطرف ڪرڻ واري قدم کڻڻ سان جمهوري روايات جي خلاف ورزي ڪئي آهي.'

(ب) مون چيو آهي ته 'هن ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت کي ختم ڪري آمرانہ ذهنيت جو ثبوت ڏنو. جڏهن ته هو پاڪستان جي وفاداريءَ جو قسم کڻي چڪو هو.'

(ب) مون اهو به چيو آهي ته 'مهاجرن کي واپس وڃڻ واري گانڊيءَ جي تجويز رد ڪري'. هن ننڍي کنڊ جي عوام کي هميشہ لاءِ مصيبتن ۾ گرفتار ٿي رهڻ تي رضامنديءَ جي اظهار کان سواءِ سنڌ ۾ مهاجرن کي طاقتور بنائي، سنڌي عوام کي آزاديءَ جي فائدن کان محروم ڪرڻ واري قدم تي مُهر هڻي. 'صحيح ڪري ڇڏي'.

(پ) مون اهو به چيو آهي ته سنڌ اسيمبليءَ جي انتقال جِائداد واري بل کي هن گورنر جنرل جي حيثيت ۾ غير مؤثر بنائي. سنڌي مسلمانن جي جائدادن کي ڪليمن جي صورت ۾ مهاجرن وٽ منتقل ٿيڻ لاءِ راهہ هموار ڪئي.

(پ) مون اهو بہ چيو آهي تہ 'شايد دنيا جو هي واحد سياستدان آهي، جنهن جيل وڃڻ کان سواءِ ملڪ حاصل ڪري ورتو سو بہ مسلمانن جي پراڻي دشمن انگريز کان.'

ليڪن انهيءَ پوري تنقيد ۾ منهنجو لهجو معياري، شائستہ ۽ سنجيدو رهيو آهي. جيڪڏهن ڪٽي منهنجي لهجي ۾ تيزي بہ آئي آهي تہ اُن ۾ غير اخلاقي ۽ غير سياسي زبان استعمال ڪا نہ ڪئي اٿم. جيتوڻيڪ جناح صاحب جي وڪالت ڪندڙ اديبن، صحافين ۽ غير سنڌي سياستدانن، سنڌي مشاهيرن جي خلاف هميشہ بداخلاقيءَ واري زبان استعمال ڪئي. مثال طور:

ـ هنن لطيف کي عظيم شاعر مڃڻ کان انڪار ڪيو.

ـ هنن هوش محمد شهيد کي فرينچن جو بورچي لکيو.

ـ هنن سنڌ جي هاڪاري حاڪم جام پنهي کي جاهل، عياش ۽ سُست لکيو.

ـ هنن عظيم محب وطن، سنڌي رهنما حيدر بخش جتوئيءَ کي ڪچيون گاريون ڏنيون.

ـ هنن منهنجي ديس جي قومي اڳواڻ جي. ايم. سيد کي ڪافر، مُلحد، ڏهريو ۽ منافق سڏيو.

ـ هنن اسان کي غدار ۽ هندن جو غلام چيو.

ـ خود جناح صاحب جي موجودگيءَ ۾ لياقت علي خان سنڌين جي شاندار سيبتا کي 'گڏهن ۽ اُٺن هڪلڻ وارن ڏنارن جي واهيات ثقافت' چيو.

ليڪن اُن جي باوجود، جوابي طرح اسان اهڙو لهجو ۽ اهڙي زبان اختيار ڪا نہ ڪئي، پر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ هتي قانوني ڪارروائي ۽ سي. آءِ. ڊيءَ جون رپورٽون، يڪ طرفي ترئفڪ وانگر آهن. هنن جي هر بي لغامي بہ معاف آهي، پر اسان جي معياري تنقيد بہ ناقابل برداشت آهي. آءٌ نٿو سمجهان تہ سنڌي عوام اهڙي هلت ۽ روش هاڻي گهٽيءَ دير تائين برداشت ڪري سگهندو.

حرف آخر:

آخر ۾ آءٌ ايترو عرض ڪندس تہ هتي جي آفيسر کي صرف غلاميءَ جو ئي تجربو آهي. اُن کي صرف غلامي، محڪوميت ۽ فرمانبرداريءَ جي لذت معلوم آهي. اها غلامي هنن تي يونانين، ابرانيين، عربن، مغلن، غزنوين، غورين، خلجين، ارغونن، ترخانن ۽ انگريزن طرفان هڪ طرف ۽ ٻئي طرف ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ مقامي سامراجي دلالن طرفان مسلط ڪئي پئي وئي آهي.

هر دؤر جي حاڪمن هتان جي اڪثر عالمن، فاضلن، قاضين، مفتين کي نوڪريون، عهدا ۽ منصب ڏئي وطن دوست انسانن جي خلاف فيصلا پئي ڪرايا آهن.

هتان جي آفيسر ۽ منصف جو قلم، قاضي قاضن کان وٺي اڄ تائين وطن پرست انسانن جي ڳچيءَ تي تيز ڌار بنجي، تلوار وانگر وهندو رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ غير ملڪي حاڪمن جي هاڃن سان گڏ مقامي منصف جي ستم رانين جي ماتم کان بہ فارغ نہ ٿي آهي.

اُن سان گڏ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ جن بہ وطن فروش وڏن ماڻهن، ڌارين جي خوشي ۽ پنهنجي ذاتي مفاد خاطر پنهنجي قوم تي ظلم ڪرائڻ جي شروعات ڪئي آهي تہ سڀ کان پهريائين اُنهن ئي مفاد پرستن جو اولاد ڌارين جي تلوار جو ڪاڃ ۽ ظلم جو نشان بنيو آهي. چنيسر ڪُرسيءَ خاطر خلجين جي مصيبت، سنڌ تي وئي آيو ليڪن خلجين جي تلوار جو نشان عام سنڌين کان پهرين خود چنيسر جو پٽ ننگر بنيو. قاضي قاضن، ارغونن کي سنڌ ۾ وئي آيو ليڪن ارغونن جي تيليءَ جو پهريون پڙڪو قاضي قاضن جو گهر ٿيو ۽ هو پنهنجي غداريءَ ۽ وطن فروشيءَ جو مزو چکڻ لاءِ چريو ٿي ڏٺي جي گهٽين ۾ پنهنجا ٻار ٻچا ڳولیندو رهيو. اڄ بہ جيڪي ماڻهو قاضي قاضن ۽ چنيسر جي رستي تي هلي سنڌي وطن دوستن جي زندگيءَ سان کيڏڻ جي ڪوشش

ڪن ٿا، تن جي آندل مصيبت جو پهريون شڪار بہ سندن ئي اولاد ٿيندو. اهو تاريخ جو فيصلو آهي!


ڪاش! منهنجي وطن جي آفيسر ۽ منصف کي وطن دوستي ۽ آزاديءَ جو مزو ۽ لذت معلوم ٿئي. ڪاش! هن کي انهيءَ سَرور جو پتو پوي تہ آزاديءَ جي شرابُ جو ڏُڪ، انسان کي زندگيءَ جي ڪيڏي بلنديءَ تي پهچائي ٿو تہ هو يقيناً غلاميءَ جي ڪرسيءَ کي لت هڻي سوا ڪروڙ عوام جي ٻلائيءَ لاءِ پنهنجي ايندڙ نسلن جي مفاد خاطر اڄ مون سان گڏ مجرمن جي ڪٺهڙي ۾ بيهڻ کي پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز ۽ وقار سمجهي ها.


آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ منهنجي خلاف جيڪو بہ فيصلو ۽ سزا تجويز ڪئي ويندي، اُن کي ٻڌندي، مون کي 'ايترو بہ خوف نہ ٿيندو جيترو سزا لکندي وقت منصف کي ٿيندو ۽ مون کي قوم جي اهڙن فرزندن تي ڪو بہ افسوس ڪو نہ ٿيندو جيڪي منهنجي خلاف فيصلو ڏيندا، چو تہ مون کي خبر آهي تہ اهي هڪ اهڙي سسٽم ۾ جڪڙيل آهن، جتي رهي هو ان کان مختلف فيصلو ڪري ئي نٿا سگهن.' (ابو الڪلام: 'قول فيصل').


آءٌ هڪ انقلابيءَ جي هن قول تي پنهنجي صفائيءَ [واري بيان] کي ختم ٿو ڪريان تہ "ديس واسيو! جڏهن ڪائي شام ڪنهن دوشيزه جي اُڏامندڙ رَئي وانگر آزاديءَ جو جهنڊو کولي، اُن وقت آسمان ڏانهن ڏسجو ستارن جي محفل ۾ آءٌ توهان کي مرڪندو نظر ايندس.!"


عبدالواحد آريسر


قيدي ڊي. پي. آر
بي ڪلاس، سينٽرل جيل،
ڪراچي، وارڊ نمبر 13
15 سيپٽمبر 1976ع



ٿين دور جا ٽوان
چار درويش
عبدالواحد آريسر


چاتہ
شخص
ھو!
عبدالواحد آريسر


مٽيءَ
ھاڻا
ماڻھو
ٽوائيٽ ٽين
عبدالواحد آريسر


ڪچيءَ
گانا لوھ جا
عبدالواحد آريسر


تاريخ
سان
تحريت
تام جوبو


انڊيلٽ
ريڪائون
عبدالواحد آريسر